

نئین زندگی

خاص نمبر
"یوم پاکستان"

مارچ
۱۹۶۳ء

(۱)



پاڪستان ۾ پاڻي جي ذخيرن جي ترقي

(۲)

(۳)





10208
2-1-74

۴

(۱) بنون ۾ "باران بند" جو
صدر پاڪستان فرمائي رهيو

(۲) مالا ڪنڊ ايجنسيءَ ۾ پا
مدد پاڻ ڪرڻ جي اصول ت
بند تيار ٿيو آهي.

(۳) "ناڙي بولان بند" تيا
آهي، جنهن جي ذريعي هڪ
علائقو آباد ٿيندو.

(۴) پاڪستان جو مشهور سنگ
جو هنڌ، جنهن جي تيار ٿيڻ ک
اولهه پاڪستان وڏيڪ سائوءَ
بنجي ويندو.

(جاري ٿيل آڪٽوبر ۱۹۴۸ع کان)

سالياني قيمت
چار روپيا

نئين زندگي

(ڪراچي)

خاص نمبر
قيمت ۵۰ پئسا

(خاص نمبر يوم - پاڪستان)

تار جو پتو: "INTERFAP" ايڈيٽر:— عبدالواحد سنڌي ٽيليفون نمبر ۸۷۵۰۰

|| جلد [۱۶] || مارچ ۱۹۶۳ع || نمبر [۳] ||

سلهه جو هنڌ :-

* ۱ پاڪستان ۾ : پاڪستان پبليڪيشنس پوسٽ باڪس ۱۸۳ ، ڪراچي—۳

* ۲ هندوستان ۾ : "پاڪستان پبليڪيشنس، معرفت پاڪستان هاءڪميشن، شيرشاه ميس روڊ، نئين دهلي (هندوستان)

(هن پرچي ۾)

سر ورق جي تصوير، قائد اعظم (رح) جي مقبري جي ماڊل جي رنگين نقشو آهي . (سائنس ڪرانيڪل ۽ ٽيڪنيڪل ريسورسيس جي شڪريه سان)

— نثر —

ڪالهه هولهه ——— (اداريو) ۳

پاڪستاني ادبين جي نالي صدر پاڪستان

جو پيغام (مترجم : عزيزالرحمان پگهيو) ۵

قائداعظم جا فرمودات (پاڪستان جو نظريو) (ورتل) ۶

آخوند قاسم جي سنڌي شاعري — شيخ عبدالرزاق "راز" ۸

سچل سرمست جي عارفانه شاعري تي هڪ نظر —

پروفيسر لطف‌الله بدوي ۱۲

سنڌي مقاله نگاري — پروفيسر احسان بدوي ۱۷

"پونر پري آڪاس" (اپياس) — عبدالحق "عظيم" - ۲۵

انجمن حمايت اسلام لاهور — مترجم رسول بخش ڪتري- ۳۰

مرحوم محمد صديق "مسافر" — احمد خان آصف — ۳۵

ميان محمد سرفراز ڪلهوڙو - ماهتاب منور عباسي ۳۷

جرنل ٽوٽو جيئن ..... (نانڪ) - سراج — ۴۰

اٽين ٻ ٽينڊو آ ..... (افسانو) - ثريا ياسمين — ۴۶

— نظم —

سچل جو عشقناموـ— مترجم "حامي" خيرپوري ۱۳

قلندر شهباز مرونديي — حافظ احسن چنا — ۱۳

"ست ساهيڙيون" — عاصي ڪلهوڙائي - ۱۳

"اسان جي دل ۾ قومي درد آهي" — حليم مير ڪوٽي ۱۴

سدا موج مستيءَ ۾ مهراڻ آهي — قمر نواب شاه ۱۵

منهنجا وطن ! ——— عبدالڪريم پلي ——— ۱۶

"وطن منهنجو آ دين ايمان منهنجو" — "مشتاق" ۱۶

ڪافي ——— محمد خان "غني" ۱۷

"نئون سال آيو" ——— لهر ڪيٽوي ۱۷

قطعه ساز ——— محمد حسن ساز ——— ۱۷

ضروري اطلاع "نئين زندگي" جي ايندڙ پرچي ۾ علامه اقبال جي زندگي، پيغام ۽ شاعريءَ تي خاص مضمون ۽ فوٽا ڏنا ويندا. اميد آهي تہ سنڌي اديب انهيءَ ڏس ۾ قلمي تعاون فرمائيندا. (اداريو)

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindhi Studies, Jamshoro.

گالهه ڀولهه

۷۱۱ع کان ۱۸۵۷ع تائين، برصغير پاڪ و هند ۾ مسلمان، ڪهڙي نڪهڙي صورت ۾ حڪمراني ڪندا رهيا. انهيءَ عرصي ۾ مسلمانن برصغير جي بهتري ۽ پلائي لاءِ انتهائي ڪوششون ڪندا رهيا. مسلمان برصغير جي سياست، ادب، فن- تعمير، موسيقي، ملکي سڌارن ۽ عوام جي پلائي جا ڪم نهايت خلوص سان ڪندا رهيا. برصغير پاڪ و هند ۾ مسلمانن جي انهن ڪوششن جون نشانيون زندگيءَ جي هر شعبي ۾ اڄ ب نهايت نمايان طرح نظر اچن ٿيون. يارهن سون ورهن جي مدت جي تاريخ شاهد آهي تہ مسلمانن حڪومت سان گڏوگڏ برصغير جي رهاڪن جي خدمت ۾ نهايت دلسوزيءَ ۽ خلوص سان پئي ڪئي آهي.

قانون- قدرت جي مطابق "هر ڪمالي را زوالے" ۱۸۵۷ع جو منحوس سال مسلمانن تي اچي ڪڙڪيو، جڏهن سندن حڪومت تي انگريزن اچي قبضو ڄمايو ۽ مسلمانن کي ان ڪانپوءِ لڳاتار سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پيو. مسلمانن اڳواڻن انهن مشڪلاتن جو مقابلو نهايت صبر ۽ سڪون سان ڪيو.

قدرت پاران برصغير جي مسلمانن جي رهبري لاءِ ڪي غير معمولي شخصيتون پيدا ٿيون، جن مسلمانن کي غلاميءَ جي ڪڏمان ڪڍي آزادي جي رستي تي آڻي ڇاريو. انهن مان هڪ نمايان شخصيت سر سيد عليه الرحمته جي هئي، جنهن شڪست خورده قوم کي پنهنجي ڏاهپ ۽ دانائي سان منظم ڪري، آزاديءَ لاءِ تيار ڪيو.

برصغير پاڪ و هند ۾ ڪيترين قومون ۽ ڪيترا مذهب موجود آهن، پر هندو ۽ مسلمان سڀ کان وڏيون ٻ قومون آهن. هندو گهٽائي ۾ آهن ۽ مسلمان گهٽ تعداد ۾. آزاديءَ جي لڙائيءَ جي زماني ۾ مسلمانن گهڻي کوشش ڪئي تہ کڙي طرح پاڙ يسري قوم سان گڏجي رهن، پر هندو قوم پنهنجي گهٽائيءَ جي گهمنڊ ۾ ڪنهن ب ڳاه تي تيار نہ ٿي، نتيجو اهو نڪتو، جو مسلمانن پنهنجي جدا وطن حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون شروع ڪري ڏنيون.

اڄ کان ۲۳ سال اڳ لاهور ۾ راوي درياجي ڪپ تي ۲۳ مارچ ۱۹۴۰ع تي برصغير پاڪ و هند جي مسلمانن قائد اعظم محمد علي (رح) جناح جي رهبري هيٺ هڪ جدا ملڪ پاڪستان جي نالي ۾ حاصل ڪرڻ جو عهد ڪيو. برصغير جي مسلمانن جي متحده مطالبي اڳيان انگريزن هندو قوم کي جهڪڻو پيو. سال ۱۹۴۷ع ۾ هن مستحڪم فيصلي آزاد پاڪستان جي نقشي ۾ روپ ورتو. اهو سڀڪجهه قائد اعظم محمد علي (رح) جناح جي رهبري سبب ممڪن ٿي سگهيو. هينئر ڏٺي جي مهرباني ۽ سان اهو ملڪ ڏينهون ڏينهن ترقي ۽ خوشحاليءَ ڏانهن وڪ وڌائي رهيو آهي. پاڪستاني قوم ۲۳ مارچ نهايت اهم تاريخي ڏينهن آهي، چو تہ انهيءَ تاريخ تي پوري قوم آزاد پاڪستان حاصل ڪرڻ جو پڪو ارادو ڪيو هو. اهو ڏينهن قوم نهايت شان و شوڪت سان ملهائيندي آهي. انهيءَ عهد جي ياد ملهائيندي آهي ۽ پاڪستان جي خوشحالي ۽ ترقيءَ لاءِ نئين سر عهد ڪندي آهي.

"ادارو نئين زندگي" انهيءَ قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پڙهندڙن کي مبارڪبادي ڏيندي ياد ڏياري ٿو تہ هينئر پاڪستاني قوم تي ٻيٽيون ذميداريون آهن. هڪ پاسي ملڪ جي سرحدن جي حفاظت ۽ ٻئي پاسي ملڪ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ جدوجهد ڪرڻ. اچو تہ هن قومي ڏينهن جي موقعي تي پنهنجي پياري ملڪ جي حفاظت ۽ خوشحالي لاءِ نئين سر عهد ڪريون.

هن اشاعت ۾ پنجين صفحي تي رائيٽرس گلڊ جي چوٽين سالگره تي صدر پاڪستان جو ادبين جي نالي پيغام ۽ آدم ادبي انعام جو تفصيل ملاحظہ فرمائيندا اپريل جي پرچي ۾ انعام پائيندڙن ادبين جا فوٽا ڏنا ويندا.

مترجم حامي خيرپوري

سچل سرمست جو "عشقنامو"

اسان پنهنجي همدرد دوست عطا محمد حامي خيرپوريءَ جا شڪر گذار آهيون، جنهن قرب ڪري سچل سائين جي فارسي ڪلام جو منظوم سنڌي ترجمو شروع ڪيو آهي. هيءُ سلسلو باقاعده جاري رهندو سين کان اڳ "عشقنامي" جو ترجمو پيش خدمت آهي. (ادارو)

عشق مان آدم خدا پيدا ڪيو،
ان کي مخلوقات ۾ اعليٰ ڪيو.

پنهنجي مخفي راز جون رمزون رکي،
ان کي سونپيائين امانت عشق جي.

گهر ولي دنيا ۾ هو آباد ٿيو،
انت ۾ بي انت آيو شاد ٿيو.

سچ سراسر آهي جيڪي ٿو چوان،
ڪجهه ڪجهاندر ڪالهه ظاهر ٿو ڪيان.

آدمي ناهي اهو الله آهه،
جا بجا موجود شهنشاه آهه.

پاڻ خالق سڀ جو مظهر پاڻ ٿيو،
دوردوئي کي ڪري ڏس، ناهي ٻيو.

جوڙ جوڙي پاڻ هر شئي ٿيو خدا،
ان کي ٻيو چاڻ خطا آهي خطا.

پاڻ خالق پوش انساني ڏڪي،
آدمي جي نام سان آيو هتي.

گودڙي ۾ لعل آيو هٿ لڪي،
جوش ڪائي مئي صراحي ۾ پئي.

جو ڪجهه آهي سو اهو آهي هتي،
ظاهر ۽ باطن ٻيو ناهي هتي.

دو جهان جي مير يعني مصطفيٰ،
سر بسر اسرار جنهن ظاهر ڪيا.

سو محمد ۽ احد هڪ ڄاڻ پڪ،
هڪ ٿيا سي هڪ ٿيا آڄ نه شڪ.

جنهن انا احمد ڇيو ٿي بار بار،
جنهن ڪيا اسرار ظاهر بيشمار،

سو محمد ۽ علي ٻئي هڪ ٿيا،
شڪ نه آڄ هن عقيدي ۾ صفا.

"عشقنامو" نام ٿيو هن نظم جو،
هن قلم کي حڪم رحماني ٿيو.

چند بيتن ۾ ٿيو پورو ڪلام،
تنهنجي ڪاغذ کي پڙهن جڻ خاص عام.

منهنجي هٿ ۾ اوچتو آيو قلم،
جنهن لکي ڪاغذ مٿان روداد غم.

دل ۾ دريا ٿيو روان اهڙي طرح،
موج ۾ موجون اچن جهڙي طرح.

ٻڌ ذرا منهنجي زباني هي بيان،
عشق جي رمزن کي ظاهر ٿو ڪيان.

تاج شاهي عشق جو سر تي رکي،
آدمي عالم کي بخشي روشني.

بيت ۽ گفتا نه آهن مون وٽان،
هي ڪجهيون ڪالهيون ڀلا آيون ڪٿان.

ڪنهن وٽان هي راز ظاهر ٿي ٻيو،
ڪير آهي، جنهن اهو گفتو ڪيو.

هن حقيقت سخت عبرت ۾ وڏو،
مونکي عبرت بعد حيرت ۾ وڏو.

ايترا ظاهر ڪيا اسرار ڪنهن،
هي سيئي نڪتا ڪيا نروار ڪنهن.

مونکي سمجهايو هي منهنجي پيشوا،
پير عبدالحق حقيقي رهنما.

حق جو گهر آدم جو گهر ٿيو بيگمان،
ان جي ذات پاڪ جو آهي بيان.

تون نه آهين، آهي هو چڏ هاءِ هاءِ،
بحر وحدت ۾ اها هستي وڃاءِ.

دل ۾ حق جي هيڪڙائي ٽي رهي،
بن چپن ۾، پر ٻيائي ٽي رهي. (هلندڙ)

مترجم : عزيزالرحمان بگهيو

اديب پنهنجين قابليتون قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ استعمال ڪن

(رائٽرس گلڊ جي چوٿين سالگره جي موقعي تي، صدر پاڪستان، فيلڊ مارشل محمد ايوب خان جو پاڪستاني اديبن جي نالي پيغام)

صدر پاڪستان، پاڪستان جي اديبن کي قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجون قابليتون ۽ صلاحيتون استعمال ڪرڻ جي تلقين ڪندي، رائٽرس گلڊ جي چوٿين سالگره جي موقعي تي پنهنجي ڏنل پيغام ۾چيو آهي ته هن وقت اسان جي آڏو، جيڪي اهم مسئلا آهن، تن مان پاڪستان جي نظريه واري بنياد تي قوم ۾ اتحاد ۽ اعتماد پيدا ڪرڻو آهي ۽ هن ڪالهه ۾ ڪنهن قدر شبهو آهي ته سڀني اداراڻ مڃين ڪ جي ذميداريءَ ۾ پوري ويت جت ۽ جاءِ مان ڪم نه ڪري رهيا آهن، ان ڪري اهو ليکڻ تي لازم ٿيو پوي، جاڪاڻ ته هو پنهنجي ماحول جي طبعي، فڪري ۽ روحاني پهلوئن جي نه فقط چٽسالي ڪن ٿا، بلڪ ان تي اثر به وجهن ٿا.

نالو اديب	انعام
۱- محترمه خديجه مستور	پنج هزار روپيا
۲- محترم جعفر طاهر	پنج هزار روپيا
۳- محترم قاضي عبدالحنان	پنج هزار روپيا
۴- محترم شوڪت عثمان	پنج هزار روپيا
۵- محترم شيخ ايازسڪر	هڪ هزار روپيا
۶- محترم جهامنداس پائيا	اڍائي سو روپيا
۷- محترم سائين فيروز	هڪ هزار روپيا
۸- محترم آصف خان لاهوري	اڍائي سو روپيا
۹- حڪيم عبدالڪريم ثمر	اڍائي سو روپيا
۱۰- محترم افضل حسين لائلپوري	اڍائي سو روپيا
۱۱- محترم فضل حق شيدا	هڪ هزار روپيا
۱۲- محترم ميجر ايس. اي. رحمان	اڍائي سو روپيا
۱۳- محترم محمد اعظم خان "اعظم"	اڍائي سو روپيا
۱۴- شاه افضل خان	اڍائي سو روپيا

صدر پاڪستان وڌيڪ چيو ته اسان جو معاشرو گهڻي حد تائين خرابين ۾ ڦاٿل آهي، جن کي رڪو قانون جي آذار تي دور نٿو ڪري سگهجي، تنهن ڪري بچڻ جي خرابين جي دور ڪرڻ جي ليکڻ تي وڌيڪ ذميداري عائد ٿئي ٿي.

صدر پاڪستان فرمايو ته ليکڻ جي هٿن ۾ تاريخ جي ذاري کي موڙڻ لاءِ طاقتور هٿيار يعني "قلم" آهي ۽ ان کي ملڪ ۽ قوم جي پلائي لاءِ استعمال ڪرڻ گهرجي ۽ اهو ليکڪ سون کان وڌيڪ چاٽن ٿا ته ملڪ جي بهتري ۽ پلائي لاءِ کهڙيءَ طرح قلم استعمال ڪري سگهجي ٿو.

صدر پاڪستان، ليکڪن کي يقين ڏياريو ته جيڪڏهن توهين قوم ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ لاءِ پنهنجون صلاحيتون ۽ قابليتون استعمال ڪندا ته توهان کي منهنجو مڪمل تعاون حاصل رهندو. آڇ توهان اديبن جي آزادانه راءِ، آزاديءَ فڪر ۽ پروگرام ۾ گهري دلچسپي رکان ٿو.

قائد اعظم (رح) جا فرمودات

"پاڪستان جو نظريو"

۱۰ مارچ ۱۹۴۱ع تي قائد اعظم عليگڙھ يونيورسٽي جي يونين ۾ مسلمان نوجوانن جي سامھون "پاڪستان جي نظريہ" جي وضاحت ڪندي ھيءَ تقرير ڪئي ھئي جنھن جا چند ٽڪر ھيٺ پيش ڪيا وڃن ٿا. (ادارو)

"حقيقت" اھا آھي تہ "لاھور واري قرارداد" ۾ جيڪو ڪجھ لکيل آھي، سو فقط انھن جذبن ۽ امنگن کي ظاھر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آھي، جيڪي ھن وقت ھندستان جي ھر ھڪ مسلمان جي دل ۽ دماغ ۾ وڏيءَ تيزيءَ سان دور ڪري رھيا آھن. اسان مسلمان فقط "ھڪ جدا مسلمانن جي حڪومت" ٿا چاھيون، مگر ھن پڌرائيءَ جو نتيجو اھو نڪتو آھي، جو سڀني ھندو اخبارن ۽ ڪانگريس جي حلقن ۾ سخت بيچيني پکڙجي ويئي آھي ۽ مخالفت جو ھڪ وڏو طوفان کڙو ڪيو ويو آھي، مگر مختلف اخبارن جي غلط بيانن ۽ اجائي واويلا ڪرڻ سان، اسان جي حالتن ۽ ارادن ۾ ڪنھن بہ قسم جو ڦيرو ڪونہ آيو آھي. مان اڳتي ڪيترا دفعا پڌرو ڪري چڪو آھيان تہ انگلنڈ ۽ ٻين مغربي ملڪن ۾ جيڪو جمھوري حڪومت جو سرشتو ھلي رھيو آھي، سو ھندستان لاءِ ھرگز ڪارائتو نہ ٿيندو. اھوئي سبب آھي، جو ڪانگريسي اخبارن مون تي "ھندستان جي آزاديءَ جو دشمن"، ھئڻ جي تھمت مڙھي آھي، مگر مان ھاڻي ڏسي رھيو آھيان تہ منھنجي ھن سادي ۽ سليس بيان جي سچي حقيقت ھينئر آھستي آھستي سڀني جي دلين تي روشن ٿيندي ٿي وڃي.

حقيقتن کي مھين ڍڪ ڪڍي

"ياد رکڻ گھرجي تہ ھرڪا اھا شيءَ، جيڪا انساني زندگيءَ لاءِ ضروري حيثيت ٿي رکي، ان ۾ ھندن ۽ مسلمانن جو اختلاف آھي. مان صاف لفظن ۾ اظھار ڪرڻ چاھيان ٿو تہ حقيقتن کان اکين ھوڻ منجھان کي کين ورندو. خود ھندن ۾ ئي ذات جا ڪيترا ئي جدا جدا فرقا آھن ۽ پنھنجو پاڻ ۾ جمھوريت پور کائڻ ٿي ٿھين، تنھن ھوندي بہ جمھوريت جي الفت ھو اوچتو اھڙا تہ اڙجي ويا آھن، جو "جمھوريت جمھوريت" کان سواءِ، انھن جي زبان تي ٻيو ڪو لفظ جاري ڪينھي.

"تازو بمبئيءَ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي فقط ھندو لاءِ ھڪ جداگانہ ۽ الڳ ٽانگ "تڙ جو تلاءُ" ٺھرايو ويو آھي. سمنڊ جي ايڏي اٿاھ پاڻيءَ ۾ بہ، ھو مسلمانن سان گڏ جي وھنجن ۽ ترڻ لاءِ تيار نہ آھن. مان ھندن جي جذبن ۽ احساسن جي توھين ڪرڻ ھرگز نٿو گھران، مان تہ پاڻ ھر ھڪ مائٹھوءَ جي مذھبي معاملن ۽ جذبن جو احترام ڪندو آھيان. ھنن ڳالھين جو حوالو محض انھيءَ ڪري پيش ڪري رھيو آھيان، جو مان دنيا کي ڏيکارڻ ٿو گھران تہ ھندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ ڪيڏو اختلاف آھي. ھندستان جو قانون انھيءَ نظريي تي برپا ڪرڻ، تہ ھندن ۽ مسلمانن ۾ کو اختلاف ڪونھي، اھو قدم ڏاھپ وارو ھرگز ٿي نٿو سگھي. اھڙين روشن حقيقتن ۽ ڪليل مشڪلاتن کان منھن موڙي، جيڪڏھن ھندو پاڻي سارو جمھوريت جو نظام ھندستان تي مڙھيندا تہ انھيءَ ۾ ھو پنھنجو پاڻ لاءِ ھڪ وڏو نقصان پيدا ڪندا. جمھوريت جو قسم جيڪو ھو ھندستان تي نازل ڪرڻ ٿا گھرن، اھو صفا ناممڪن آھي. انھيءَ جو سبب اھو آھي تہ چڊي پاڊي جمھوريت کي ڪامياب بنائڻ لاءِ بہ جيڪي خاص حالتون گھرجن، اھي ھتي ھندستان ۾ ناپيد آھن. اھڙيءَ جمھوريت برپا ڪرڻ جي خيال کي جيترو جلد ترڪ ڪيو وڃي، اوترو چڱو.

خود مختيار مملكتون

"انهيءَ کري هڪ وڏي خوض ۾ غور ڪرڻ
کان پوءِ، اسان "لاهور واري قرارداد" منظور ڪيو
هي، جنهن موجب مسلم اڪثريت وارن علائقن جهڙوڪ،
تر اولهه هندستان ۽ آتر اوپر هندستان ۾ "جدا جدا
ود مختيار مملڪتون برپا" ڪرڻ جون سفارشون
ڪيون ويون آهن، ۽ اقليتن لاءِ پنهنجي پنهنجي
جلڪتن ۽ علائقن ۾، ملڪ جي قانون هيٺ، سلامتيءَ
، ڀهوديءَ جو ڪافي لحاظ رکيو ويو آهي. هن قرارداد
کان پوءِ، ڪنهن وڏي ذهن ۽ ذڪاءَ، يا ڪنهن
خاص قانون ساز جي ضرورت ڪانهي، جيڪو تقسيم يا
رهاڻي جي مسئلي کي سمجهي سگهي. معاملو باڪل
ليس ٿي ڇڪو آهي، ۽ هرڪو عقل وارو ان کي
سانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، مگر افسوس
هڙي گهالهه آهي جو ڪانگريس ۽
يا هندو پارٽيءَ وارا، هن منصوبي جي خوبين تي غور
ڪرڻ بدران، اڄايو ان کان خوف زده ٿيا ويا آهن،
ن تہ ڪوپوت يا راڪاس اچي مٿان ڪڙڪيو اٿن.

"اها هڪ حقيقت آهي تہ پاڪستان ڪن صدين
کان برپا آهي، اڄ ۾ پاڪستان قائم آهي ۽ دنيا جي
اتمي تائين قائم رهندو. اهو رڳو اسان کان عارضي
ور ڪسيو ويو آهي، جيڪو هاڻ اسان کي موٽائي
ڏيڻو آهي. سوچو گهرجي تہ "مسلم ليگ" آخر چوي
ا ٿي؟ ليگ جو چوڻ آهي تہ جن هنڌن تي مسلم اڪثريت
هي، اهي جدا ڪيا وڃن ۽ اتي ٿوري گهڻي حدن
ي ڦير ڦار ڪري، جدا آزاد ۽ خود مختيار مملڪتون
ٺہ ڪيون وڃن. هيءَ گهالهه تہ پاڻ هندن جي فائدي
آهي. هن منصوبي هيٺ هندستان جا ٻہ حصا هندن
ا رهندا، جتي هو خود مختيار مملڪت قائم ڪري
سگهن. انهن کي پنهنجي حصي تي ڪفايت ڪرڻ
هرجي. سارو هندوستان هنن کي ڏڻ ٻہ ملي
ڪونہ ٿو سگهي. ان اوهان کي ڀڏائڻ ٿو گهران تہ
طانيه ۽ ڪانگريس جي حلقن ۾ اها هلچل زور وٺي
هي آهي، تہ پنهي قومن جا مفاد انهيءَ تقسيم واري
نصوبي هيٺ ٿي بخوبي حاصل ٿي سگهن ٿا."

اڳتي هلي قائد اعظم فرمايو تہ "پاڪستان منجهان
اسان جو مطلب فقط هڪ زمين جو طبعي حصو ناهي،
بلڪ انهيءَ پاڪستان جي ذريعي ٿي اسان اسلام کي
هن ملڪ جي سر زمين تي برباديءَ ۽ تباهيءَ کان بچائي
ٿا سگهون. هن منزل تي پهچڻ لاءِ اسان کي هڪ وڏو
سفر ۽ ڪشالو درپيش آهي. پاڪستان وجود ۾ تہ
اچيئي آهي، اسان کي رڳو ان کي هٽ ڪرڻو آهي.
آزادي حاصل ڪرڻ آسان آهي، مگر ان کي برقرار
رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. انگلنڈ ۽ آمريڪا آزاد ۽ خود
مختار ملڪ آهن، مگر اهو ڏسڻو آهي تہ آزاديءَ جي
انهيءَ درجي تي پهچڻ لاءِ انهن کي ڪيترا نہ ڪشالا
کيڙا پيا هٽاء.

"اسان کي ٻہ هر وقت انهن مشڪلاتن کي منهن
ڏيڻ لاءِ تيار رهڻو آهي، تنهنڪري اوهان پاڻ کي
جلد طاقتور بڻايو ۽ پنهنجن ماڻهن کي تعليم، تجارت،
صنعت ۽ دفاعي ڪمن لاءِ تيار ڪريو. آزادي، چرخن
ڪتڻ سان حاصل ڪري يا برقرار رکي نٿي سگهجي.
اسان کي پنهنجن گهرجن ۽ پنهنجن محبوب ۽ مرغوب
اصولن کي بچائڻ لاءِ جنگ جي ميدان ۾ نڪرڻو پوندو.
پاڪستان جو حاصل ڪرڻ اوهان جي هٿ ۾ آهي.
جيتوڻيڪ هندستان جنگ عظيم جي اثر کان باهر آهي،
پر تڏهن ٻہ هندستان جي اندر جنگ هردم پئي ٿي
هلي سان اوهان کي ايبل ٿوڪريان تہ توهان کي هر
ممڪن حادثي لاءِ تيار رهڻ کپي. عليگڙهه، مسلم
هندستان جو فوجي مرڪز آهي، اوهان ان جا بهترين
سپاهي آهيو. ٻهراڙين ۾ نڪري وڃو. پنهنجن ماڻهن کي
تعليم ڏيو، انهن جو معيار زندگي بلند ڪريو ۽ ڪين ٻڌايو
تہ اسان جي آخري مراد ڪهڙي آهي. هنن کي ٻہ غلاظت
۽ گمراهہ ڪرڻ لاءِ تمام گهڻا ماڻهو ڪوشان آهن.
جيڪڏهن اسان جي معاملي کي ٻهراڙين وارا سمجهي ويا،
تہ پوءِ پنهنجي منزل مقصود جي طرف آساني سان قدم
کڻي سگهنداسين."

شيخ عبدالرزاق "راز"

سنڌي شاعري گذريل هڪ سو ڏهن سالن ۾

۳ — آخوند قاسم

هن کان اڳ مون گذريل اشاعت ۾ "بيدل" جي شاعريءَ تي مختصر نموني تبصرو ڪيو آهي، جيتوڻيڪ بيدل جي شاعريءَ جو تعلق ڳڻتي ڪري قديم صنف شاعريءَ سان آهي، ليڪن منهنجي موضوع "سنڌي شاعري گذريل هڪ سو ڏهن سالن ۾" جي هڪ خاص ڪڙي آهي منهنجو مقصد صرف جديد صنف شاعريءَ جي بحث تائين محدود ڪين آهي. اسان جي شاعريءَ ۾ جديد ۽ قديم صنفون گڏو گڏ هلنديون آيون آهن ۽ انهن جي لاڙن جو پاڻ ۾ قريبي رشتو آهي، تنهن ڪري اهي سنڌي شاعري جي تصوير جا به رخ آهن ۽ ڪنهن به هڪ کي نظر انداز ڪرڻ گريز آهي. البته منهنجو هن موضوع ۾ جديد شاعري ڏانهن نسبتاً ڪجهه خاص توجه رهندو. خليفي "گل" جي ڪلام سان اسان جي جديد شاعريءَ جي ابتدا ٿئي ٿي ۽ سنڌي ادب جي انقلاب جو دور شروع ٿئي ٿو. تنهن ڪري مون گل جي ڪلام کي واضح ڪرڻ جي حتي‌الوسع ڪوشش ڪئي آهي، پر منهنجو بحث اڃا ڪجهه تشنه ۽ نامڪمل آهي ۽ ڪيترائي سوال منهنجي دماغ ۾ بار بار اڀري رهيا آهن، ليڪن آءٌ جواب ڏيڻ کان قاصر رهجي ويو آهيان. اميد ته ڪوئي دوست منهنجي نظريات جي‌مدنظر انهن سوالن کي ذهن ۾ آڻي جوابن هٿ ڪرڻ جي تحقيق ڪندو.

گل کان پوءِ اسان جي جديد شاعريءَ ۾ آخوند قاسم جو نالو اچي ٿو. قاسم جي ديوان جي مطالعي کان پوءِ اهو سمجهيم ته قاسم جي ڪلام جي هيئت، مواد اسلوب جي مدنظر تمهيدي بحث ڪري پوءِ ڪلام جي خوبين ۽ خامين جو تجزيو پيش ڪريان. قاسم جو ڪلام غزل جي بناوت ۽ شڪل ۽ صورت ۾ شايع ٿيو آهي جنهن لاءِ صوري اعتبار کان صوري لوازم ۽ خصوصيا جي ڄاڻ ۾ ضروري آهي.

غزل ۾ هڪ ئي وزن ۽ هڪ ئي قافيه، جا ڪجهه اشعار ٿيندا آهن. پهرين شعر جون ٻئي مصرعون هم قافيه هوندڙون آهن، جنهنڪي مطلع چئبو آهي. اشعار جو تعداد ڪن کان پنجاه تائين ٿيندو آهي. شعر جي مڪمل صنف، جذبات - شباب يعني حسن و عشق جي مضامين لاءِ پڻ ڪئي ويئي آهي ۽ اهوئي غزل جو خاص امتياز آهي، ليڪن سنڌي شاعري ۾ جيئن مون خليفي گل جي شاعري تي بحث ڪندي سندس غزل کي ڪيترن ئي موضوعات ۾ تقسيم ڪيو آهي، تنهنڪري سنڌي شاعريءَ ۾ غزل جو بنياد مختلف مضامين تي تيار ٿيو آهي ۽ اهڙي شروعات جو سهرو خليفي گل جي سر آهي.

سنڌي تذڪره نويسن پنهنجي خوش فهمي جو ثبوت پيش ڪندي قاسم جي غزل کي مختلف مضامين ۾ تقسيم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ليڪن مون ان جي برعڪس راءِ قائم ڪئي آهي ۽ ڪنهن نتيجي پهتو آهيان. قاسم هڪ غزل گو شاعر هو، جنهن جديد صنف شاعري کي پنهنجي اظهار جو ذريعو بڻايو آهي. قاسم قديم صنف شاعري ۾ به طبع آزمائي ڪئي آهي، ليڪن اها جديد شاعري جي ڪثير مقدار کري ڏجي ويئي آهي تنهنڪري آءٌ قاسم جي ديوان جي شاعري متعلق گفتگو ڪندس. قاسم جي شاعري صوري لحاظ کان نج غزل جي شاعري آهي، جنهن ۾ ڪٿو تٿو حسن و عشق جو

عنصر غالب ۾ ڪارفرما آهي. جنهن ۾ نہ تصوف آهي ۽ نہ ڪا حقيقت نگاري، سيرت نگاري يا منظر نگاري جو ۾ فقدان آهي. ڪهڙو ڪري اخلاقي مضمون کي نظم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي. جنهنکي انهيءَ دور جو هر سنڌي شاعر پنهنجو اخلاقي فرض سمجهندو هو.

غزل ۾ غنائي شاعريءَ جو غلبو رهندو آهي. حسن و عشق جي داخلي جذبات ۽ قلبي واردات جي بيان ۽ غنا جي رعايت جو خيال ڪيو ويندو آهي. غنائي شاعري انساني فطرت جي جذباتي پهلوئن سان زياده تعلق رکيڻ ۽ سندس پرجوش جذبات ئي طبيعت ۾ تحرڪ پيدا ڪرڻ ۾ معاون ۽ مددگار ثابت ٿين ٿا. لئي ۽ وزن، خيال ۽ زبان، غنائي شاعريءَ جا بنيادي عنصر آهن. قاسم ڪان اڳ گل جي شاعريءَ ۾ به غنا جو عنصر ملي ٿو، ليڪن ڪيترن جاين تي سندس ناموس متروڪ ۽ ثقيل الفاظ ۽ قافيا غنائيت کي ختم ڪيو ڇڏين ٿا. قاسم انهيءَ ڏس ۾ زياده احتياط رکيو آهي ۽ هن زبان، بحر، قافيو ۽ موضوع کي سليقي سان استعمال ڪري سنڌ کي غزل ۾ غنائي شاعري سان روشناس ڪرايو آهي. جيئن ته قاسم، گل جو اجتماع ڪيو آهي تنهنڪري سندس شعر غزل جي بنيادي خصوصيات کان خالي ڪين آهي، جيتوڻيڪ قاسم سنڌي غزل کي ترقي ڏيارڻ ۾ ناڪام رهيو آهي، ليڪن ايترو اعتراف ضرور ڪبو ته قاسم غزل کي پنهنجي جاءَ تي قائم رکڻ ۾ ڪامياب ضرور حاصل ڪئي آهي. قاسم جي غزل ۾ جيتوڻيڪ فڪر گهٽ آهي، پر منجهس سادگي گهرائي ۽ اثر ضرور آهي. جيڪي غزل جون بنيادي خوبيون آهن. گل جهڙو دماغ قاسم ون ڪونہ هو جنهنڪري خيالات موضوعات ۽ مضامين ۾ ڪو اضافو ڪين ٿيو. قاسم وٽ رسمي مضامين، جيڪي غزل جي شاعريءَ ۾ صدين کان رائج ٿي چڪا هٿا سي موجود آهن، ليڪن تن سان گڏ اهڙا اشعار به ملن ٿا جيڪي ذاتي واردات ۽ واقعات تي مبني آهن. عشق پرستي شوق وصال- محبوب جي بيوفائي وغيره سڀ شامل آهن. ٻئي طرف ڪجهه عالمانہ ۽ عارفانہ مضامين به موجود آهن. الهي عشق، رسول-مقبول سان محبت، شريعت تي عمل جو تاڪيد، گناهن جو اعتراف ۽ توبه ۽ معافي جي اميد، علم جو حصول، ۽ ڪٿي ڪٿي نفسي ۽ اثبات جي چاشني وغيره اهڙي قسم جا مضامين آهن.

قاسم جي مضامين جو ڪافي ذخيرو موجود آهي سندس شاعريءَ جو گهڻو حصو "شاعرانہ صناعي" جو نمونو آهي، جنهن ۾ جذبات، ڪيفيات ۽ احساسات جو عنصر گهٽ آهي. ۽ ڪاريگريءَ جو حصو زياده آهي، جنهنڪري عروض، فني اصول، صحت زبان جو خيال رکيو ويو آهي، ليڪن تفڪر ۽ تخيل جي گهٽتائي آهي. تنهنڪري سندس ڪلام ۾ آمد گهٽ ۽ آورد زياده ڪارفرما آهي ۽ سندس شعري آرٽ بلڪل سڌو سادو آهي. قاسم جو معاشرتي ۽ معاشي ماحول سازگار هو، جنهنڪري سندس طبيعت سوز گداز کان آزاد هئي ۽ سياسي انقلاب جو اثر به خير کي ڏسجي ٿو.

عشق ۽ عاشقي جي ڪيفيات ۽ واردات جو جائزو هيٺين چند منتخب اشعار مان ولي سگهجي ٿو. انهيءَ جايزه کان پوءِ اسان سندس عشقه شاعري جي باري ۾ ڪا راءِ قائم ڪري سگهون :-

"جي امانت عشق جي آڻين بجا
حشر ۾ تن تي نہ هوندو ڪو عذاب"

مٿين شعر ۾ ڪهڙي نہ سادگي آهي ۽ حقيقت جو اظهار بيساخته ڪيل ٿو ڏسجي. ڪٿي به تصنع جو شائبو نڏو ملي. شعر جي پاڪيزگي کان انڪار نڏو ڪري سگهجي. فيصلي جو قطعي طور انڪشاف شاعر جي مستحڪم ارادي جي عڪاسي ڪري ٿو.

"ڪو سندئي محب سور ناهي مٽ
چاه وارا ڪرين هزارين چٽ"

محبوب جي تعريف مختلف لفظن ۾ ڪئي ويئي آهي.

مصرع ثاني ۾ محبوب جي حسن جي بيان سان گڏ سندس ڪارڪردگي جو ذڪر شگفته پيرايي ۾ ڪيل آهي.

"هيڪ سان هلجي يگاني يار وٽ
دوست دلبر دل گهرائي دلدار وٽ"

دل جو ڪيفيت جو اظهار آهي. اسلوب بيان ۽ ڪنهن به قسم جي بناوٽ کان آهي سادگيءَ سان دوست جي خصوصيت جو بيان ۽ قاسم جو هيڪ سان هلڻ جو انداز ڪڙو ۽ نه دنشين نظر اچي ٿو.

نه چاڻن نشو نيهن جو، لاءِ تن
ڪري پَر پيالو پيارڻ عبث،

بي ذوق ۽ بي حس انسان، محبت ۽ عشق جي لذت کان آشنا آهي. سندس دل ۾ درد ئي ڪونه آهي. اهڙي ماڻهوءَ تي محنت ڪرڻ اجائي آهي.

"زلف تنهنجي زهد وارن کان نيو
صبر جو سامان ساري الغياث"

شاعر، زاهدن جي صبر استقلال ڏانهن اشارو ڪندي، محبوب جي زلف رسا جو ذڪر ڪيو آهي. هڪ سادي ۽ صاف پيرايي ۾ ڪنهن وڏي حادثي جو انڪشاف ڪيو آهي.

"غرض ڪريان وٽ عجيبن عجز سان
پت پرين پنهنجي نه پارڻ آهي پاپ"

اظهار بيساختگي، شاعر جي عظمت جي دلالت آهي. عاجزي ۽ انڪساري سان عرض ڪندي به قاسم پنهنجي محبوب کي وعده خلافي جي نتيجي کان آگاه ڪري ٿو.

"سانءُ مون کا مهرباني يار ڪج
گوش رک، گوشو ڪنا اغيار ڪج"

صنعت حرفي جي استعمال ڪرڻ، قاسم پنهنجي شعرن ۾ فصاحت جو روح ڦوڪي ڇڏيو آهي. نڊيڊي بحر ۾ قاسم وٽ غنائي شاعري جا ڪيترائي خوبصورت مثال موجود آهن.

"اوچتو منهنجن اکين سان آب تيئن جاري رهي
جيئن پوي ڪنهن ويل وهندڙ واه کي ڪو ڪاپ ڪنڊ"

جدائي جي ڪيفيت جي رد عمل جو اظهار ۽ انجي لاءِ سنڊي تشبيه گهڙڻ شاعر جي ڪاميابي آهن.

"دوست ديرو جڏهن ڪيم دل ۾
تات ان جي لڳيم تمام لڏيڏ"

سادو خيال، سادن لفظن جي ويس ۾ هڪ دلڪش ڪيفيت جو اظهار ٻڌجي پوي ٿو. قاسم جا چند اشعار تفريح طبع لاءِ پيش ڪريان ٿو:-

"هل هيڻن سان حبيب ڏي هر بار
ڪم اچين ڪين قاصدا ئي ڪار"

"رات هاتف اهو ڏنم آواز
ناز وارن سندو وڃي ڏس ناز"

"نه چاڻان يار ملندم يا نه ملندم
طب تڪرار کان آءٌ ڪيئن ڪريان بس"

"صبحدم بلبل ڪيا سورن سماع
گل چڏي گوندر ويو ويٽي وداع"

"حسن تنهنجي ڪيا همه حيران
محب مشفق مروارون ماڻ"

"پرت جو پيرپاڻ پائين ٿو پوءِ وري محب منهن لڪائين ٿو
پيءُ پيالو پريت جو ڀريم اڄ گهٽا گهور سان گهائين ٿو"

مندرجه بالا اشعار ۾ لفظن جي سادگي ۽ مضامين جي پاڪيزگي شاعر جي اعليٰ ڪردار جي ضمانت آهي. ليڪن چند اشعار، مٿين دعويٰ کي ڪن عام دوست حضرات جي نظر ۾ شڪ جو شڪار بڻائين ٿا. جن مان ڪجهه شعر هيٺ ڏجن ٿا.

منجهه اندر آيوم غيرت جو غبار
يار کي ويندڙ ڏسي اغيار وٽ

رقيبن سان رکي ٿو رمز توڻي
ڏسڻ ديدار کان آءٌ ڪيئن ڪريان بس

نه پت آهي پيمان شڪن يار تي
ته ڪاذب سندس پڻ قسم ٿو ڏسان

قاسم جو يار ڪير هو، انجي خبر پڌجي نٿي سگهي.

صدر پاڪستان ، ڪلنا ۽ راجشاهي ڊويزن جي بنيادي جمهوريتن جي ميمبرن ۽ عوام جي سامهون پاڪستان جي اهم مسئلن تي تقرير فرمائي رهيو آهي .



ڊاڪا ۾ بنيادي جمهوريت جا ميمبر ، صدر پاڪستان سان هٿ ملائي رهيا آهن .

”جامعه تعليم ملي ماير“ ۾ جامعه جي ڏهين سالگره جي موقعي تي ، صدر پاڪستان اتي جي آرٽ گيلري ۾ سر سيد جي تصوير کي غور سان ڏسي رهيو آهي

صدر پاڪستان ، ڪوئٽه ۾ قلات ڊويزن جي اعليٰ آفيسرن سان ترقي ۾ جي اسڪيمن تي گفتگو فرمائي رهيو آهي . ↓

صدر پاڪستان فيلڊ مارشل محمد ايوب خ جون ۽ صروفيت



پورين جنوري ۱۹۶۳ع تي صدر پاڪستان، فيلڊ مارشل محمد ايوب خان، جامعه تعليمي ملي ملير، ڪراچيءَ جي ڏ
مالگره جي تقريب جي صدارت فرمائي هن صفحي تي ان موقعي تي ورتل ڪي تصويرون ڏنل آهن. (۲)



(۱) مڙان :—

ـدر پاڪستان مجلس
ـليم ملي ڪراچي جي
ـدر سان گڏ شاگردن جي
ـلاسي ولي رهيو آهي.

——(.)——

(۲) هيٺيان :- ڊاڪٽر
ـحمود حسين صدر مجلس
ـليم ملي پاڪستان، صدر
ـڪستان فيلڊ مارشل
ـحمد ايوب خان جي
ـدمت ۾ سپاس نامو پيش
ـڪري رهيو آهي. ساڄي
ـي مجلس تعليم ملي
ـڪستان جو سيڪريٽري
ـٽر عبدالحي نظامي
رهيو آهي.

اها ۽ خبر نڏي ٿوي تہ مرد هو يا عورت. جيڪڏ هن قاسم فارسي شاعريءَ جو اتباع ڪيو آهي تہ ٿي سگهي ٿو تہ شايد سندس محبوب مذڪر هجي ۽ مٿس هنديت جي اثر ڪري مؤنث ٿي سگهي ٿو.

ٽين صورت ۾ شاعر جي ذهن ۾ فقط تصوراتي محبوب هجي ۽ قاسم کي ٻنه ڪنهن سان محبت ٿي ڪانہ هجي ۽ هن محبت کي فقط سخن جو موضوع بڻايو هجي. بهر حال مٿين شعر ۾ قاسم جو يار اغيار وٽ وڃي ٿو ۽ قاسم تي غيرت جو غبار غالب ٿي وڃي ٿو پر وري قاسم ساڻئي واقعي جو ٻئي نمونو ذڪر ڪري ٿو سندس محبوب رقيبن سان رمز رکي ٿو ۽ شاعر جي غيرت جو غبار سرد پئجي وڃي ٿو ۽ محبوب جي انهيءَ قدم تي کو اعتراض نٿو ڪري ۽ پنهنجي دل جي خواهش جو اظهار ڪري ٿو جيڪا محبوب جي ديدار لاءِ ڪيس آماده ڪري رهي آهي ۽ هو ديدار تي ٿي قانع رهي ٿو انهيءَ ڪري ٿي مٿس ناڪامي ۽ مايوسي جي واردات ٿي ڪاڻ گذري آهي ۽ هو هر چيز برداشت ڪري ٿو.

آخري شعر ۾ محبوب جي شڪايت ۾ قاسم هڪ قدم اڳتي وڌي ويو آهي گهٽو ڪري شاعرن پنهنجي محبوب جي وعده شڪني جو ذڪر وقتاً فوقتا ٻڌي ڪيو آهي، ليڪن قاسم کي پنهنجي يار جي قسم تي ۽ اعتبار ڪين آهي. شايد سندس محبوب قسم ۾ ۽ ڪوڙ و ثابت ٿيو آهي. منهنجي مٿين جائزي مان معلوم ٿيندو تہ قاسم وٽ فڪر گهٽ آهي جنهنڪري مضامين جي ۽ گهٽتائي آهي. محبوب جي ذڪر سان گڏ رقيب کي پيدا ڪرڻ هڪ شاعري روايت آهي. ٿي سگهي ٿو تہ قاسم جو محبوب ۽ خيالي هجي ۽ رقيب ۽ خيالي!

گل اسان جي جديد سنڌي شاعري جو پهريون پٿر رکيو تنهنڪري جو جديد شاعريءَ جي تحريڪ جو باني آهي. آخر گل ائين چو ڪيو ۽ هن متقدمين جي ٽيڪنڪ کي يڪلخت نظر انداز چو ڪيو. انهيءَ جا ڪهڙا اسباب هٿا. فارسي تہ هن سر زمين تي ايامن کان وڌي رائج هئي فارسي ٽيڪنڪ کان سنڌ جو تعليم يافته چگهيءَ طرح واقف هو. اصلوڪي اسلوب بيان ۾ ڪهڙي قيامت هئي. اهي سڀ ڳالهيون تحقيق طلب آهن.

بهر حال آخوند قاسم اهڙي شاعريءَ جي بنياد جو ٻيو پٿر نصب ڪيو ۽ اسان جي شاعريءَ جو موجوده محل انهيءَ بنياد تي تعمير ڪيو ويو آهي، تنهنڪري قاسم ۽ سنڌي ادب جي هڪ محسن جي حيثيت رکي ٿو. بيان جي سادگي ۽ زبان جي شائستگي، قاسم وٽ زياده آهي. قاسم سنڌي ٻوليءَ جي آبياري ڪئي آهي. ليڪن سندس اشعار، سندس زندگيءَ جي صحيح تصوير پيش ڪرڻ ۾ ناڪام رهيا آهن.

آءٌ انشاءالله ٻئي صحبت ۾ قاسم جي دور جي هڪ ٻئي مشهور شاعر حضرت فاضل جي ڪلام تي تبصرو ڪندس.

* گهرو زندگيءَ ۾ هڪ دلچسپ ساٿي *

ماهنامو حور، لاهور

عورتن جو هي مقبول عام ماهنامو گذريل ٽيهن ورهين کان جاري آهي. هر شريف گهر ۾ پسند ڪيو وڃي ٿو. مضمون: اصلاحي ۽ دلچسپ، پاڪيزه افسانا ۽ سبق آموز آکاڻيون، ان کانسواءِ کاڌي پچائڻ جون ترڪيبون. نٽنگ ۽ ايمبرائڊري جا نوان ۽ ديده زيب خوبصورت ڊائزائن پيش ڪيا ويندا آهن. سالياني چند و فقط ڇهه روپيا پنجهٽر پئسا.

حور جو عظيم‌الشان سالنامو ۱۹۶۳ع تي شايع ٿي رهيو آهي. هن خاص نمبر حاصل ڪرڻ لاءِ اڄ ئي پنهنجو خريداري آرڊر موڪليو.

ايڊريس:

دفتر رسالو "حور"، حور اسٽريٽ برانڊرٿ روڊ لاهور

پروفيسر لطف الله بدوي

سچل سرمست جي عارفانہ ڪلام ٿي هڪ نظر

سنڌ جي شاعرن جو ڪلام، اسان کي عوام جي دلين ۾ زنده نظر اچي ٿو، انجو هيءَ سبب آهي ته، هو قال ۽ حال جا صاحب هئا. سندن سخن آفريني ۽ طبيعت جو فڪر انهيءَ لاءِ نہ هوتو بزم-سخن جي جذباتي نعرن کي هڏي خوش ٿين، يا پنهنجي تعلي ۾ زمين جون طنابون ڇڪي آسمان سان ملائين، مگر صحيح معنيٰ ۾، انسانيت جا علمبردار بنجي، سامعين جي قلوب ۾، پنهنجي پيغام کي پهچائيندا رهن. اهڙو ڪلام يقيناً غيرفاني ٿئي ٿو. شاه عبدالطيف ڀٽائي جي وصال کانپوءِ، سنڌ جي شاعرن ۾، سچل سرمست جو اسم گرامي امتيازي حيثيت رکي ٿو. سچل سرمست جي سوانح نگارن مان، هڪ ابتدائي لکڻ واري، هن روايت کي پيش ڪيو آهي، ته "شاه صاحب، جڏهن رازن ۾، فقير صاحبڏنہ فاروقي سان چار چشمي لاءِ پهتو هو. تڏهن سچل سرمست کي ننڍپڻ ۾ ڏٺو هئائين، فرمايو هئائين ته "اسان جيڪو ڪنو ڇاڙهيو آهي، اُنجو ڏاڙهي نينگر لاهيندو." هيءَ وڏي ۾ وڏو اعزاز هو، جو ننڍپڻ ۾، سچل سرمست کي اهڙي عارف کان حاصل ٿيو هو، جنهن جو عارفانہ ڪلام، وجد ۽ حال جي صاحبن جي زندگي جي ساز جي تارن تي، هميشه مضراب جو ڪر ڏيندو رهيو آهي، مگر موجوده دور جي ڪن نقادن هن حقيقت کي، ڪا ڇگي چيز نہ سمجهيو آهي. مٿيون جملو جو شاه صاحب جي زبان فيض ترجمان مان نڪتو هو، ان ۾ سچل سرمست جي تعريف ٿي نظر اچي ۽ ڪوبہ ذم جو پهلو نہ آهي. ڏيٿو، ڏيٿي کان روشني ونڊندو آهي. جيڪڏهن اڻين آهي ته شاه صاحب جي قول جي اصليت هٿ ڪهڙ جي. هيءَ ناحق شناسي ٿيندي، جو سچل سرمست کي، سندس هڪ عظيم پيشرو جي اعزاز کان محروم رکيو وڃي. بهر حال هن حقيقت کان انڪار ٿي نہ ٿو سگهي ته شاه صاحب ڪانپوءِ، سنڌ ۾ سچل سرمست جي ذات گرامي، پنهنجي عارفانہ ڪلام سان، ان شمع کي اجاگر ڪيو، جنهنجي روشني جو وقت گذرڻ سبان- جهڪي ٿيڻ جو امڪان هو. سرمست جو ڪلام جو اسان وٽ، سنڌي، سرائڪي، اردو يا فارسي ۾ موجود آهي، اهو تصوف جو بحر بي ڪنار آهي، جنهنجي گهراين ۾ وڃڻ لاءِ، هڪ اهڙي غواص (ٻوڏي) جي ضرورت پوندي، جنهنجي دل ۽ دماغ ۾، عرفاني قوت غير معمولي طور موجود هجي. سرمست جو ڪلام رکو قال نہ آهي، پر حال ۽ آهي. جو صاحب حال نہ آهي، سو سندس قال کان ڪهڙو استفادو حاصل ڪري سگهي ٿو. رومي سچ فرمايو آهي:-

"دی شیخ با چراغ همی گرد- شهر
کز دام و دد ملولم و انسانم آرزو است."

(ترجمه: ڪالهه شيخ، ڏيٺو هٿ ۾ ڪٿي، شهر جي چوڏاري ڦرندو ٿي رهيو. (چيائين) ته هن دام ۽ مڪاري کان تنگ آيو آهيان ۽ ڪنهن انسان جي آرزو اٿم.)

موجوده دور جي ڪن خود پرست شاعرن مان، کو ڪٽي خيام ۽ حافظ کي رومي تي ترجيح ڏئي ته اِهو کو قول حقيقت تي مبني نہ آهي. رومي اِهڙن جذباتي انسانن لاءِ فرمايو آهي:

"علم را بر تن زنی، مارے بود
علم را بر دل زنی، یارے بود"

علم کان جيڪڏهن صحيح فڪر ۽ عمل جي قوت حاصل ٿي نہ سگهي ته بقول مرزا قليچ بيگ "دفتر لکيو ته چا ٿيو؟" شعر ۽ فڪر ٻئي لازم و ملزوم شيون آهن،

جيڪڏهن شعر ۾ سخن جي مشق، صالح فڪر ڪان خالي آهي تہ اهو رڳو هڪ سراب آهي، جو پري کان هڪ مرڪھ جي لاءِ ترشنا جو سبب بنجي ٿو. اڳرا ڪتاب چونڊ ديده زيب جلدن ۾ محفوظ رکيا وڃن، پر اهي ڪڏهن بہ صحيح مقام ۾ منزل جي رهنمائي ڪري نہ سگهندا. جيڪڏهن ڪنهن شاعر ۾، اها قوت پيدا ٿي نہ سگهي تہ ڪانئس اڳ بہ سوين قصيده گو، غزل گو ۽ رباعي نگار شاعر، دنيا کان وسري چڪا آهن ۽ زنده دوام جو شرف ڪن ٿورن کي نصيب ٿيو آهي. اگرچه "فن" جي ڪسوٽي تي، هو پورا لٿا، مگر "من" جي ڪسوٽي تي، هو ڪامياب ٿي نہ سگهيا. هي اها محروميت آهي، جا ان خود پرستن جي هر تمنا کي برباد ڪندي رهندي آهي. سندس شعر ۾ شاعري جو اڏيل محلات، تار عنڪبوت جي ذرڙن وانگر هوا ۾ اڏامي هميشه لاءِ غائب ٿي ويندو آهي. شاعري جو صحيح مفهوم روسي جي نظر ۾ هيءَ آهي :-

"شاعری جزويست از پيغمبری"

شاعري جيڪڏهن پنهنجي پيغام کان بدنصيب آهي تہ انجي زندگي پاڻيءَ تي ڦوٽي مثال آهي، ڪنهن کي ضرورت پٽي آهي تہ اُن کي پڙهي ۽ پنهنجي وقت کي ضايع ڪري؟ اِنهيءَ ڪسوٽي تي سرمست جي ڪلام کي وڏي اهميت حاصل آهي. محبت الاهي جي وڻجاري وٽ ويندي ٿي، خبر پئجي وڃي ٿي تہ وٽس ڪهڙو نايابَ وڪر موجود آهي. هن کان اڳ ۾، جو سرمست جي شاعري تي تبصرو ڪيو وڃي، هن حقيقت کان آگاه ڪرڻ ضروري آهي تہ صوفيانہ شاعري جي ترڪيب جا ڪهڙا جزا آهن ؟ حقيقت ۾ هيءَ بحث تڏهن ٿي سمجهہ ۾ آڇي سگهي ٿو، جڏهن اسان تصوف جي نشو نما ۽ ترقي تي غور ڪريون. جڏن تہ هن عنوان تي، سنڌي زبان ۾ گهڻو ڪجهہ لکيو ويو آهي، انڪري، هتي اُن تحقيقاتي بحث ڏيڻ مان ڪو فائدو نہ ٿيندو. جيتري قدر معلوم ٿئي ٿو تہ صوفين جي خروش، درد ۽ والهاڻ زندگي جي ترڪيب سان ٿي شاعري وجود ۾ آئي آهي. دل ۽ جيڪڏهن جذبات جي ڪثرت هوندي آهي، تہ زبان مان فرياد بي اختيار نڪري ويندي آهي. صبر آزما منزلن کان گذرندي، هڪ صوفي پنهنجي جذبي کي مترنم نغمي جي صورت ۾، هيءَ زمزمہ سنجي، صوفي جي اصطلاح ۾ "سماع" سڏبو آهي. خدا بهتر ٿو ڄاڻي تہ صوفي جي دل، ڪهڙي نظاري کان متاثر ٿي. پهريائين شعر، پوءِ سماع ڇانجي آخري منزل وجدتي پهچي ٿي. جنهنجو نتيجو اڪثر "مرڪ ناگهاني" ۾ بنجي پوندو آهي. جيڪڏهن صوفي جي درد دل جي ڪيفيت تي اعتبار ڪيو وڃي تہ هن ڪائنات جي هر موهيندڙ چيز، انجي لاءِ، "پرڪيف نغمي" پيدا ڪرڻ جي دعوت آهي. شيخ فريدالدين عطار سچ فرمايو آهي :-

کفر کافر را و دين ديندار را،
ذرئہ درد دل عـــطار را.

مان هتي ڪوشش ڪئي آهي تہ "صوفيانہ شاعري" جي رنگ کي، باهرين آلايش کان بچائي، سندس صحيح زيبائي کي چٽو ڪري ڏيکاريان، مگر بنارس جي فارسي شاعر علي "حزين" جو هي قول ۽ ياد رکڻ جي قابل آهي تہ "تصوف شعر چوڻ لاءِ عمدو رستو آهي." شيخ علي حزين جي هن قول ۾ شايد صداقت جو گهٽو عنصر هجي، مگر سنڌ جي شاعر ۾ مفڪر، سچل سرمست جي ڪلام ۾، واردات قلب ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ نظر نہ ايندو. سندس ڪلام هيءَ خود رفتگي، ڪڏهن بہ مصنوعي نہ آهي. هڪ هنڌ دوست جي فراق کان بيچين ٿي فرمائي ٿو :-

"آءِ ڪانگا! ڪا پرين جي ڳال ڪر
واعدو ڪيءِ ڪالهہ سو هر حال ڪر.
۱- ڪٽن ڏٽو تو دوست منهنجو ديس ۾
خوش ڏٽيءِ، هو ڪهڙي ويس ۾

سا خبر مون سائ توں في‌الحال ڪر

۲- هت فراق آ ماريو، پيو چـا چوان
سور منهنجي ساهه ڪي نت نت نوان
اڄ، آڇي خاطر منهنجي خوشحال ڪر

۳- جي حضوري ۾ سندس حـاضر ٿئين
زاغ زاري مـان اهـي نياپا ڏئين
لڳ خدا، سارو "سچو" جو سوال ڪر."

هن شعر جي اندر جا جذبات جي فراواني موجود آهي، اها فقط ڪانءَ جي ڪان ڪان جي محتاج نه آهي، پر حقيقت ۾، قلب جي مٿان دوست جي فراق جو بـار آهي، جنهن ننڍي جي صورت ورتي آهي. هيءَ آهي واردات قلب جو حضور! ڪانءَ جي لات کي ڪير نه ٿو ٻڌي، پر ڪنهن کي ٻڌي آهي، جو هو چوي:-

"آءٌ ڪانگا ڪا پرين جـي ڳال ڪر."

سندس ڪلام ۾، صداقت کي قريب، اهڙيون به حقيقتون ملن ٿيون، جن کي سنڌي زبان جي موزونيت ۾ شايد پهريون شرف مليو هجي، جئن فرمائي ٿو:-

عشـق عـطا الاهي ملدا،
نهين ڪوئي ڪسب ڪماوڻ دا.
ڪر تان ڪنهن هٿ نه آندا،
سر تي آبـر وسـاوڻ دا.
مين تان ڪنهن ٿون، مول نه سٽيا،
هيـرا هـٽ ٽهـاوڻ دا.
"سچو" سودا سـردا ڪيـتا،
جـهـرا ڏينهن چـلاوڻ دا.

هي تصوف جو اهو پهريون پيغام هو، جنهن کي شاعر پنهنجي مخصوص انداز ۾ پيش ڪيو، ڪائنس پوءِ، هر صوفي شاعر، ان جي تقليد ڪئي ۽ ساڳي رنگ کي، ڪنهن ٻي نوع ۾ پيش ڪندو رهيو. حقيقت ۾ عشق الاهي، هڪ عطا الاهي آهي، ان تي هر هوسناڪ پهچي سگهي، اهو ڏاڍو مشڪل آهي: حضرت بايزيد بسطامي بابت، سوانح نگارن جي ڪتابن ۾ هڪ ڳالهه آئي آهي ته هڪ دفعي، هن بارگاه الاهي ۾، عرض ڪيو ته "اي پروردگار، تو تنهنجي محبت ڪرڻ وارن جو انداز، آگرين تي ڪٽڻ جيترو آهي؟"

ندا آئي ته "بايزيد ڪڏهن بقال جي دڪان تي ويو آهين؟"

بايزيد جواب ڏنو ته "پروردگار، ڪيئي ڀيرا بقال جي دڪان ڪان گذر ٿيو اٿم."

وري آواز آيو ته "اتي ڇا ڏٺو اٿيئي؟"

بايزيد عرض ڪيو ته "خدا يا، بقال جي دڪان تي هر گهڙي، خريدارن جو هجوم هوندو آهي."

وري آواز آيو ته "ڪڏهن جوهري جي دڪان تي ويو آهين؟"

بايزيد عرض ڪيو ته "خدا يا اتان به گذريو آهيان، مگر انجي دڪان تي ورلي ڪو خريدار نظر ايندو اٿم."

ندا آئي ته "اسانجي محبت به جوهري جي دڪان جي مثال آهي، جنهن تي عام جي دسترس مشڪل آهي."

سرمست هن سلسلي ۾ فرمائي ٿو:-

۱- عقل شرم سيءُ چوڙڏتوسي جان عشق ڏنو اولارو،
۲- اکيان کول ته ظاهر ويکين سير سچڻ جو سارو،
۳- پرجهي پير اوڏانهين پايو موت آڻوها ڪارو،
۴- سيءُ سچيڏنا چوڙ سنياها وره ڪيو جان وارو،

شعر، شاعر جي دل جو آئينو هوندو آهي. انهيءَ ۾ ڪوشش نه آهي ته سرمست سلوڪ جي راه جو پورو واقف هو ۽ رمز خدا آگاهي جو پورو پورو ڄاڻو هو، ورنه هن شطحيات لکڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي:-

ساروئي سر آهي، ڪائي سچل، ڪائي ذات سچل جي
موج حباب درياه ڪڙا ڪيا، جاڻج ڪو شڪ ناهي
پنهنجي پاڻ پسڻ جي ڪارڻ، ٿاهه لکين ٿو ٿاهي،
عاشق، عشق، معشوق اهوئي، ڏانءُ ڏاڍو ڪيو ڏاهي

جلال‌الدين رومي به فرمائي ٿو:-

آن لجه چه عين آن موج
آن موج چه بود عين دريا.

صوفي جي سامهون، هي عالم نيست جي برابر آهي. جئن ته انجي کابه حقيقت نه آهي، هو کنهن غير حقيقي چيز جي مطالعي کان گريز ڪري ٿو. هو پر کار وانگر پنهنجي مرڪز تي قائم رهي ٿو ۽ انجي چوڌاري پنهنجي خيال ۽ اعمال سان چڪر لڳائيندو رهي ٿو. انڪري سڀئي صوفيانه حرڪتون، روحاني تجربي جي حيثيت رکن ٿيون. انڪري هي عشق، وجد، مستي، بيخودي ۽ سماع جون متضاد حالتون، ائين ڪٽي چٽجي ته الهامي آهن. جن کي هر ڪو ڪن سمجهي نه ٿو سگهي. ايمرسن، آمريڪي نقاد سچ چيو آهي ته "انهن شخصيتن کي انهن جهڙائي سچائي سگهن ٿا، پيا ماڻهو سندن انڪار ڪندا رهندا." حافظ به اهڙي ئي تلقين ڪري ٿو:-

بمي سجاده رنگين کن گرت پير مغان گويد
ڪ سالک بيخبر نبود زراه ورسم منزلها

جيڪڏهن عميق نگاه سان ڏٺو وڃي ته روح هڪ چمڪندڙ آئينو آهي، جنهن ۾ صوفين جي تصور موجب، خدا تعالي جي حسن جي تجلي جو ظهور آهي. اهو روح ان چنگ جي تار وانگر آهي، جو کنهن مغني جي ٽوڪ سان هميشه لرزندو رهي ٿو ۽ وصال جو طالب آهي. انهيءَ صوفيانه وصل جو ذڪر، اسان کي، هر صوفي شاعر جي شعر ۾ نظر اچي ٿو. سرمست فرمائي ٿو:-

عاشق يار دسامان ماريا ٽيا انا الحق اظهارا
شمس طلوع جڏان وت ڪيتا تاريڪي ڪون تنهن وت نيتا
گم ٽيا ستارا ستارا
عشق جڏهن آفتاب اپاريا ليکا چوکا کل وساريا
ڪٽي لک شمارا شمارا
سچو سچ لکاوڻ ناهين اي تما سر چپاوڻ ناهين
شاهي مار نغارا نغارا

رومي انهيءَ سلسلي ۾ فرمائي ٿو:-

مانند طفل اندر شکم، من پرورش دارم زحق
يکبار زايد آدمي، من بارها زائيدا ام
بردامنم گرد فنا نه نشست هرگز اے گدا
در باغ وبستان بقا گلها فراوان چيده ام!

پنهي شاعرن جي تخيل ۾ ڪيڏي نه يڪسانيت نظر اچي رهي آهي. حسن ۽ عشق جي حقيقتن سان سرمست جي شاعري، لبالب نظر اچي ٿي. فريدالدين عطار، پنهنجي مشهور تصنيف "منطق الطير" ۾، شيخ صنعان جي هڪ اهڙي تمثيل لکي آهي، جنهن کي پڙهندي، روح جي اندر بي چيني محسوس ٿئي ٿي، مگر سرمست جي ديوان آشڪار ۽ اهڙو سوزو گداز، هرهڪ جاءِ تي نظر اچي ٿو. فرمائي ٿو:-

مے فروشم، دين و ايمان کس خريدار آوريم
خويش راچون شيخ صنعان زير زنار آوريم
چونکه ما مانند عنقا، دائما در گردشم
کے خيال همچو کرگس سوئی مردار آوريم
شاه عشق اندر دل آمد هر حکايت محو شد
اندريں ميدان عشقش سر بدار آوريم
سر متاب از عشق هرگز تا شوي تو آشکار
بهر رسوائے ملامت روببازار آوريم

(مئي فروش آهيان، پنهنجي دين ۽ ايمان کي، ڪنهن خريدار کي ڏيڻ جو انتظار آهي،
پاڻ کي شيخ صنعان وانگر، جٽئي جي هيٺان آڻڻ گهرانڻو.
جئن ته مان عنقا وانگر، هميشه گردش ۾ آهيان،
مان ڪڇه وانگر مردار جي طرف خيال ئي نٿو ڪري سگهان.
عشق جو بادشاه منهنجي دل اندر آيو، پي سڀ ڪا ڪالهه مونکان وسري چڪي،
انجي عشق جي ميدان ۾ پنهنجي سر کي قاهي تي ڏيڻ گهرانڻو.
عشق کان هرگز منهن نه موڙ، تان دنيا ۾ آشڪار ٿي،
ملامت ۽ بدنامي جي لاءِ بازار ۾ وڃڻ گهرانڻو.)

اڪثر صوفي شاعرن جي ڪلام ۾ وحدت الوجود جا نڪتا موجود آهن ۽ ائين معلوم ٿئي ٿو ته، سندن شعر ۽ شاعري، فقط ان اصول جي تبليغ آهي ۽ بس. وحدت الوجود جي مسئلي تي ماڻ، تفصيل سان لکڻ نٿو گهران، چوته ان تي سنڌي زبان ۾ گهڻو ڪجهه لکيو ويو آهي، ان سان موافقت به ٿي سگهي ٿي ۽ مخالفت به. ماڻ هتي، هن مسئلي بابت مختصر لکندس.

شوڪت بخاري فرمائي ٿو:-

"غريق بحر وحدت جلوه كثرت نمی بيند
ز زير آب نتوان ديد، موج آب در يارا"

(وحدت جي سمنڊ جو غريق، ڪثرت جي جلوه کي ڪٿان ڏسي سگھندو، چوتہ پاڻي جي هيٺان پھچي، دريا جي موجن کي ڪيئن ڏسي سگھبو.)

شوڪت بخاري جي خيال جي تائيد، امام غزالي جي تحريرمان ٿئي ٿي، جيتوڻيڪ امام موصوف وحدت في الڪثرت جو قائل هو، مگر، صوفين جي مبالغہ انگيز خيالات جي رو ۾، هو هن چوڻ کان رهي نہ سگھيو آهي تہ "جيڪڏهن، ڪنهن شخص آئينو نہ ڏٺو هجي ۽ ان ۾ پنهنجي صورت ڏسي، ائين سمجهي تہ هو آئيني جي اندر سمائجي ويو آهي، تہ اهو غلط نہ آهي، پر جيڪڏهن ڪو شخص آئيني ۾ پنهنجي صورت ڏسي ائين چوي تہ آئينو انجي صورت آهي تہ اهو خيال پهرين کان زياده هلاڪت خيز آهي." حقيقت ۾، جڏهن هڪ صوفيءَ کان، سيني شين جي معرفت موڪلائي وڃي ٿي، تڏهن اهي ونس نيست آهن. جڏهن هو پاڻ کان بيخبر ٿي وڃي ٿو، تڏهن هو پاڻ ۾ تہ نيست ٿي وڃي ٿو. جڏهن حق تعاليٰ ۽ حق تعاليٰ جي ذڪر کان سواءِ، ڪجهہ نہ رهيو تہ جو فاني هو، سو ختم ٿي ويو ۽ جو باقي هو، سو رهجي ويو. اٿا آهي وحدت الوجود جي صحيح صورت. منهنجو مطالعو، جيتري قدر، مونکي اجازت ڏئي ٿو تہ سرمست جي ڪلام ۾، پوئين فڪر جي گهٽي ڪثرت آهي. جئن فرمائي ٿو:-

عجب موجے کہ بگذشت از سرما
غرق گرديد، ماؤمن بيک جا
خيال از ڪثرتے شد دور يکبار
بيامد وحدتے، شد ڪشف معنيٰ
شڪست شد طلسمات - وجـــودت
بقا بعد الفنا گـــرديد ابـــقا
خدائی گم، خدا شـــد آشڪارا
زند پيوسته موجا موج دريا.

(عجب موج هئي جا اسان جي مٿان گذري چڪي، جنهن ۾ تون ۽ مان گم ٿي ويو.
ڪثرت جو خيال دور ٿي چڪو، وحدت جي ايندي، صحيح معنيٰ ظاهر ٿي پئي.
تنهنجي وجود جو طلسم ڀڄي چڪو. فنا کان پوءِ بقا کي دوامي حياتي ملي وئي.
هي جهان ختم ٿي چڪو ۽ خدا جو اظهار ٿيو، جو اظهار ٿيو، جو دريا لهرين جي لهرون اڻاريندو رهي ٿو.)

مبالغي ڪرڻ وارن جو ڪيڏو نہ انڪار ڪيو آهي:

قلبي ۾ نہ قرار، آهي عاشقن کي،
روحي لک رلايا، نہ نفي نفعي دار،
سري سؤ وڃايا، خفي کيا خوار،
آهرا اخفا ناه کو، طالب کي تڪرار،
ريءَ پروڙ پا نهجي، پي شيطاني ڪار،
"سچو" هي سنسار، ساروپاڻ صحي ڪرين.

پر جيڪڏهن ڪٿي ڪانئس مبالغو ٿيو ۽ آهي تہ هن لاءِ چا چئي سگھجي ٿو تہ قيس ليليٰ لاءِ چو والهانہ جذبات جو اظهار ٿي ڪيو؟ سرمست جو هيءَ تہ ذوق خدا طلبي هو، جيڪڏهن اهو تب تاب مستي جي درجي تي وڃي پهتو آهي تہ

چو خود کردند راز خويشتن فاش
عراقي راچرا بدنام کردند.

(جڏهن پنهنجي راز کي پاڻ ظاهر ڪيو وڃي ٿو، تڏهن عراقي کي چا لاءِ بدنام ڪيو وڃي ٿو.)

حقيقت ۾، صوفيانہ ۽ عشقيہ شاعري ۾، هڪ لطيف فرق آهي. "رينالڈ نڪلسن" جو هي قول ڪيتري قدر نہ اهميت وارو آهي تہ "صوفيانہ شاعري جو هڪ شعر جتي هڪ فاسق جي اندر، نفس پرستي پيدا ڪري سگھي ٿو، اتي ساڳيو ٿي، هڪ زاهد جي اندر روحاني ڪيفيت پيدا ڪري ٿو. سچل سرمست جو شعر ۾ هن وصف کان خالي نہ آهي.

تامے دو هزار رطل پيمائی
تامے نخوری نباشدت شيدائی

احسان بدوي

سنڌي مقاله نگاري

نثر ۾ جيڪي به لکڻ جا نمونا آهن، مثلا ناول نگاري، افسانه نويسي ۽ ڊرامه نگاري تن ۾ مقاله نگاري يا مضمون نويسيءَ کي وڏي اهميت حاصل آهي. اِها اهميت مقاله نگاريءَ کي اِن ڪري حاصل آهي، جو تہ مقاله نگار پنهنجي هر تجربي ۽ تحقيق کي اِن ۾ دلڪش انداز ۽ آسانيءَ سان پيش ڪري سگهي ٿو. جارج ڪريبي انگلنڊ جي مشهور شاعر جو رايو هت درج ڪرڻ مقصد کان خالي نہ آهي. لکي ٿو: "مضمون نگاري هڪ سولو لکڻ جو نمونو آهي، ۽ لکندڙ کي هيءَ لکڻ جو نمونو آسان لڳي ٿو، ۽ جو نہ هن وٽ گهربل قابليت نہ به هجي." ڪريبي جو هيءَ رايو ڪيترو نہ محدود آهي. جڏهن اسان وٽ مضمون نگاري جي فن تي ٻين مغربي نقادن جا رايا موجود آهن ۽ جي وڌيڪ اهم ۽ معنيٰ خيز آهن. هن سلسليءَ ۾ مري (Murray) سپينسر (Spencer) ۽ سينٽي بيٽوا (Sainte Beuve) جي راين کي چڏي جان فري مين ۽ گولڊ سمٿ جي راين کي پيش ڪريان ٿو جي نہ فقط وڏي اهميت رکن ٿا، پاڻ دلچسپ به آهن. جان فري مين لکي ٿو: "مضمون نگاري نثر جي فن جي هڪ ترقي يافته ادبي صورت آهي. آهائي اِها صورت آهي جنهن ۾ تخيل ۽ فڪر جو زياده گهرو لاڳاپو نظر اچي ٿو." گولڊ سمٿ مقالي کي شعر سان تشبيه ڏني آهي. ۽ هن جو خيال آهي تہ مقاله نگار نثر جي ميدان ۾ هڪ قسم جو شاعر آهي. اِن مان ظاهر آهي تہ جنهن چيز کي شاعريءَ سان پيٽيو ويو آهي، سا ڪيتري قدر نہ وڌندڙ ۽ لطيف چيز هوندي. ان جو سبب شايد اهو آهي تہ مضمون يا مقاله جو دائرو ايترو تہ وسيع ۽ ويڪرو آهي جو مضمون نگار ان ۾ نہ فقط پنهنجي تجربن ۽ تحقيقن کي مضمونن ۾ ڇهه ڏئي ٿو، بلڪ پنهنجي جذبات، احساس ۽ خيالن کي به وٽندڙ نمونو پيش ڪري ٿو. موضوع، جن تي مضمون لکيا وڃن ٿا تن ۾ اخلاقي، معلوماتي، تاريخي، تحقيقي، ادبي ۽ تنقيدي مضمون اچي وڃن ٿا.

مضمون نگار پنهنجي راءِ ۽ خيالن کي جڏهن پڙهندڙ جي اڳيان رکي ٿو تڏهن هن جو ان مان مطلب اهوئي آهي تہ لکڻ ۽ پڙهڻ واري جي وچ ۾ ميلاپ ڪاڻايو پيدا ٿئي. هن مان مضمون نگار جو اهو ئي مقصد آهي تہ پڙهندڙ هن جي نڪتهءِ نگاهه کي سمجهي ۽ هن جي خيالن کان واقف ٿئي. پي طرف مضمون نگار لاءِ اها گهڻي ڪهن به طرح فائدي واري نہ آهي جو هو پنهنجي خيالن کي پڙهڻ واري کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري. مضمون نگار جو فرض هتي ان غزل گو شاعر جهڙو آهي جو دل کي متاثر ڪري ٿو ۽ دماغ کي بهترين طريقي تي سمجهڻ لاءِ تيار ڪري ٿو. مضمون نگار جي ڪامياب حقيقت ۾ ان ۾ لڳل آهي تہ هو پنهنجي پڙهندڙ سان دياندتداري سان رفاقت ڪري ان سلسلي ۾ هڪ انگريزي مصنف "واڪر" لکي ٿو تہ: "مضمون نگار اهوئي بهترين ٿي سگهي ٿو جو شريف النفس آهي، سخت گير نہ آهي، ۽ هو پنهنجي مضمون کي سنجيدو تہ بڻائي ٿو، مگر خشڪ نٿو بڻائي."

مضمون نگاريءَ جي ابتدا، جئن ڊاڪٽر اعجاز حسين پنهنجي ڪتاب - "نئے ادبي رجحانات" ۾ چاڻايو آهي، پهرئين فرانس جي هڪ فلسفي مانٽين کان ٿي. هيءُ ۱۵۷۰ ع جو زمانو هو. هن کي اهڙا مختلف قسم جا مضمون لکيا جي ذاتي تجربن، اختصار ۽ معلومات سان پريل هٿا. آنهن جدا جدا موضوعن جي هڪ جداگانہ حيثيت کي ڏسي ان قسم جي تحرير کي يورپ واري Essay جو نالو ڏنو. دل ۽ دماغ کي هي نئين چيز ڏاڍي پسند

آئي. مانڊين کان سترهن سال پوءِ انگلستان ۾ لارڊ فرنسيس بيکن مقاله نگاريءَ جي طرف توجهه ڏنو. بيکن پنهنجي اسلوب بيان، تخيل ۽ عالمانه اختصار ۽ جامعيت جي خوبين سان هن صنف کي نمايان ۽ عام بڻايو. بيکن کانپوءِ اڪثر اهل قلم مضمون نگاري کي ادبي شغل بڻايو. ڊينيل ڊيفو ۱۷۰۰ع ۽ پوءِ سٽيل ۽ ايڊيسن پنهنجي رسالن ٽيٽلر ۽ اسپيڪٽيٽر ۱۷۰۹ع جي ذريعي انگريزي مضمون نويسي جي ميدان کي وسيع ڪيو، ۽ ان جو اثر پوري يورپ تي چانٽجي ويو. مگر حقيقت اها آهي ته مانڊين ۽ بيکن جوڙي مقبوليت ۽ بلنديءَ اڄ تائين کنهن کي به نصيب کان ٿي آهي.

سنڌي مقاله نگاري:

سنڌي ادب ۾ مضمون نويسي جي ابتدا انگريزي دور جي پيدائش آهي. سنه ۱۸۵۶ع ۾ سنڌي زبان جي صورت خطي مقرر ڪرڻ کانپوءِ سنڌي ڪتاب تيار ڪيا ويا، تن ۾ جي سبق ڏنا ويا آهن، آنهن ۾ اسان کي تاريخي، سماجي ۽ اصلاحي مضمون نظر اچن ٿا. هن بنيادي پٿر رکڻ کانپوءِ سنه ۱۹۰۱ع ۾ "تعليم اخبار" جو حڪومت جي طرفان بنياد رکيو ويو. ان رسالي ۾ مضمون نويسيءَ ڏانهن وڏو توجهه ڏنو ويو. هن رسالي ۾ جي مضمون شايع ٿيندا ٿي رهيا سي مختلف عنوانن تي لکيا ٿي ويا. هن زماني ڌاري "بهار اخلاق" رسالو وجود ۾ آيو. هن رسالي جو ايڊيٽر سيد اسدالله شاه "فدا" هو. ساڳي ئي زماني ۾ هڪ ٻيو رسالو "تحفهٔ احباب" جي نالي سان شايع ٿيو. سنڌ جو مزاح نگار اديب ۽ شاعر محمد هاشم "مخلص" هن رسالي جو ايڊيٽر هو. ساڏو هيرانند جي اِدارت ۾ "سرسوتي" رسالو نڪرڻ شروع ٿيو. هن رسالي ۾ مضمون نويسيءَ کي زياده فروغ مليو. انهن رسالن ۾ اسان کي مولانا فتح محمد سيوهاڻي، عبدالغفور هالائي، پيرو مسل مهر چند ۽ جيٺمل پرسرام ۽ ٻين جا مضمون نظر اچن ٿا.

هي ابتدائي ڪوششون هيون جي ڪن رسالن جي طرفان مجموعي طرح ٿي رهيون هيون. مقاله نگاريءَ جي هن شروعاتي صورت اڳتي هلي بي حد ترقي حاصل ڪئي، ۽ مقاله نگاريءَ کي جنهن سنڌي اديب جي هٿن کان حقيقي فروغ مليو سو شمس العماء مرزا قليچ بيگ آهي. مرزا قليچ بيگ سنڌي ادب کي مقاله نگاري سان نه فقط آشنا ڪيو، پر هن اهڙا مضمون لکيا آهن جن ۾ مضمون نويسي جي باقاعده پابندي ڪئي وئي آهي. مرزا صاحب سنڌي ادب ۾ هڪ مترجم جي حيثيت کان هڪ اهم جڳهه والاري ٿو. مضمون نويسيءَ جي سلسلي ۾ به مرزا صاحب پيش قدمي ڪئي آهي. لارڊ بيکن جي ڪتاب ESSAYS جو ترجمو "مقالات الحڪمت" جي نالي سان ڪيائين. مرزا صاحب هيءَ ڪتاب ۱۸۷۹ع ۾ لکيو هو جڏهن ٻاڻ بمبئي ۾ پڙهي رهيو هو. هن ڪتاب ۾ جيتوڻيڪ، جئن مٿي چيو ويو آهي، بيکن جا مضمون ترجمو ڪيا ويا آهن، مگر مرزا صاحب پنهنجي طرفان به ڪيترين ئي ڳالهين ان ۾ آندين آهن. سنڌي نثري ادب ۾ "مقالات الحڪمت"، بهرحال نه فقط ڪ مقام رکي ٿو، بلڪ سنڌي ادب جي مقاله نگاريءَ ۾ بنيادي حيثيت جو مالڪ آهي. مرزا صاحب مرحوم جي ٻين مضمونن جي مجموعي جو نالو "تهذيب الاخلاق" آهي. ساڳي نالي سان هڪ رسالو گهٽو اڳ ۾ سر سيد احمد خان جي اِدارت ۾ علي ڳڙهه مان نڪرندو هو. هي رسالو سر سيد مرحوم جي اصلاحي تحريڪ جو ترجمان هو، جو مرحوم يورپ جي سير ۽ سفر کانپوءِ شايع ڪيو هو. مرزا صاحب شايد هن رسالي جي مضمونن کان متاثر ٿي اهڙا مضمون لکيا جي اخلاقي، اصلاحي، قومي اصلاح ۽ تڪميل، تهذيب ۽ شائستگي ۽ قومي عزت جو احساس پيدا ڪن. مرزا صاحب جا اهي ناياب مضمون ان ڪتاب ۾ محفوظ آهن.

ديوان ڪوڙومل ڪلهاڻي، ۽ ديوان ڪيولرام

سلامتراءِ، مرزا قليچ بيگ جا ۽ همعصر مضمون نگار ٿي گذريا آهن. هنن جا مضمون اڪثر اخلاقي ۽ اصلاحي موضوعن تي آهن. اِهي مضمون لکندا هٿا يا ترجما ڪندا هٿا يا پاڻ تصنيف ڪندا هٿا. پرمانند ۽ ميوارام ۽ هن ٻي دور سان تعلق رکي ٿو. هن لاڳيتا چاليه سال "جوت" اخبار کي ايڊيٽر جي حيثيت سان هلايو. هن اخبار ۾ اڪثر سندس ٿي مضمون شايع ٿيندا هٿا جي مذهب ۽ اخلاق کان وٺي تعليم، تاريخ، سائنس، حيوانات ۽ آثار قديم تائين پکڙيل آهن. انهن مضمونن جو انتخاب ڪري هوءَ "گل ڦل" ڇپايائين جو هن ڀاڱن ۾ آهي. سندس زبان سادي، سليس ۽ سپڪ آهي. ان کانسواءِ سندس اسلوب بيان ۾ سادگي پريل آهي جو سندس اعليٰ خيالن جي آئينه داري ڪري ٿو. ديوان واڌومل گنگارام جي مضمونن جو ڪتاب—"پنڪتي انقلاب" آهي، جو ٻه لڳ ڀڳ انهي دور سان واسطو رکي ٿو. هن ڪتاب ۾ جي مضمون آيل آهن تن ۾ ان ڪالهه جي وضاحت ڪئي وئي آهي ته قديم سماج جي سرشتي ۾ ڪٿن تبديليون اچن ٿيون. مضمونن جي عبارت سائيدار آهي جنهن سان ڪلاسيڪي دور جي طرز جو هڪاءِ اچي ٿو.

سنہ ۱۹۳۲ء ۾ ميان جي ڪوٽ جي هڪ هندو نوجوان مسٽر بولچند راجپال شڪارپور مان "سندو" سالو جاري ڪيو جو باقاعدگي سان ۱۹۴۷ع تائين هلندو رهيو. سندي زبان ۾ اهو پهريون معياري رسالو هو، جنهن سندي ادب ۽ زبان جي نمايان خدمت ڪئي. سندي ادب ۽ مضمون نگاري جي نشاة ثانيه (Renaissance) جو به حقيقت ۾ اِهوئي دور آهي. ان وقت جا سڀئي اديب — هندو ۽ مسلمان سندس لکندڙن ۾ نظر اچن ٿا، جن هميشه قيمتي مضمون ٿي لکيا. هن رسالي ۾ جانسن، گولڊ سمٿ، ميٿو آرنولڊ ۽ ايمرسن جهڙن انگريزي اديبن جي مضمونن جا ترجما شائع ٿيندا ٿي رهيا.

انگريزي ادب جي هن لافاني اديبن جي طرز تي سندي اديبن ۾ جديد نوع ۾ پنهنجي مضمون نگاري شروع ڪري ڏني.

هن دور جي اديبن ۾ جي قابل احترام مضمون نگار ٿي گذريا آهن، انهن جا هيٺ درج ڪيل صاحبن جا نالا ذڪر جي لائق آهن: ڊاڪٽر گربخشاڻي، ڊاڪٽر داؤد پوٽو، پير علي محمد راشدي، مولوي عبدالڪريم چشتي، مولوي فتح محمد سيوهاڻي مرحوم، پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي، پروفيسر لطف‌الله بدوي، پروفيسر شيوارام ڊيروائي، پروفيسر آجواڻي، مولائي شيدائي، منوهر داس ڪوڙومل ۽ شيوارام لالا.

ڊاڪٽر گربخشاڻي ۽ ڊاڪٽر داؤد پوٽي جا ادبي ۽ تحقيقي مضمون وڏي اهميت رکن ٿا. ڊاڪٽر گربخشاڻي "شاه جي رسالي" کي مرتب ڪرڻ کانپوءِ سندي ادب ۾ هڪ محقق ۽ تنقيد نگار جي حيثيت کان نمايان جڳهه حاصل ڪري چڪو آهي. هن جا تحقيقي مضمون، جي هن زماني ۾ شايع ٿيا تن ۾ "شاه لطيف ۽ خواجه محمد زمان" جي ملاقات جو احوال هڪ قيمتي مضمون آهي. هيءَ مضمون هوءَ ڊاڪٽر صاحب "مقدمه لطيفيءَ" ۾ شامل ڪيو. علامه داؤد پوٽو مرحوم سندي ادب جي مقاله نگارن ۾ منفرد حيثيت سان اسان جي سامهون اچي ٿو. سندي ادب علامه مرحوم هڪ محقق، نقاد، تنقيد نگار ۽ سوانح نگار جي حيثيت کان مٿاهون درجو رکي ٿو. علامه داؤد پوٽي مرحوم سندي ادب جي ابتدائي تحقيق جي سلسلي ۾ قاضي قاضن، ۽ سيد عبدالڪريم شاه جي شاعريءَ متعلق جو تحقيقاتي ڪم ڪيو آهي تنهن اڪثي هلي سندي اديبن کي قديم ڪلاسيڪي ادب جي تلاش ۽ تجسس جي راهه ڏيکاري. علامه مرحوم ان کان سواءِ بيا ڪيترائي تحقيقي ۽ انتقادي مضمون لکيا آهن. سندن مضمون گهڻو ڪري ادبي ۽ تحقيقي آهن، جي تصوف کان وٺي سندي ادب جي مختلف عنوانن تي پکڙيل آهن.

ڈاڪٽرصاحب مرحوم جو اسلوب سادگي پريل، مگر بي حد پيارو آهي.

حڪيم فتح محمد سيوهاڻي جو اسان ذڪر ڪري آيا آهيون. حڪيم مرحوم جا مضمون خالص ادبي آهن، جن ۾ سندس هڪ مقالو- "سنڌي هولي دنيا جي سڌريل هولين مان هڪ آهي"، هڪ امتيازي حيثيت رکي ٿو. محمدصديق سميع ۽ ادبي مضمون لکيا آهن، جن ۾ "ابوالحسن جي سنڌي"، ۽ ان ٻي دور جي شاعرن سان تعلق رکن ٿا. محمد صديق سميع جا اهي مضمون "سنڌو" ۽ "تعليم اخبار" ۾ شايع ٿيا، جنڪي پوءِ مرحوم پنهنجي تصنيف- "سنڌ جي ادبي تاريخ" ۾ جمع ڪيا. مرحوم جي طرز تحرير ۾ ڪا خاص ڪاڪ، ڪانه آهي باڪ سڌو سنواڻو هڪ بياني انداز آهي.

منوهر داس ڪوڙي مل جو مضمون نگارن ۾ ان ڪري نالوورتو وڃي ٿو جو هن سير سفر متعلق مضمون لکيا آهن، ۽ هن قسم جا مضمون ڪانئس اڳ باقاعدگي سان ڪونہ لکيا ويا هئا. شيوارام لالا ۽ پروفيسر ڏيرواڻي تعليمي مسئلن تي پيش ڀها مضمون لکيا آهن، جي پنهنجي نوعيت جا آهن.

پير علي محمد راشدي سنڌي زبان جو هڪ پراڻو صحافي ۽ اديب آهي. پين مضمونن سان گڏ هن هڪ سلسل مضمون- "سکر ۾ جنگيون" جي عنوان سان هڪ تاريخي مضمون لکيو آهي. هن مضمون کي ڏسي سندس تاريخ جي محقق هئڻ جو نمايان ثبوت ملي ٿو. راشدي صاحب گهٽو ڪري سياست جي موضوع تي مضمون لکيا آهن.

سيد ميران محمد شاه ۽ مقاله نگاري ۾ هڪ مقام رکي ٿو. سندس مضمون ۾ "گنجي ڪر جو سير"، "ڀلن جو شڪار" ۽ "الحمراجو سير" دلچسپ ۽ معلومات سان پريل مضمون آهن.

پروفيسر نارائڻداس ملڪاڻي سنڌي مضمون نگاريءَ ۾ هڪ خاص مقام رکي ٿو. "سنڌو" رسالي جي شروعاتي لکندڙن مان هڪ آهي. پروفيسر ملڪاڻي جي ٻوريا مضمون رسالن ۾ لکيا ويا آهن اهي سڀ اصلاحي آهن. پروفيسر ملڪاڻي سنڌ ۾ ڪانگريس جي هڪ ڪندڙن ۾ ممتاز هو. هو انگريزي سامراجيت جو دشمن، گانڌي جي فلسفي جو مبلغ هو. پروفيسر ملڪاڻي ان جذبي ۽ عقيدي کي ڪٽي سنڌ جو ڪوٽ ڪوٽ گهميو، ۽ ماڻهن جي حالتن کان واقفيت حاصل ڪيائين. پروفيسر ملڪاڻي پنهنجن تجربن کي جدا جدا مضمونن ۾ الڳ الڳ عنوانن تي ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا آهن. سندس مضمونن جا جي مجموعا ڇپيل آهن تن ۾ــ "ڪوڙائي ڇور"، "سنڌ جا هنر" ۽ "اناردانه" زياده مشهور آهن. انهن ڪتابن ۾ وري "اناردانه" زياده اهم آهي. پروفيسر ملڪاڻي ديهاتين جي چيچلائيندڙ حياتي کي ڏسي مايوس کونہ ٿو ٿئي، مگر هنن جي صاف، سادي، ۽ پاڪيزه محنتي ۽ ڪشالن واري زندگي ۾ ڪيس غير فاني اميد آهي، ۽ جنهن جي اندر پر بهار زندگي جي ڦڻي نڪرڻ جا آثار تڙ پندا نظر اچن ٿا. پروفيسر ملڪاڻيءَ کي فطرت جي نقش ڪيڻ ۾ به ڪمال آهي. سندس اهڙن مضمونن: "ڪشمير جو سير" ۽ خاص طرح "آفروت پربت" جو بيان انتهائي دلڪش ۽ دلنشين پيرائي ۾ ڪيو ڇائين. سندس اسلوب سادگي سان پريل آهي، ۽ جوگهري احساس، جذبي سان پريل آهي. اهو سچ آهي ته پروفيسر ملڪاڻي جي مضمونن کي پڙهڻ کانپوءِ اهو انداز و لڳائڻ مشڪل نہ آهي ته "هن جون اکيون سڌائين سونهن کي ڪولين پيون، ۽ چپ سڌائين مرڪ سان پر آهن". ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي ته پروفيسر ملڪاڻي جي دل احساس جذبات کان خالي نہ آهي. ان احساس ۽ جذبي ۾ سگهي ٿو ته اهو سندس سياسي خيالن جو رد عمل هجي، مگر ادبي نڪتہ نظر کان هو رومانيت جي تمام ويجهو آهي. ان ڪري ۾ ڪوبہ وڌاءُ ڪونہ آهي ته سنڌي نثر ۾ هتان ئي رومانيت جي تحريڪ شروع ٿئي ٿي.

رومان کي تخيلي اپيل سان تعبير ڪيو ويو آهي. رومانيت محض هڪ عنصر آهي، جڏ هن ڪلا سيکيت هڪ طرز ۽ عنصرن جي هڪ مخصوص انداز جو نالو آهي. رومان جو لفظ رومانس (Romance) مان نڪتو آهي، ۽ رومانس جو واسطو اهڙين ڪهاڻين سان آهي جي نهايت ئي خوبصورت ۽ سينگاريل پس منظر سان گڏ عشق ۽ محبت جا داستان آهن. اهي داستان عام طرح ڏرن وسطيٰ جي جنگ جو ۽ خطر پسند نوجوانن جي داستانن سان واسطو رکندڙ آهن. ادبيات جي سلسلي ۾ سڀ کان پهريائين ۱۷۸۱ع ۾ وارٽن ۽ برڊ هي لفظ استعمال ڪيو. ن کانپوءِ گوئٽي ۱۸۰۲ع ۾ ادبيات ۾ هن لفظ کي ۽ ان جو نظريه کي ڪتب آڻڻ شروع ڪيو. مگر شليگل ۽ شڊرم ڊي سڀيل ان کي هڪ اصطلاح جي شڪل ۾ رائج ڪيو.

سنڌي ادب ۾ روماني تحريڪ جي، هن صدي جي گذريل ڏيهن سالن کان ابتدا ٿئي ٿي، ۽ جو حقيقت ۾ رومانوي عهد چئي سگهجي ٿو. هي تحريڪ واضح طرح مغربي اثر جي خلاف وطن جي سادگي پريل ماحول جو رد عمل جو نتيجو آهي. سنڌي ادبيات ۾ رومـــانوي تحريڪ کهن ۽ منظم تحريڪ جي پيداوار ڪانه آهي، پر ڪيس کي اهڙا وسيلا ۽ موقعا ملیا آهن جـــو هيءَ تحريڪ پنهنجي علحدي صورت اختيار ڪ ي ٻيئي آهي.

هن رومانوي دور ۾ سڀ کان پهريائين لعل چند امرڈنومل جڪٻتياڻي جو نالو اچي ٿو. سنڌي ادب ۾ رومانوي تحريڪ جا ابتدائي نقوش لعلچند جڪٻتياڻي جي ڪتاب "ڏس مٽ" ۾ ملن ٿا. هن جي مضمونن ۾ رومانوي عناصر گهڻي انداز ۾ آهن. هن جي مضمونن ۾ ظرافت آميزي ۽ اوکن خيالن جا موضوع اسان کي ملن ٿـــا. سندس زبان ٻي حد پياري ۽ اصطلاحن سان پريل آهي جا هن جي اسلوب جي هڪ خاص خوبي آهي.

تيرٿ وسنت سنڌي ادب ۾ انقلابي مضمون نگار جي حيثيت کان گهڻو مشهور آهي. سندس مضمونن جو مجموعو "چڪون" آهي، جنهن ۾ سندس انقلابي، اصلاحي ۽ فلسفيانه خيالن جا مضمون آيل آهن. سندس هن مضمونن کي اڙهڻ کانپوءِ ايترو اندازو لڳائي سگهجي ٿـــو تہ مصنف مشرقي ۽ مغربي ادبيات ۽ پڻ اشارن کان چڱي طرح واقف آهي. سندس اسلوب ۽ زبان ۾ سادگي ڪانه آهي، پر تڪلف ۽ ڏيکاءَ آهي. سندس تازي تصنيف "وسنت ورکا" آهي جنهن جي ٻولي ۽ اسلوب تحرير نسبتاً ساده آهي.

ليکراج "عزيز" سنڌي ادب ۾ پنهنجيءَ شاعريءَ کان زياده مشهور آهي، ۽ مقبول آهي. سندس نثر ۾ ۽ تصنيفون آهن ـــ "ادبي آئينو" ۽ "گل وخار". "گل و خار" هن جي تنقيدي تصنيف آهي، جنهن ۾ هندو شاعرن جـــي شاعريءَ تي نقادانه نظر وڌي وئي آهي. "ادبي آئيني" ۾، جي سندس مضمون آهن، سي بياني، خيالي، مذاقي ۽ فلسفيانہ موضوعن تي آهن. سندس مضمونن ۾ گهرائي ۽ سنجيدگي آهي. وٽس لفظن جو انتخاب ۽ ساده ۽ صاف آهي. ۽ سندس اسلوب وٽندڙ ۽ پسنديده آهي.

چيتن ماڙيوالا تاريخ جو استاد آهي. هن جي ڪتاب جو نالو "تاريخي مضمون" آهي، جنهن ۾ سنڌ جي تاريخ تي سندس ڪيل اپياسي نتيجن تي قيمتي مضمون لکيل آهن. هي مضمون جيتوڻيڪ تاريخي آهن، مگر ان هوندي ۾ سندس طرز تحرير علميت ۽ تاثير واري آهي ۽ ٻولي "نهايت سليس، مگر مائيدار" آهي. ان ڪري سندس تاريخي مضمونن کي ادب ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو.

هت مان هڪ اهڙي مقاله نگار جو ذڪر ڪري رهيو آهيان جو جيڪڏهن پنهنجي ادبي تحقيق جو سلسلو جاري رکي ها تہ جديد سنڌي شاعريءَ جي متعلق گهڻيون ئي ڪاليهيون صاف ٿي وڃن ها. هن مان منهنجو مطلب محمد خان غني، ۽ هن جي هڪ تحقيقي مقالي ـــ "سنڌ جي جديد شاعري" ڏانهن آهي. هن مقالي ۾ غني

صاحب نهايت ئي تحقيق كان ڪم ولي سنڌ جي جديد شاعريءَ جي دور کي متعين ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سنڌي ادبيات ۾ جي تحقيقي مضمون لکيا ويا آهن، تن ۾ هن مقالي جو ذڪر نه ڪرڻ وڏي بي انصافي ٿيندي. هي قيمتي مضمون ۱۹۳۶ع ۾ لکيو ويو هو.

سيد عطا حسين شاه موسوي پنهنجي ڪتاب "ڪچ ڪوڏين" ۾ پنهنجا مضمون جمع ڪيا آهن. مضمونن جو هيءُ مجموعو پنهنجي گوناگون خصوصيتن، بلند پايه خيالن، اخلاقي ۽ فلسفيانه نڪتن سان پريل آهي ۽ اسلوب جي خيالن کان به هي ڪتاب اهم آهي. زبان اختصار واري، شيريني ۽ ميٺاج سان پريل آهي. اسلوب ۾ علم رواجي محاورا استعمال ڪيا آڻائين. سنڌس زبان ۾ رواني به آهي ۽ سادگي به آهي، پنهنجن خيالن کي مختصر مگر وٺندڙ ۽ عمدي نموني ۾ پيش ڪري ٿو.

مولوي دين محمد "وفائي" پنهنجي دور جو بلند پايه مضمون نگار ٿي گذريو آهي. "توحيد" اڄ کان پندرهن سال اڳ بهترين مذهبي، سياسي ۽ ادبي مخزن هئي. هن رسالي ۾ سنڌس مذهبي، اصلاحي، سياسي ۽ تنقيدي مضمون "شذرات" جي روپ ۾ شايع ٿيندا هئا. سنڌس تنقيدي ۽ تبصري جي مضمونن جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر داؤد پوٽي جي مرتب ڪيل ــ "تاريخ معصومي" ۽ "چچ نامي"، ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪتاب "لواري جا لال" جو ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. هنن مضمونن ۾ سنڌس خالص مشرقي تنقيدي انداز جو شعور ڪارفرما آهي. مولانا عبيدالله سنڌي جڏهن حجاز کان هميشه لاءِ سنڌ ۾ آيو تہ سنڌس سياسي افڪار تي مولانا مرحوم جا تنقيدي ۽ تشريحي مضمون ڇپجندا ٿي رهيا. انهن مضمونن مان وفائي مرحوم جي سياسي فڪر جو اسان ڇڱي طرح اندازو لڳائي سگهون ٿا.

ديوان پيرومل مهرچند پنهنجي دور جي مصنفن ۾ مٿاهين جڳهه واري ٿو. هڪ مضمون نگار جي حيثيت ۾ نفس مضمون کي، جنهن طريقي سان ڏئي ٿو ان جو مثال ڪن ٻورن مضمون نگارن ۾ ملي سگهي ٿو. اخلاقي ۽ بياني مضمونن جي ادا ڪرڻ ۾ ڪيس وڏي قابليت حاصل هئي. "سنڌو رسالي" ۾ سندس جي مضمون شايع ٿيا تن ۾ شاهپٽائي جي سير ۽ سفر ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻي جي ڪڍ ڪيل شاه جي رسالي تي تنقيد نهايت ئي اعليٰ مضمونن ۾ شمار ٿين ٿا. مرحوم فتح محمد سيوهاڻي جي تصنيف "ابوالفضل ۽ فيضي" تي به هن جو تنقيدي مضمون شايع ٿيو آهي. پيرومل اڪثر ادبي تحقيق ۽ تنقيد تي مضمون لکيا آهن، جي سچ پچ تہ سنڌي مضمون نگاريءَ جا شاهڪار چئي سگهجن ٿا. سندس طرز تحرير ۾ بي مثل رواني، سادگي ۽ سلاست آهي. سندس مضمونن ۾ معلومات جا ڀنڊار پريل آهن.

سنڌي مضمون نگارن ۾ علامه آءِ آءِ قاضي، پروفيسر لطف الله بدوي، پير حسام الدين راشدي، رحيم داد مولائي شيدائي، ڊاڪٽر بلوچ ۽ محمد ابراهيم جويو موجوده دور ۾ هڪ خاص مقام جا مالڪ آهن. علامه قاضي ان ۾ ڪوشڪ نہ آهي تہ اسان جي ادب جو وڏيڪ جهونو ۽ قابل احترام ادبي شخصيت آهي. سندس مضمون گذريل ڏهن سالن کان ادب، زبان ۽ ثقافت تي ڇپجندا رهن ٿا. علامه صاحب جي مضمونن مان سندس گرامي ذات جهڙي سنجيدگي ۽ وقار ٽپکندو رهي ٿو. سندس مضمونن کي پڙهڻ کانپوءِ دل تي جو اثر ويهي ٿو سو پر اميد ۽ خاص احساس جو جذبو پيدا ڪري ٿو. علامه صاحب جو اسلوب ۽ سندس موضوع جي گهرائي سان مطابقت رکي ٿو.

مولائي شيدائي هڪ عرصي کان سنڌي زبان ۾ تاريخي مضمون لکڻ کان هڪ جڳهه حاصل ڪري چڪو آهي. سندس مضمونن کي ڏسڻ کانپوءِ اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ هو صاحب محنت سان لکڻ جو عادي

آهي. مضمون محنت سان ٿي لکيو ويندو آهي ۽ مگر جوڻ جو مطلب هيءُ آهي ته شيدائي صاحب پنهنجي هر مضمون جي تمهيد ايتري ته طويل لکي ٿو جو نفس مضمون جي پهچڻ تائين سندس اثر زائل ٿي وڃي ٿو. ان جو نتيجو اهو نڪتو آهي ۽ جو سندس خيال سلجهڻ جي بجاءِ نهايت ئي منجهيل ٿي پون ٿا. اهوئي سبب آهي جو شيدائي صاحب جا مضمون عام پڙهندڙن تي کوبه اثر نه ڇڏي سگهيا آهن. ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ گذريل ڏهن سالن ۾ جي مضمون لکيا آهن سي پنهنجو مواد ۽ موضوع جي خيال کان قيمتي مضمون آهن. ڊاڪٽر بلوچ جو قلم ادب ۽ ادبي تحقيق ۾ سنڌي ثقافت ۽ لسانيات جي مختلف پهلوئن تي کاميابي سان هلندو رهي ٿو. انهن مضمونن ۾ وري سنڌي لوڪ ادب هن جو وڏيڪ پيارو ۽ محبوب موضوع آهي. اها حقيقت آهي ته اڄ سنڌ ۾ پهراڙي ۽ ڳوٺاڻي ادب کي پڙهيو وڃي ٿو سو محض ڊاڪٽر بلوچ جي اڻ ڪوششن جو بارآور نتيجو آهي. ڊاڪٽر بلوچ جي مضمون لکيا آهن، تن سان گڏ جو هت ذڪر ڪرڻ لازمي آهي. سندس مضمونن ۾ — "سنڌي ۽ هندي شاعري جو لاڳاپو"، "سنڌ جا سگهڙ"، "راضي شاه لکياري"، "چتو فقير سانگي"، ۽ "سنڌي هولي جي تاريخ" خاص ذڪر جي لائق آهن. انهن ۾ وري ٻ ۽ ه مضمون کي امتيازي شان حاصل آهي. هنن مضمونن جي پڙهڻ کانپوءِ ڊاڪٽر بلوچ جي ادبي ذوق، تلاش ۽ تحقيق جو اسان چگي طرح اندازو لڳائي سگهون ٿا. ڊاڪٽر بلوچ جو اسلوب ۽ زبان به سادي ۽ رواني واري آهي.

پير حسام‌الدين راشدي کي به تاريخي ۽ تحقيقي مضمونن لکڻ ۾ امتياز حاصل آهي. سنڌ جي فارسي ادب کي سنوارڻ ۽ سينگارڻ ۾ هن صاحب جو ڪم ڪيو آهي سو ڪيس هميشه زنده رکندو ايندو. اهڙن مضمونن ۾ صاحبزاءِ آزاد، ميرعلي شير قانع، محمد بچل انور ۽ مکلي نامي کي خاص طرح پيش ڪري سگهجي ٿو. هنن مضمونن ۾ راشدي صاحب شاعرن جي ڪلام ۽ سوانح حيات تي جا تحقيق ۽ تنقيد ڪئي آهي سا پنهنجي جاءِ تي نه رڳو هن جي لاجواب ادبي ذوق کي ظاهر ڪري ٿي، پر هن جي شگفته بياني جو به ڪٿبوت آهي.

محمد ابراهيم جويي جو انداز بيان ۽ زبان جو استعمال بي‌حد پيارو ۽ وڻندڙ آهي. جويو صاحب پنهنجن مضمونن ۾ جڏهن خيال ۽ نظريه کي پيش ڪري تڏهن هن جي تحرير ۾ ڪابه پيچيدگي ڪانه ٿي ٿئي، ۽ هڪ سلجهيل انداز ۾ پنهنجي نڪته نظر کي بيان ڪري ٿو وڃي. "مهراڻ" ۾ جي سندس "اِدارتي مضمون" آيل آهن، سي بي حد قيمتي مضمون آهن. جويو صاحب ڪن مغربي مفڪرن جا مضمون به سنڌي ۾ ترجمو ڪيا آهن. انهن مفڪرن ۾ سي. اي. ايم جوڊ ۽ ٽي. ايس. ايليٽ جا نالا وٺي سگهجن ٿا. جويي صاحب انهن جي خيال انگيز مضمونن کي به ان ٿي انداز ۾ ترجمو ڪيو آهي.

پروفيسر لطف‌الله بدوي صاحب سنڌي ادب جي جا خدمت ڪئي آهي تنهن کي ڪڏهن به وساري نٿو سگهجي. سندن ادبي ڪاوشون ۽ ادبي آثار ايترا ته نمايان ۽ ظاهر آهن جنکي ڪڏهن به زماني جي لٽ ڏيکي نٿي سگهي. لطف‌الله بدوي صاحب جو قلم نثر جي هر صنف جي مختلف موضوعن تي هلندو رهي ٿو — علمي، ادبي، تنقيدي، تحقيقي ۽ تاريخ جي هر عنوان تي هن جا بهترين مضمون سنڌ جي اڪثر معياري رسالن جي زينت بڻيا رهيا آهن، ۽ سنڌي ادب کي مالا مال ڪندا رهن ٿا. سندن ادبي شخصيت، ان کري هڪ همه‌گير ادبي شخصيت آهي. سندن تازن مضمونن ۾ — "سنڌي داستان گوئي"، "سيف‌الملوڪ"، "هير رانجهو" "ميربجار خان ڊومبڪي"، ۽ "ميرجان‌الله شاه مير" خاص طرح ذڪر ڪرڻ جي لائق آهن. مصنف پنهنجن

مضمونن ۾ جا راهہ اختيار ڪري ٿو سا ڪنهن ٻ پيچيدگي ڪان آزاد آهي. ۽ جي حقيقتون ڏئي ٿو سي حوالن ۽ سندن ڪان سواءَ دليل ۽ بحث جي ڪوٽي تي آڻي ظاهر ڪري ٿو، جنهن مان سندن علمي استعداد، ادبي بالغ نظري، عظمت ۽ پر اعتمادي جلوه گر آهي. هن جي نثر ۾ ڪٿي ڪٿي رومانوي تخيل جي فراواني ۽ جذبات جي شدت جو اعليٰ ترين اظهار ٻ ملي ٿو. لطف الله بدوي صاحب جو انداز تحرير ۽ اسلوب بيان، ان ڪري بي حد شگفته، جاذب ۽ دلڪش آهي. وٽس لفظن جو حسين انتخاب آهي، ۽ انهن کي هو موقعي ۽ محل جي مناسبت سان استعمال ڪري ٿو. اسين ان ڪري چئي سگهون ٿا ته سندس طرز تحرير ۾ هڪ انفراديت آهي.

سنڌي ادب جي مضمون نگارن جو هي نقش جو ٻين کي ويو آهي، اهو ڏيکاري ٿو ته مقاله نگاريءَ جي ميدان ۾ جي ڪوششون ڪيون ويون آهن، سي ڪنهن ٻ طرح ڪنهن ٻ زبان جي ادب کان پوئتي نه ٻيون آهن. نه فقط ايترو، بلڪ جديد رجحانات ۾ تقريبا هر شعبه ادب ۽ زندگي جي متعلق مضمون لکيا ويا آهن. سياسي، سماجي، تاريخي، اصلاحي، اخلاقي، معاشي ۽ سائنسي هر قسم جي مضمون جي سنڌي ادب ۾ گهٽائي آهي. هن دور جي مضمون نگارن ۾ هڪ صنف ادب لطيف ٻ آهي، مگر باوجود مضمون نويسيءَ سان مشابه هڻ جي اها مضمون سڏائڻ جي مستحق نه آهي. بهرحال هن مضمون جي پڙهڻ کان پوءِ ايترو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته سنڌي مضمون نگاريءَ ۾ تحقيق، تنقيد، ڪلاسڪيت ۽ رومانيت جا جي رجحان ۽ عنصر آهن سي ڪيتري قدر نه وقت جي تقاضائن سان ساڻ ڏئي سگهيا آهن.

اسان جون پندرهن سالن کان مشهور
۽ اڪسير دوائون

* وسدال ڪريم:- خارش، ڏڪ ڦڙ ڦون، ملو، ايگزيما، موهيڙا، اڇا ڪارا داغ ۽ چمڙي جي هر هڪ بيماري لاءِ شرطيه علاج آهي.
* وسدا گرائيپ واٽر:- ٻارن کي ڏند سولائي سان آڻي ٿو ۽ سندن هاضمو درست بنائي ٿو.
* شوگر پيورمنٽ:- پيٽ جي سور، بد هاضمي ۽ وائي باديءَ لاءِ اڪسير آهي.
* ڊينٽورائڊن:- ڏندن ۽ ڏاڙهن جي سور کي دور ڪري ٿي. مهارن جي سوڄ کي آرام بخشي ٿي.
* اوٽورول:- ڪن جي سور، ڏڪن، ٻوڙاڻ ۽ وهڻ لاءِ اڪسير آهي.
* آيوڊين:- اکين جي هر هڪ بيماريءَ جو هڪ ئي علاج آهي.

هيڈ آفيس:- وسدا ليبارٽريز، ڪوريجو پڙ ڪاهي روڊ حيدرآباد (سنڌ)

عبدالحق عظيم

"يو نئر پري آڪاس"

(اپياس)

"يو نئر پري آڪاس" ، سنڌ جي شاعر ، شيخ اياز جي چونڊ ديل ڪلام جو هڪ حسين مجموعو آهي ، جنهن کي "پاڪستان رائيٽرس گلڊ" وارن شايع ڪيو آهي. هن مجموعي ۾ اياز جا دوها ، بيت ، گيت ، ڇيچ ، وايون ، نظم آزاد نظم ۽ غزل شامل آهن . پاڪستان رائٽرس گلڊ وارن سنڌيءَ جي هن نغمه سنج شاعر جي ڪلام کي جنهن سهڻي ترتيب سان ۽ حسين نموني ۾ ڇاپيو آهي، ان لاءِ هنن بيشڪ ڪيرون لهڻيون .

مشرقي زندگيءَ جي هر پهلوءَ ۾ انتها درجي جي سست روي، جو تہ هڪ اصول بنجي چڪي آهي. ڪنهن تمدني، علمي يا سائنسي روايت کي پنهنجو ڪرڻ کان اڳ، مشرقي ماڻهو ان کي گهري شڪ ۽ گمان جي نگاهه سان ڏسي ٿو. انلاءِ ڪجهه تہ مغرب وارن جون اهي ڪيڏون ذميدار آهن، جيڪي زندگيءَ جي هرپهلوءَ ۾ مغربي تسلط کي قائم رکڻ لاءِ استعمال ڪيون ويون ، ۽ جيڪي مختلف رنگ روپ ڏيئي مشرقين کان قبول ڪرايون ويون ، ۽ ڪجهه صدين جي غلاميءَ هنن ۾ جبلي طرح اها سست روي پيدا ڪري وڌي آهي. ادبي ۽ تهذيبي پهلو ۾ انهيءَ کان بچيل نہ آهن. ادب ۾ ، مشرق، پنهنجي شاعرن ۽ اديبن کي تيسين اهو مرتبو ڏيڻ لاءِ ڪڏهن ۾ تيار نہ ٿيندو ، جنهن جا هو لائق آهن ، جيسين هو مري نہ وڃن ۽ سندن قبرن جا نشان ۾ سنڀ تي نہ پهتا هجن . مغرب پنهنجي علمي ۽ ادبي ستارن کي جڏهن ئي ايترو سان ڏئي ٿو ، جو هر پڙهيل لکيل ماڻهو ، پنهنجي زندگيءَ جو نصب العين بنائڻ وقت پهرين ترجيح ناولسٽ، شاعر ، ناٽڪ نويس يا محض مضمون نويس ۽ اديب بنجڻ جي حيثيت کي ڏئي ٿو. ۽ هت اسان وٽ اديب ۽ لکندڙ ٿيڻ لاءِ ، مائٽن کان وٺي دوستن يارن جي ميارن ، شڪي نگاهن ۽ تهمتن جو شڪار ٿيڻو پوي ٿو ۽ پوءِ ۾ جڏهن کو پنهنجي دل جو خون جلائي ، زندگيءَ جون حسين ترين چيزون تخليق ڪرڻ ٿو لڳي تہ يا تہ مذهبي يا سياسي الزامن سان نوازي ، هن کي ختم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي ٿي ، يا محض ڪينہ پروري ۽ حاسدانہ جذبي مان هن کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي وڃي. ايتري قدر جو هن جي شخصي زندگي جي ڪن ڪمزورين تي مبالغي جو غلاف چاڙهي ، هن کي سماجي طرح بدنام ڪيو وڃي ٿو. اهوئي سبب آهي، جو مشرق ۾ ادب ۽ فن ايتري آزاديءَ ۽ تيزيءَ سان ترقي نہ ٿو ڪري ، جيترو مغرب ۾ . ذهن جي آزادي هڪ وڏي منزل آهي ، جنهن تي رسڻ لاءِ اسان سنڌين کي تہ ڇا ، سموري ايشيا کي اڃا ڪيڏو وقت لڳندو .

اسان جي سنڌي ادب کي ، خسيس حاسدانہ نڪته چينين، ڪينہ پروريءَ مان پيدا ٿيل ذاتي رنجشن جيترو نقصان پهچايو آهي ، سو اندازي کان ٻاهر آهي . انهيءَ روش جو شڪار اياز ۾ رهيو آهي ، ۽ جهڙيءَ طرح سڄ پنهنجي بنيادي نور سان خسيس غلاظتن کي چيريندي پنهنجي جود و عطا کي عام ڪندو آهي ، تيئن اياز جو قلم ۾ قدم بقدم غلاظتن تي فتح پائيندو ، هينئر ايتري بلنديءَ تان چمڪي رهيو آهي ، جو ان تي ڪنهن ۾ قسم جو گند اڇلائڻ جي ڪوشش ، آپ ڏانهن غلاظت اڇلڻ جي مترادف ٿيندو .

"اياز" سنڌيءَ جي شاعريءَ ۾ ويهين صديءَ جو "شاهه" آهي . ۽ اياز عظيم افسانه نويس

۽ مضمون نگار (ESSAYIST) ۾ آهي. هت اسين فقط اياز جي شاعري تي بحث ڪنداسين. هن جي شاعريءَ جو ڪنول انهن ساڳين پاڙن مان اپريو آهي، جتان شاه جي شاعري اپري هئي. ۽ ان ڪري ان جي سڃڻ ڪيترن ٿيءِ يونٽرن کي آڪاس تائين پرائيندي رهندي.

ايازجو هي مجموعو سندس ڪليات نه پر جزئيات جو مجموعو آهي. هيٺتن جي اعتبار کان، اياز جيڪي ب تجربا ڪيا آهن، تن سڀني کي نمائندگي حاصل آهي، پر ان سان گڏ اها ب حقيقت آهي ته هن مجموعي ۾ اياز جي ڪن بهترين چيزن کي دانسته شامل نه ڪيو ويو آهي، جيڪي ايازجي تشڪيلي دور (Formative period) جي پيداوار آهن. شايد ان جو سبب اهو هو ته انهن ۾ حسن جي باوجود ايتري تلخي هئي، جو ان تلخيءَ کي وري ظهور ڏيڻ لاءِ وقت سازگار نه هو، متان اها تلخي کي ناسور ڪائي وڃي.

هن مجموعي ۾ ايازجا دوها، گيت، چيچ، وايون، نظم، آزاد نظم ۽ غزل شامل آهن، ۽ هر انهيءَ صنف ۾ "ايازّ" يڪتا آهي. ايازڪلاسيڪي ۽ جديد ادب هيٺتن ۾ پنهنجي سنڌي پس-منظر ۽ جديد سائنسي دور جي فڪر ۽ پندار کي اهڙيءَ طرح حل ڪيو آهي، جو سندس هر شعر هڪ ئي وقت ماضي، حال ۽ استقبال جي حسن جو مظهر ۽ پيڪر آهي. جيڪڏهن دوها ٿا پڙهجن ته ان ۾ ميرا بائي ۽ ڪبير جو درد، خسرو ۽ خانخانان جو سوز، شاه جو فڪر، سچل جي بغاوت ۽ ايـاز جو انفرادي پندار هڪ ئي وقت سنڌيءَ جي مڙني مڙن لفظن جي لباس ۾ ذهن جي بنهه نازڪ هنڌن تان ڇڙيءَ هور وانگر ڳهلي ٿا وڃن. هي دوهو ته پنهنجو جواب پاڻ آهي :—

"ڪاريون ڪريون پرجي آيون، پنا نه منهنجا نيڻ
ڏسري آهي ذات اسان سان، شال نه سرجها سيڻ!"

يا هي دوهو،

"ڪري ڪهري هن ڪلواڙيءَ ۾، جڏهن به ڪٽندينءَ نيڻ
پن پن ڏيندءِ، پيار اسان جا، ون ون ڏيندءِ ويڻ!"

ساڳي صورت بيتن سان آهي. شاهه جي ڪهرائي ۽ دل جو سوز، سچل جي مستي، ڪالياداس جو تخيل ۽ ٽئگور جي ڄاڻ سڀ ايازجي لفظن ۾ هڪ ئي وقت هڪ حسين جسم اختيار ڪرڻ ٿا لڳن.

"ڪهرا ڪهرا نيڻ، ڪارا ڪارا پونئر جئن
پرندا رهيا پيڻ، مڪڙيءَ متان سن جي!"

هيٺيون بيت پڙهي ته مون کي سچ پچ ڪالياداس جي اهسرا "ازويسي" ياد اچي ويئي:

"چانڊوڪيءَ ۾ چيٽ جي، ستو رات سچن
چمڪيو چوڏهين چنڊ سان، آڏيءَ ويل اڳن
الا، عصر جو سندس منهنڙي جو مهڪ
هيرن ۾ ٿي ڇڻ، هن جون هڪارون مليون!"

حسن جو اهو تصور، حسن جو اهو منظر ۽ اهـي حسين لفظ يقيناً ڪنهن اهڙي ڪهري سوچ جو نتيجو آهن، جنهن ۾ حسن جو هر پهلو اجاگر ٿيڻ لاءِ آتو آهي.

جيڪڏهن شاهه وائي جو موجد آهي، ته ايازان کي جديد لفظ ڏيئي اهڙو سهڻو بنايو آهي، جو شاعري جو هڪ بت - رعنا اکين آڏو اڇيو وڃي.

"رات ڪائي تانگهه تات،
منهنجي من ۾ آڪ جئن آئي پرين!"

اها وائي سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هميشه هـڪ انفرادي حيثيت رکندي. ڇا سندس مزاج، ڇا سندس زمين ۽ ڇا سندس لفظ، ۽ ڇا سندس فڪر آهي. "ليناردو داونشي" جي "مونالزا" وانگر اها وائي سنڌي شعر جي "مونالزا" آهي.

ايازگيت جو شهنشاهه آهي. سنڌيءَ ۾ اهڙا پردرد پرسوز ۽ حسين گيت نهايت گهٽ لکيا ويا آهن ۽ اها به هڪ حقيقت آهي، ته جهڙيطرح پين ڪيترين صنفن ۾ ايازسنڌي شاعرن جي رهبري ڪئي آهي، تهڙي طرح

گيت ۽ ٻڌ ڪ انوکي ۽ پياري روايت اياز قائم ڪئي آهي، جنهن کي ساڻهون رکي هر دي ، تنوير ۽ نياز بهترين گيت خلقيا آهن . "ٻاٻيهو پولي !" ، "تنهنجي ياد ٻڌي آئي" ، "تون سان آهيون يار ، اوچنڊ" ، "سپڪا سومل، سپڪو راڻو" ، "ساري رات ستارا جاڳيا" وغيره اهڙا گيت آهن ، جيڪي ڪيتري ئي وقت گذرڻ کان پوءِ ب سنڌي شاعري جي روشن ستارن وانگر چمڪندا رهندا.

اياز جا فقط ٻ ڇيڄ هن مجموعي ۽ آهن . ٻــر ٻڌي اهڙا آهن ، جن جو رنگ روپ ، جن جا لفظ ۽ جن جو تصور اهڙو حسين آهي ، جو واقعي ٻڌڻ هڪ ڪــان پوءِ گهنگهرو ٻڌي ، ڇيڄ وجهي ، نچڻ تي دل ٿي چوي . ڊاڪٽر سورلي جي مقولي مطابق، "سنڌيءَ جو سڄو ٻڌو شعر اِهو آهي ، جنهن کي صرف ٻڌڻ هي نه ٿو سگهجي ، بلڪ اوس ان لاءِ گهاٽو ۽ نچڻو ٿو پوي ."

نظم ، آزاد نظم ۽ غزل ۽ اياز جو رنگ ٿي ٻنهنجو آهي . عروض جي حد بندين اندر رهي ، هن پاروٽين صنعتي بندشن کان نظم ۽ غزل کي آزاد ڪري ڇڏيو آهي ۽ انهي روايت کي رهبر بنائيندي سنڌ جي نون شاعرن جي نظم ۽ غزل کي فارسي مجهوليت، اردو ترڪتال مان ڪڍي ، خالص سنڌي رنگ ڏنو آهي. خود قدامت پسند ادب ب سنڌ جي هن لافاني شاعر کي داد ڏيئي چڪا آهن ، جنهن غزل کي ثقالت ۽ دقت جي ٻيڙن مان ڪڍي نغمگي ۽ حسن عطا ڪيو آهي .

نظم ۽ آزاد نظم ٻ ڇاڪاڻ ت اظهار جي وسعت ۽ گنجائش آهي ، اياز انهن ٻنهي صنفن کي نهايت دليري سان استعمال ڪيو آهي ۽ ٻنهنجي تصور ۽ تخيل جــي رنگينيءَ ٻ زندگيءَ جون مختلف حيثيتون اهڙي جرأت رندانه ۽ رعنائيءَ سان بيان ڪيون آهن ، جو نظم ختم ڪرڻ کان ٻ.ء اها آس ٿي پيدا ٿئي ت خدا ڪري ڪجهه بند وڌيڪ چيا وڃن .

چند جي ڀرونءَ تي ڀير-
جڏ صدين جي سوچ جا گهرا نشان -
هيءَ ستارن ٻ جلڻ جاڳڻ جي هير-
جڏ ت آهن روح تنهنجي جا گمان ،
نيرا نيرا آسمان !

ان جي مقابلي ٻ سنڌيءَ جو ڪوبه شعر نه ٿو اچي سگهي . لافاني ، آفاقي شاعري انهيءَ جو نالو آهي .

"اسان نند جا نين آهيون ، پرين !"

يا ،

"ڏس ، شفق ٻ شام -
ڪهنبي ٻ ڪنوار !"

يا ،

"ڪاٽي رات چنڊ چوٽيءَ ٻ
سينڊ ساري پري ستارن سان،
ٿهلندي ڪائنات ٻ آئي !"

هي اها شاعري آهي ، جنهن کي پڙهڻ سان ٻي اختيار ڪنهن نامعلوم جذبي کان اکين ٻ پاڻي پرجي ٿو اچي ، دل جي دڪ دڪ پڌڻ جوڳي ٿيو پوي . ان لاءِ ائين چوڻ ت فطرت جي عڪاسي آهي ، هن ٻ هي صنايع آهن ، ۽ هو بدايع آهن ، ان شاعريءَ تي الزام رکڻو آهي . حسن جو نالو فقط حسن آهي ۽ بس !

ڪجهه اياز جي مواد متعلق چوڻ ٻ لازم آهــي . اسان جو هي شاعر مواد جي تلاش ٻ ٻڪڻ ت ڇاڻي ، ڇاڪاڻ ت زندگي جي هر ذري ٻ هن کي ٻنهنجو خام مواد ملي ٿو وڃي . اياز جي شاعري ، زندگيءَ جي هر انهيءَ چيز کان متاثر ٿي آهي ، جنهن ٻ حسن آهي ، يا جنهن ٻ انسان جي هن نندڙيءَ دنيا ٻ ، حسن کي تباه ڪرڻ جي ڪا ڪوشش آهي . ٻوءِ اها ماضي ٻ هجي، يا حال ۽ مستقبل ٻ . هن کي انسان سان محبت آهي . نسل، رنگ ۽ مذهب جي فرق کان سواءِ . ۽ انهيءَ محبت جي صدقي انسان جي هن مادي دنيا جــي ان نندڙي کان نندڙي شي سان ٻ هن کي محبت آهي، جا انسان

جي آئيندي کي روشن ڪري ، ۽ اهڙين چيزن سان
ئي انتها نفرت ائس ، جيڪي سڌيءَ يا ان سڌيءَ طرح
انسان جي زندگيءَ ۾ اوندهه ، ايذاء ۽ عذاب پيدا ڪرڻ
جون باعث آهن . ان ڪري ئي اياز آفاقي شاعر آهي .
اياز کي انساني سماج ۾ حسن پيدا ڪرڻ جو ايترو اونو
آهي ، جو ان اوني ۾ هو تصوف ۽ ٻيون هٿ ڪان ۽
گريز نه ٿو ڪري ، پر جڏهن ڏسي ٿو ته اتي به اوندهه
آهي ، تڏهن چئي ٿو ڏئي ته

"سهسين سورج چمڪيا ، ڪيا چند چٽاء
مالهوڻڙن مٽاءِ ، اجا اوندهه نه لٿي ."

پوءِ هيءَ ۽ سرمائي جي جهيڙي جو به ڪيس صحيح
فڪر آهي . ڪڏهن ڪڏهن ته ان جهيڙي ۾ پوءِ هيءَ
کي حق بجانب ڏسي بغاوت تي به آماده ٿيو آهي :

"نندڙيءَ نينگر وات تي ، ويٺي واجهايو
الله ۽ انسان جــن ، ٻنهي ٻاڏايو ،
ٻينوءَ ٻهچايو ، ڏاڍو ڏک ضمير کي"

يا

"مالهو منهنجي ملڪ جا ، اڻوجهه ۽ ان ڄاڻ
ڏکن ڏڏيون جهوڙيون ، ٻکن پريا پاڻ :
الله ، تن ۾ آڻ ، ساجهه پنهنجي ساهه جي ."

يا

"وڏم ڏکن ڏاڻ ، سڪ نه سيران سهرين
سوچي هن سماج تي ، ڪڍي ڇيون ڄاڻ
ڏاهي ڪريان ڏيرهي ، بي معنيٰ ماندڻ
سڄڻ اڄ مون سان ، ته انڪون انياءَ سان !"

اهو آهي باغي ايازِ ، پر جنهن ماندڻ جي هو ڳالهه
ٿو ڪري ، ان ماندڻ جو پاڻ به هڪ پرزو آهي . هڪ
اهڙو پرزو ، جنهن تي "هلڪي سرمايي" جو رنگ آهي .
اهو رنگ هڪدم ڪيس ڏونڊاڙڻ ٿو لڳي . ان ڪري
سندس اها ڄاڻ ، اها ڏاهه لاشعوري طرح مڏي ٿيو پوي ،
ان هوندي به ڪيس انسانن سان بي انتها محبت آهي ۽
بي اختيار چيو ڏيئي :

"مڙڻا مڙڻا ماڻهو ، تن جا پيارا پيارا نــانوَ
آيا ، چايا منهنجي من تي ، جئن ڪري جي چانوَ !"

۽ پوءِ ڪيس بغاوت جي بدران رحم ڪاڻ ٿو پوي :

"هي ماڻهوءَ جو پڇڙو مڙو ، ڪري ٿو ڪيڏا ڪيس
پوءِ به انسان جي ڪوڙهن آندي ، اڪڙ بن ۾ آسيس ."

۽ پوءِ پنهنجي سماجي ڪارج جو خيال ڪندي ، ڪيس
پنهنجي اڪيلائي ۽ بيچارگيءَ جو احساس ٿئي ٿو ته هن
گندي سماج ۾ هڪ محبت جو ماريل شاعر ، سواءِ رحم آڻڻ
جي ڪري ٻيو ڇا ٿو سگهي . هن سماج ۾ ته بغاوت جو روح به
فوت ٿي چڪو آهي . هڪ دلدوز منظر ڏسندي ڏسندي
چپن مان فقط هي لفظ ٿا نڪرن !

"هاءِ ، ٻکيون ، اڌ - ننگيون نياڻيون ، تن جي لج لڪاءِ
آءِ هوا ، هن پونگيءَ ۾ ، ڏيئي جي وڻ وساءِ !"

اها آهي شاعر جي شڪست ، پر ڪيتري نه گهائيندڙ
شڪست ! ايازِ به آخر انسان آهي . شڪــست ڪائيندي
سندس دل ۾ وڍ به پون ٿا ،

منجهي پيا سپ تنهنجا مانجهي ، او منهنجا مهراڻ !
آءِ ڪير تي ويٺو سوچيان ، جاڻ هٿي ٿي پاڻ .

۽ انسان جو گهڙي - اڌ - جو باغي جاڻ جـا پاڻ
ڪائيندي ، تصوف جو آفيم ڪائيندي سمهي ٿو پوي ، ۽
انهيءَ پنڪيءَ ۾ چوي ٿو :

"مان بڙچي مان گهاءِ ، مان ئي وار وجود تي
مان ئي هان پچاءِ ، مان ئي پيار پرينءَ جو !"

ايازِ ۾ . اها شڪست چو آئي ـــ ان لاءِ آءِ مٿي

سنڌس سماجي حيثيت کي ذميدار ٺهرايو آيو آهيان- سنڌس "هلکي سرمائيدار" واري حيثيت. انهيءَ حيثيت هن ۾ اهڙي قسم جي "انا" پيدا ڪئي آهي، جا پنهنجي سلاميءَ تي سيڪجهه قربان ڪري ڇڏڻ تي آماده آهي. ۽ اها ڪا نئين ڳالهه نه آهي. پورهيي ۾ ملي وڃڻ هوڇاهي نڪو، ۽ سرمايي کي باوجود ويجهو هڻڻ جي هوانساني گهٽتائي تصور ٿو ڪري، ان ڪري هو اهڙي حيثيت اختيار ڪرڻ ٿو گهري، جتي هن کي فقط حسن جا گيت گائيندڙ شاعر سمجهيو وڃي. هن جو دنياسان ڪهڙو واسطو: هو ته شاعر آهي، حسن جو شاعر. ۽ اهو احساس انهيءَ ماحول جي پيداوار آهي، جنهن ۾ ڪنهن غريب جي گهر ڏاڙو لڳندو ڏسي، سنڌس ٻاريسري بجاءِ مدد ڪرڻ يا محض رڙيون ڪرڻ جي، پنهنجي ٿوري گهڻي موڙيءَ کي ڪنهن محفوظ هنڌ پهچائڻ لاءِ جب هوندو آهي ته متان ڏاڙيل کيس ڏسي، سائس ساڪيو غريب وارو حال ڪن. البت ايترو آهي ته "اياز" کي ايترو جس ضرور آهي ته جيڪڏهن هو پنهنجون رڙيون وساري، پنهنجي حفاظت ڪري ٿو ته سنڌس خاموشي اهڙي نه آهي، جنهن مان غريب کي الٽو وڏيڪ نقصان پهچي. هن دور ۾ اها حيثيت به غنيمت آهي! ڪجهه وقت اڳ جو باغي شاعر فقط حسن کي سينگارڻ لڳي تڏهن به غنيمت آهي، چاڪاڻ ته حسن ۽ سونهن جو هت وڏو فقدان آهي.

"اياز" سنڌجو هڪ لافاني شاعر آهي، جنهن تي ايندڙ نسل فخر ڪندا. جو سنڌي زبان جي نرڙ جو هي جهومر شل هميشه ائين جرڪندو ڀهڪندو رهي.

* اياز جي شاعري سنڌي زبان ۽ ادب جي هڪ روشن منزل آهي.
* اياز جي شاعري نئين سنڌي شاعريءَ جو شروعاتي اڪر آهي.
* اياز جي شاعري ۾ سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو جادو ۽ ريل ۽ حسن آهي.
* اياز جي شاعري شين دور ۽ حياتيءَ جي قدرن جو آئينو آهي.
* اياز جي شاعري ۽ حسن، محبت ۽ سچائيءَ جي ازلي تلاش آهي.

مهراڻ جي وادي‌ءَ جي صاحب - طرز شاعر

شيخ اياز

جي

سنڌي ڪلام جو مجموعو

"پويڻ پري آڪاس"

جنهن کي پاڪستان رائيٽرس گلڊ ڇاپيو آهي

ضخامت: ڊي سائيز ۲۰۰ صفحا — قيمت سوا ٻه روپيا

اوچو ڪاغذ، سهڻي ڇپائي، ڪپڙي جو نفيس جلد ۽

دل ڀائيندڙ ٽائيٽل سان سينگاريل

ملڻ جو هنڌ:- پاڪستان رائيٽرس گلڊ اسٽريچن روڊ، ڪراچي.

مترجم : رسول بخش کتري

انجمن حمايت- اسلام لاهور

(ايشيا ۾ مسلمانن جي وڏي ۾ وڏي جماعت)

انجمن- حمايت-اسلام لاهور گذريل ستر(۷۰)سالن کان، برصغير پاڪ و هند جي مسلمانن جي پنهنجي تعليمي ۽ امدادي ادارن ذريعي خدمت پئي ڪئي آهي ۽ هن جوش و خروش جي مشعل کي روشن ڪرڻ ۾ عملي حصو ورتو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ مسلمانن پنهنجي حقن کي حاصل ڪرڻ جو نعرو بلند ڪيو ۽ نيٺ پاڪستان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيا.

انجمن نئين جديد تعليم عام ڪرڻ لاءِ اسڪول ۽ ڪاليج کوليا، پر ان سان گڏوگڏ اسلامي تعليم جي ان مذهبي، اخلاقي ۽ تمدني پس-منظر جي حفاظت پڻ ڪئي، جنهن کي ماڻهو فراموش ڪرڻ لڳا هئا.

انجمن جي ان خدمت کي ڪير ٿو وساري سگهي، جهن دنيا کي اقبال سان روشناس ڪرايو ۽ اقبال کي سندس ذهانت جي اظهار ۽ ان کي وسيع ڏيارڻ خاطر پنهنجو پليٽ فارم مهيا ڪري ڏنو ۽ اهڙي طرح اقبال جي فڪر جي نشو و نما ۽ حصو ورتو. ساڳي طرح ان حقيقت کي ڪير ٿو فراموش ڪري سگهي ته انجمن پنهنجي سالياني جلسن ۾ حالي ۽ شبلي جهڙن مفڪرن ۽ منصفن کي تقريرن جون دعوتون ڏيئي ملت تي قابل فخر اثر وڌو. حقيقت ۾ صرف انجمن جا سالياني جلسا ئي اهڙا ميڙ هوندا هئا جڏهين مسلمانن کي پنهنجي مذهب جي ممتاز ۽ نمائنده شخصيتن جي علم و تدبر سان پريل تقريرن ٻڌڻ جو موقعو ملي سگهندو هو.

هن انجمن جا تعميري ڪارنامه ملت لاءِ واقعي قابل فخر آهن، ان ڪري مناسب ٿيندو ته انجمن جي پرخلوص ارادن ۽ بي غرض ڪوششن ذريعي سر انجام ڏنل، معجزا نما ڪارنامن کي بيان ڪرڻ لاءِ ان جي تدريجي ارتقا جو مختصر جائزو ورتو وڃي. ان قسم جو جائزو عوام جي دل ۾ قومي خدمت جي جذبي کي بيدار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو ۽ اهڙن خدمتي ادارن جي چونڊ ڪرڻ ۾ رهنمائي ڪندو، جن جي صداقت ۽ بي‌لوث خدمتن کي سالن جا سال آزمايو ويو آهي، جنهن جي نتيجي ۾ هينئر اهي ادارا عام معاونت ۽ مدد ڪرڻ جو پڻ حق رکن ٿا.

انجمن جو بنياد :-

اڻويهين صديءَ جي آخري چوٿائيءَ ۾ اتر هندستان جا رهواسي عام طور ۽ پنجاب جا خاص طور سان هڪ ناگوار صورتحال جو شڪار ٿيا هئا. هڪ طرف عيسائي پادرين جا حملا ۽ تبليغون، ۽ ٻئي طرف متعصب آريا سماجين جو پرچار مسلمانن کي سندن مذهب تان هٽائي رهيو هو. انهن ناقابل برداشت حالتن کي ڏسي مسلمان قوم سان دلي محبت رکندڙ حرڪت ۾ آڻڻ، سا ڪالهه اڻ ٽيٽي هئي. آخرڪار ۱۸۸۴ع ۾ مولانا قاضي حميدالدين جي ذهن ۾ انجمن حمايت- اسلام، لاهور جي بنياد رکڻ جو خيال آيو، جيئن ته مسلمان نينگرن ۽ نينگرين کي دنيوي تعليم سان مالامال ڪري سگهجي ۽ اسلامي تعليم کي پڻ برصغير پاڪ و هند ۾ پکيڙي سگهجي. مولانا ان خاندان جو هڪ فرد هو، جنهن سکن جي دور حڪومت ۾ پڻ پنجاب جي دارالخلافه ۾ اسلامي تعليم و تمدن جي مشعل کي بلند رکيو هو.

انجمن جو دستور :-

انجمن سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ xxi آف (1860) (Societies Registration Act xxi of 1860 جي تحت هڪ رجسٽرڊ جماعت آهي، جنهن وٽ

پنهنجي نظم و نسق کي هلائڻ لاءِ مڪمل قانونن ۽ قاعدن تي مشتمل هڪ نهايت واضح دستور آهي.

هن انجمن جو هر مسلمان بالغ شخص پارهن روپيا سال جي فيس ڏيئي ميمبر ٿي سگهي ٿو ۽ زندگيءَ جي ميمبر شپ لاءِ ٻه سؤ پنجاه روپيا ڏيڻا پون ٿا.

انجمن جي نظم و نسق جي منتظم اعليٰ ڪي مجلس عام General Council سڏجي ٿو. مجلس عام جون چونڊون هر ٽين سال عام رکن ڪندا آهن ۽ اها مجلس وري انجمن جا نمائندہ يعني صدر، نائب صدر، سيڪريٽري، مالي سيڪريٽري، ايگزيمنر آف اڪائونٽس، آڊيٽر، انجنيئر ۽ محافظ منتخب ڪندي آهي. اهي سڀ عهديدار اعزازي هوندا آهن.

انجمن جي مختلف ڪاليجن، اسڪولن، يتيم خانن ۽ ٻين ادارن جو انتظام وري مختلف چونڊيل ڪميٽين جي حوالي هوندو آهي، جن کي مجلس عام سال ۾ سال چونڊيندي آهي. اهي ڪميٽيون پنهنجي اختيارن کي استعمال ڪرڻ ۾ عملي طور خود مختار هونديون آهن.

پاڪستان جي نمائنده ۽ ممتاز شخصيتن کي پاڪستان جي مختلف حصن مان چونڊي انجمن جي مجلس عامه جو رکن بنايو ويندو آهي.

مجلس عامه ۾ بهاولپور، خيرپور، قلات، خاران، مڪران، لس بيلي، انب ۽ چترال جي رياستن کان سواءِ پاڪستان جي مختلف صوبن جهڙوڪ، پنجاب، سرحد، سنڌ، بلوچستان، ڪراچي ۽ اولهه بنگال ۽ وري آزاد ڪشمير، ڍاڪا ۽ سنڌ يونيورسٽي کي پڻ نمائندگي ڏني ويندي آهي.

انجمن جي پراڻي ڪارروائي مان معلوم ٿئي ٿو تہ پهرين سال جي ڪل آمدني صرف ست سو چونجاه روپيا هئي ۽ ڪل خرچ صرف ٽي سو ٽيهه روپيا هو. ان جي مقابلي ۾ ۱۹۵۵-۵۵ جي بجٽ تي نظر ڪبي تہ انجمن جي عام حالتن ۾ اميد ڪيل آمدني ٻہ لک روپيا آهي تہ رڪيل خرچ ويهن لکن جي رقم تي اچي پهچي ٿو. اهڙيءَ طرح انجمن جي بجٽ جو جائزو ولندي معلوم ٿيندو تہ (۷۰) ستر سالن کان ڪجهه وڌ عرصي ۾ اها هزارها دفعا وڌي وئي آهي. آمدني کان اهو ڏيڪاريل ٻن لکن جو وڌيڪ خرچ ٻيلا شڪ تعجب ۾ وجهندڙ آهي، مگر انجمن جي مختلف ادارن جي وڌندڙ ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ، انجمن جي ڪارڪردگيءَ ۾ وسعت پيدا ڪرڻ ۽ ترقيءَ جي راهن کي هموار ڪرڻ لاءِ، انجمن لاءِ هيءَ لازمي ٿي پيو تہ عوام جي روايتي امداد و معاونت جي سهاري، ان خرچ کي پوري ڪرڻ جي گنجائش پيدا ڪري.

انجمن جي ان معمولي آغاز جو موجوده حالتن سان مقابلو ڪندي ڏسندا سون تہ شروع ۾ انجمن جي دفتر لاءِ ان وقت تہ هڪ جڳهه ايائي ريم ماهواري پاڙي تي ورتل هئي، مگر اڄ هندستان ۾ چڏيل ڏهن لکن جي جائداد کي چڏي (جنهن جي ملڻ جي ڪا اميد ڪانهي) انجمن جي ذاتي دفتر ۽ ٻي جائداد جي مالڪيت ستر لکن روپين جي برابر ٿيندي.

ساڳيءَ طرح انجمن جي ادارن جي تعداد ۾ واڌارو ٻڻ تعجب خيز آهي. شروع شروع ۾ صرف ٻہ چوڪرين جا پرائمري اسڪول انجمن طرفان هلايا ويندا هئا، مگر هينٽربي شمار بهترين ڪاليج، اسڪول، يتيم خانا ۽ ٻيا ادارا انجمن جي پاران هلايا وڃن ٿا. اڪيي صرف سٺ شاگردن جا نالا حاضريءَ جي ڪتاب ۾ هٿا تہ هينٽر انهن جو تعداد ڏهن هزارن تي وڃي بيٺو آهي.

مذهبي ۽ تعليمي ڪارناما :-

آريہ سماجين ۽ عيسائي پادرين سان مقابلو ڪرڻ ۽ انهن جي گمراه ڪن پرچار جي جواب ۾ انجمن فوري طور مبلغ مقرر ڪيا، ننڍڙا ڪتاب ڇپائڻ شروع ڪيا ۽ هڪ رسالو پڻ جاري ڪيو، جيکو "حمايت-اسلام" لاهور جي نالي سان مشهور آهي. قرآن، حديث

۽ فقه جي تعليم ڏيڻ لاءِ مدرسا ۽ ڪوليا ويا. مسلمان چوڪرن ۽ چوڪرين کي مذهبي احڪامات کان واقف ڪرائڻ لاءِ انجمن پنهنجي ڪتابن کي مشهور "دينيات" جي عنوان سان سلسليوار تاليف ڪرائڻ شروع ڪيو. "دينيات" جي ان سلسلي انجمن جي مدرسن جي شاگرد ۽ برصغير جي مسلمان رهواسين جي مذهبي تعليم جي بنياد کي پختي ڪرڻ ۾ هڪ نمايان ڪارنامو سرانجام ڏنو آهي. ان کانسواءِ انجمن پنهنجا اردو، عربي ۽ فارسيءَ جا درسي ڪتاب ۽ ڇپرايا، جيڪي ڪجھ عرصي تائين مسلمانن جي تعليمي نصاب ۾ رائج رهيا، ۽ انجمن اهڙا ڪتاب ۽ قوم کي مهيا ڪري ڏنا، جي اسلامي تعليم جي روح کي باقي رکندي شاگردن کي دنيوي تعليم جي دولت سان مالا مال ڪيو آهي.

تازو ئي انجمن هڪ عظيم رٿ کي منظور ڪيو آهي، جنهن جو مقصد اردو زبان جي ترقيءَ کي خاص طور مدنظر رکندي، ملڪ جي مذهبي، تمدني، تاريخي ۽ ادبي خزاني کي منظر عام تي آڻڻو آهي. اميد آهي ته انجمن عوام جي عملي تعاون ۽ فراخدليءَ جي مدد سان پنهنجي ان ڪم کي پوري ڪرڻ جي قابل ٿيندي.

انجمن جو وڏو ۽ وڏو ڪارنامو آهي قرآن جو اهو ڇاپو ڇپرائي شايع ڪرڻ، جنهن تي انجمن سالن جا سال صبر آزما محنت ۽ وڏي رقم خرچ ڪئي آهي. قرآن جي ان ڇاپي جي هاري ۽ خطا طي جي پاڪيزگي ۽ فن جي لطافت ۽ خوبصورتيءَ کان علاوه صاف، دلڪش ۽ غلطين کان محفوظ هڻڻ جو دعويٰ ڪري سگهبو. سيد سليمان ندوي جي لفظن ۾ هن ڇاپي جو "هر لفظ موتي ۽ هر سٽ هيرن جي لڙي نظر ايندي. لکڻي ايتري قدر صحيح آهي جو انجمن ان ڇاپي ۾ هڪ ڇڪ يا غلطي ثابت ڪندڙ کي اڍائي سو روپيه انعام طور ڏيڻ جو عام اعلان ڪري ٿي".

انجمن جا يتيم خانا ۽ بيوه گھر:-

۱۸۸۶ع ۾ جڏهين هڪ مسلمان بيوه پنهنجي هار جي علاج خاطر لڌيانه جي هڪ مشنري اسپتال ۾ داخل ٿي، تڏهين ارتداد (مذهب کان ڦري وڃڻ) جو هڪ نهايت دردانگيز واقعو پيش آيو. هسپتال جي اختياري وارن هار ۽ ماءُ پنهي کي عيسائي مذهب جو ڪلمو پڙهايو، مگر انجمن ٻيهر انهن کي اسلام جي دائري ۾ آڻڻ ۾ ڪاميابه ٿي ۽ ۱۸۸۷ع ۾ بي يارو مددگار يتيمن چوڪرين جي اجهي لاءِ هڪ يتيم خانو کوليائين. ۱۸۹۰ع ۾ وري چوڪرن لاءِ هڪ جدا يتيم خانو کوليو ويو، ان ڏينهن کان وٺي اهي ٻ ادارا، برصغير جي مختلف حصن مان آيل يتيم چوڪرن ۽ چوڪرين جي پرورش ڪندا ۽ کين تعليم ڏيندا رهيا آهن. زناني يتيم خاني ۾ هڪ حصو "بيوه گھر" جي نالي سان ٻڌل آهي. اڄ ڪلهه مرداني حصي ۾ ۲۴۸ يتيم هار آهن ۽ زناني حصي ۾ ۹۶ يتيم چوڪريون ۽ بيوه عورتون آهن. زنانو حصو في الحال سرڪاري عمارت ۾ آهي، جيڪا هينئر حڪومت کي پنهنجي ڪم لاءِ کپي ٿي، ان ڪري انجمن ان حصي کي ڪنهن ٻئي موزون جڳهه تي منتقل ڪرڻ گهري ٿي. اهڙي ڪا نئين جڳهه صرف وڏي خرچ سان حاصل يا تعمير ڪري سگهجي ٿي. مرداني حصو، نوان ڪوٺ ۾ انجمن جي پنهنجي عمارت آهي، مگر يتيمن جي تعداد وڌڻ سبب اها جڳهه ڏي تنگ ٿي پئي آهي ۽ هاڻ ان کي فوري طور وڌائڻ نهايت ضروري ٿي ٻيو آهي. انجمن وٽ زمينون تر گهڻون موجود آهن، مگر انهن تي عمارتون تعمير ڪرائڻ لاءِ ڪجھ جيتري رقم گهرجي ٿي. مجلس عامه انجمن جي يتيم خاني جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ، هڪ نئين عمارت کي اڏڻ جي رٿ لاءِ الن لکن روپن جي منظوري ڏني آهي.

انهن يتيم خانن جي ماضيءَ تي نظر ڪرڻ مان خبر پوندي ته انهن هميشه ملڪ جي سڀني حصن ۾ خدمت

پئي ڪئي آهي. مثال طور، "موپلا تحريڪ آزادي" جي نتيجي ۾ جڏهين ملبار جي مسلمانن تي حد کان زياده ظلم و تشدد ڪيو ويو، تڏهين انجمن موپلا جي يتيمن کي پنهنجي يتيم خاني ۾ فوري طور جڳهه ڏيڻ جو بندوبست ڪيو ۽ موپلا جي بيوه عورتن کي بيوه گهر ۾ جڳهه ڏني وئي. ساڳيءَ طرح بهار جي حادثي جي موقعي تي انجمن ان صوبي جي بد نصيب بيوه عورتن ۽ ٻارن کي اجهو ڏنو. ۱۹۳۵ ۾ ڪوئٽا زلزلي جي مظلومن ۽ برما جي حادثي جي شڪار يتيمن کي ٻڌ انجمن اجهو ڏنو. انجمن حال ئي ۾ مهاجر يتيمن ۽ بيوه عورتن جي رهڻ جوڀوري طرح بندوبست ڪيو آهي ۽ پنهنجي محدود ذريعن هوندي ۾ ڪجھ جيترن شاگردن کي تعليمي سهوليتون مهيا ڪري ڏنيون اٿس.

انجمن انهن يتيم خانن جي انتظام تي هر سال هڪ لک پنجاه هزار روپيا خرچ ڪري ٿي.

يتيم خاني جي چوڪرين کي ديني توڙي دنيوي تعليم ۽ دستڪاري جي هنر ۽ گهريلو ڪم ڪار جي تربيت ڏني وڃي ٿي. جڏهين شاديءَ جي عمر تي پهچن ٿيون تڏهين سندن مستقبل جي پلائي ۽ بهبود ڪي مد نظر رکندي، سندن هٿ بهتر ماڻهو کي ڏنو وڃي ٿو.

چوڪرن جي يتيم خاني ۾ ٽيڪنيڪل تعليم جي بندوبست ڪرڻ لاءِ انجمن هڪ پروگرام تيار ڪيو آهي ۽ هڪ مثالي ٽيڪنيڪل اداري کي شروع ڪرڻ لاءِ فراخدلانہ چندن جي سخت ضرورت درپيش آهي. هوشيار ۽ ذهين شاگردن کي ڪاليجن ۾ اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ يا اعليٰ پيشه ورانہ تعليم حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڏني وڃي ٿي. انهن مان ڪيترائي اڄ ڪلهه قومي زندگيءَ ۾ اعليٰ جڳهه واري رهن ٿا.

تعليم :-

(الف) پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم :- انجمن پنهنجيون تعليمي سرگرميون ٻن پرائمري اسڪولن جي افتتاح کان شروع ڪيون هيون. رفته رفته پرائمري مڈل ۽ سيڪنڊري اسڪولن جو هڪ جال پکيڙي چڏ يائين. اڄ ڪلهه چوڪرين لاءِ هڪ وڏو اسلاميه هاءِ اسڪول ۽ چوڪرن لاءِ پنج هاءِ اسڪول آهن، جن مان ڪن ۾ پرائمري تعليم جو به بندوبست آهي، جي انجمن جي ملڪيت آهن. راولپنڊي ضلع جي گجر خان ۾ انجمن جي اسلاميه هاءِ اسڪول جو ذڪر هڪ خاص ۽ اهم اداري جي حيثيت ۾ ٻڌ ڪري ٿو سگهجي، جيڪا اسان جي مشهور فوجي قبيلن جي ضرورت کي پورو ڪري ٿي. شاگردن جي تعداد ۾ واڌاري سبب هر اسڪول ۾ وڌيڪ گنجائش پيدا ڪرڻ ضروري آهي، جنهن تي ٻه ڪ جيتري رقم صرف ٿئي ٿي.

(ب) پيشه ورانه تعليم :- هن عنوان هيٺ سڀ کان پهريان طبيه ڪاليج لاهور جو ذڪر اچي ٿو، جنهن ۱۹۰۷ کان، ان يوناني طب کي زنده پئي رکيو آهي، جيڪا اسان جي طبع لاءِ يقيناً موزون آهي. انجمن هڪ نئين اسڪيم جي منظوري ٻڌ ڏني آهي، جنهن جي هيٺ طب - يوناني سان گڏ و گڏ علم - بدن ۽ علم الصحت جي جديد تحقيق جي روشني ۾ تعليم ڏني ويندي، جيئن طبيه ڪاليج جا گريجويٽ علاج جي جديد طريقن کان ٻڪيءَ طرح واقف ٿي سگهن. ان اسڪيم تي عمل ڪرڻ سان انجمن جي موجوده بجيٽ ۾ هر سال پنجاه هزار روپين جو اضافو ٿيندو.

ان سلسلي ۾ هيءُ قابل ذڪر اداروجونيئر اينگلو ورنيڪيولر تربيت جا ڪلاس آهن، جيڪي انجمن جي چوڪرين جي اسلاميه هاءِ اسڪول ۾ ٿيندا يون آهن.

(ت) اعليٰ تعليم :-

(۱) اسلاميه ڪاليج لاهور :- اسلاميه ڪاليج

لاهور، اولهه پاکستان ۾ تعليم جو مشعل بردار ٿي رهيو آهي ۽ ملڪ جي غريب ۽ وچولي درجي جي شاگردن کي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جا موقعا فراهم ڪيا آهن. هيءَ اداروعملي طور عقلي ۽ تمدني تحريڪن جو مرڪز ٿي رهيو آهي. نه صرف ان جي پراڻي شاگردن، مگر انهن سان گڏ تعليم يافتہ ٻين شاگردن ۽ استادن ٻڌ پاکستان کي حاصل ڪرڻ جي تحريڪ ۾ قوم جي بي بها خدمت ڪئي آهي. بدنام يونينسٽ حڪومت جي دور اقتدار ۾، قائد اعظم جي سڏ تي، ان اداري جا شاگرد ۽ استاد پنجاب جي ڪنڊ ڪڇ ۾ گهاٽن ڪرن جيان ٻڪڙ جي وڃي، جنهن جي نتيجي ۾ مسلم ليگ کي جيڪا پاکستان قائم ڪرڻ جو نصب العين سامهون رکي وجود ۾ آئي هئي، تنهن کي چوندڙ ۾ حيرت انگيز طريقي سان ڪامياب ڪرايو. اڄ ڪلهه هي ڪاليج پاکستان ۾ وڏي ڪان وڏو ڪاليج هڻڻ جي دعويٰ جو حق رکي ٿو. سندس حاضري جي رجسٽر ۾ ٻن هزارن ڪان وڌيڪ شاگردن جا نالا درج آهن، جن مان هڪ هزار ڪان ٻه وڏي سائنس ڪاليج ۾ آهن ۽ انهن کي تعليم ڏيڻ لاءِ اسيءَ (۸۰) ڪان ٻه وڏيڪ استاد، پروفيسر ۽ ليڪچرار آهن. هيءَ ڪاليج اهڙي طرح پاکستان ۾ سڀ ڪان وڏو سائنس ڪاليج ٻڌ آهي. وڏندڙ ضرورت جي مقابلي ڪرڻ لاءِ انجمن نوان هاسٽل اڏيا آهن، ورانڊن کي ڪلاس جي ڪمرن ۾ بدليو آهي ۽ تجربا گاهن (ليبورٽريز) ۾ شفٽن جي طريقہ ڪار کي ٻڌ رائج ڪيو ويو آهي، ان هوندي ٻ، ان وڏندڙ ضرورت کي پورو ڪرڻ مشڪل نظر پيو آهي. ان ڪري انجمن في الحال ان وقت تائين کا وڏي عمارت حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهي، جيستائين ٻنهنجي طويل مدت واري ان رٽ تي عمل ڪري سگهي، جنهن ۾ کنهن موزون جڳهه هڪ تمام وڏي نئين عمارت تعمير ڪئي ويندي.

(ٽ) عورتن لاءِ اسلاميه ڪاليج:-

عورتن کي اعليٰ تعليم ڏيڻ جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ، انجمن ۱۹۳۹ع ۾ ان ڪاليج کي شروع ڪيو. ان ڪاليج ۾ پردي جو پورو پورو انتظام آهي ۽ ان جوالحاق ايم. اي. جي درجي تائين پنجاب يونيورسٽي سان آهي. پاکستان ۾ سند يافتہ ليڊي ڊاڪٽرن جي ڪميءَ کي محسوس ڪندي، انجمن ان ڪاليج ۾ سائنس جو بندوبست ڪيو آهي. نوان ڪمرا ۽ تجربا گاهون ٻڌ وڏي نموني سان عنقريب تعمير ٿيڻ واريون آهن.

ڪراچي ۾ شاخ:-

انجمن، ڪراچي ۾ پنهنجي شاخ ٻڌ کولي آهي ۽ ڪراچيءَ ۾ جلد کان جلد هڪ يتيم خانو، هڪ اپاهج گهر Rescuehome ۽ هڪ زناني اسڪول کي شروع ڪرڻ جو ارادو ٻڌ رکي ٿي. ان ڏس ۾ تقريباً چار چورس وال زمين ٻڌ شهر جي وچ ۾ انجمن هٿ ڪئي آهي ۽ مستقبل قريب ۾ تعمير جو ڪم شروع ٿيڻ وارو آهي.

هيءَ آهي ايشيا جي اها عظيم اسلامي انجمن جيڪا هر طبقي جي ماڻهن وٽان مدد ۽ حوصلہ افزائي جي مستحق آهي، جيئن ته پنهنجي وجود ۽ ڪارنامن کي جاري رکي سگهي، پنهنجي مفيد تحريڪن کي اڳتي وڌائي سگهي ۽ سماجي تبديلين ۽ تبديل ٿيندڙ حالتن جي طوفان سان مقابلي ڪرڻ لاءِ جبل وانگر بيٺي رهي.

ان ڪانسواءِ قومي نقطئ نظر کان به هيءَ ڳالهه هميشه سهائيندڙ رهي آهي ته هڪ قوم جو تعليمي سرشتو قوم جي ٿي هٿن ۾ رهي ۽ اسان کي ڪڏهين به نه وساريو ڪهڙي ته پاکستان ۾ صرف مملڪت اسلاميه قائم ڪرڻ سان ڪو اسان جون ذميواريون پوريون نه ٿيون ٿي وڃن بلڪ جيستائين انجمن جي اسڪيمن کي تڪميل تي نه پهچايو وڃي ان ڪم لاءِ هر طبقي جي ماڻهن وٽان مدد جي ضرورت آهي ۽ قوي اميد آهي ته ان ڏس ۾ فراخدليءَ ۽ شوق جو اظهار ڪيو ويندو جيئن ته انجمن جي سرمايه ۾ اضافو ٿي سگهي.

احمد خان آصف

مرحوم محمد صديق "مسافر"

"زندگي جون منزلون سپ طي ڪري
هاڻ اڄ حضرت "مسافر" ويو لڏي"

صاحب- ديوان شاعر، مشهور عالم و فاضل، سيد فاضل شاه حيدرآبادي جو شاگرد رشيد، مرحوم حضرت، گدا، سانگي، نجفي، قليچ واصف، بلبل، غريب ۽ قادري جو هم عصر ۽ سندي ادب جو مخلص خدمتگار ۽ جهونڙو جوگي مرحوم محمد صديق مسافر زندگي جون منزلون پوريون ڪري، هن سرائي فاني ماڻ تاريخ ۲۳ سپٽمبر ۱۹۶۱ع سفر سڌاري دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. "إنا لله وإنا اليه راجعون" سچ سڏايو آهي سڳوري سيد پلاري پٽ ڏڻي ته:

فاني ڏي فاني، دنيا دم نه هيڪڙو،
ڪوڏر ۽ ڪاني، آهي سيڪنهن سر تي.

مرحوم مسافر جي والد نالو بلال عرف گلاب خان هو، جو زبردست جوڌو هو. گلاب ننڍو هو تہ غلام ٽي سنڌ ۾ وڪاڻو، ان وقت سنڌ ۾ ميرن جي صاحبي هئي. ۱۸۴۳ع ۾ جڏهن سنڌ جا حاڪم انگريز ٿيا تڏهن غلامن جو واپار بند ٿيو ۽ ڪين آزاد ملي. انوقت گلاب خان مخدوم حرعلي وٽ ٽنڊي باگي ۾ هو، جنهن ڪيس آزاد ڪيو گلاب خان جهڙو و هو نالو، تهڙو ئي هو اخلاق جو اوچو ۽ ايماندار تنهنڪري ٽنڊي باگي جي سيني شيدين ڪيس پنهنجو پگدار ۽ پريو مڙس ڪيو، آهو بار گلاب خان نهايت سهڻي نموني ادا ڪندو رهيو.

گلاب خان پنهنجي برادري مان ۾ شاديون، مائي سليمت ۽ مائي بيگم سان ڪيون. مائي سليمت سان ۱۸ ڀارئيس جي سڀ فوت ٿي ويا. مائي بيگم سان جمله ۱۲ ڀارچاوڻ، جن سان مرحوم مسافر پهرين اپريل ۱۸۷۹ع ۾ تولد ٿيو.

مرحوم مسافر پهريائين ٽنڊي باگي جي مڪتب ۾ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪئي، بعد ۾ سنڊي اسڪول ۾ ۱۸۹۳ع ۾ داخل ٿيو ۽ لڳاتار ۾ درجا پاس ڪري ۱۸۹۶ع ۾ فائينل پاس ڪيائين. ۱۸۹۷ع ۾ ٽنڊي آدم ۾ ماستر مقرر ٿيو اتان بدلي ٿي سنجاهور اسڪول ۾ آيو، جتان ٽريننگ ڪاليج ۾ چونڊجي ويو ٽريننگ سان گڏ پارسي به پڙهيو. ان عرصي ۾ سيد فاضل شاه سان ڏيٽ ويٽ ٿيس ۽ انوٽ عربي به پڙهڻ لڳو ۽ شاعري جي تعليم به حاصل ڪيائين. ۱۹۰۱ع ۾ ڪاليج جا ٽيئي سال پورا ڪري پرنسپال جي مهرباني سان ۱۹۰۲ع پرائمنسنگ اسڪول ۾ اسسٽنٽ مقرر ٿيو، جتي رهي انگريزي پڙهيائين مٽرڪ ڏيڻ تي ويو، مگر عين وقت تي بيمار ٿي پيو. ڏهن سال پرائمنسنگ اسڪول ۾ ماستري ڪري آخر خود ٽريننگ ڪاليج ۾ پرشين ٽيچر مقرر ٿيو. ۱۹۱۹ع ۾ قطع تعلقات جي شروع ٿيڻ ڪري، هڪ ماستر جي تعصب سبب، پرنسپال سندس خلاف رپورٽ ڪئي، تنهنڪري مسافر صاحب موڪل وٺي ٽنڊي باگي هليو ويو، جتي ميرغلام محمد خان ٽالپر ڪيس انگريزي اسڪول کولرايو، جو هنوقت هڪ مشهور هاءاسڪول آهي. مسافر ۱۹۲۰ع تائين انهيءَ اسڪول جو هيڊ ماستر ٿي رهيو، جتان وري گورنمنٽ ڪيس واپس شڪارپور گورنمنٽ هاءاسڪول ۾ اسسٽنٽ مقرر ڪيو، جتي ۱۹۲۸ع تائين نوڪري ڪري وري ٽريننگ ڪاليج ۾ بدلي ٿي ويو، جتان ۱۹۳۰ع ۾ پينشن جي درخواست ڪري واپس وطن آيو ۽ اتي اچي نياڻين جي تعليمي خدمت لاءِ ميرغلام محمد خان شريڪ ٿيو ۽ ٽنڊي باگي ۾ گرلس اسڪول کولي ان کي زور ولرايائين جو هاڻي هڪ

گرلس هاءِ آهي. انکي اوج تي پهچائڻ ۾ مرحوم جو وڏو هٿ هو.

مسافر صاحب شعر شاعري، تصنيف و تاليف جو ڪم ۱۹۰۲ع کان شروع ڪيو، جڏهن هو حيدرآباد ۾ ماسٽر هو ۽ سيد فاضل شاه سان ڊيٽ ويٽ ٿي هيس. نثر خواه نظم ۾ ڪيترائي ڪتاب لکيا اٿس. سندس لکڻي اهڙي ته مقبول هئي جو مرحوم جا ڪيترا مضمون ۽ ڪتاب پرائمري اسڪولن، هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ درسي طور پڙهيا ويندا هٿا ۽ اڄ تائين پڙهيا وڃن ٿا.

اکين ڏٺو مثال:- خدا نه پلائي ۴۲-۱۹۴۳ع جي ڳالهه آهي، جنهن وقت مان ٽريننگ ڪاليج حيدرآباد ۾ پهريون سال پڙهندو هوس. انوقت هٽلر جي حملن، اتحادين کي عاجز ڪري ڇڏيو هو. هيڏانهن جپان سينگاپور تي سوڙهه رکي هئي. انگريزن کي خوف ٿيو ته اجهو ٿو هندستان هڙپ ٿئي، تنهنڪري هٽلر خلاف پروپيگنڊا شروع ڪيائون. ان سلسلي ۾ حيدرآباد جي هوسٽيڊهال ۾ هڪ مجلس منعقد ڪئي ويئي، جنهن ۾ حيدرآباد جي آسپاس جي شاعرن کي بدعو ڪيو ويو هو مرحوم محمدصديق ميمن، مرحوم واصف، مهاشيه ليکراج عزيز، مسافر مرحوم ۽ ڈاڪٽر محمد ابراهيم خليل مشاعره ۾ موجود هٿا. مرحوم محمدصديق ميمن مثنوي پيش ڪئي، مرحوم واصف قومي نظم پيش ڪيو، خليل صاحب مخمس نظم پڙهيو، جنهن جو هڪ مصرع اڃا به ياد اٿم.

"وقت آخر ۾ وطن پنهنجو بچائيندو نه چا؟"

خليل صاحب ڪانپوءَ مسافر مرحوم جو وارو آيو. اسٽيج تي اچي سان ماٿهن ۾ چرپٽو شروع ٿيو، چاڪاڻ جو مسافر صاحب رنگ جو البت سياه هو، مرحوم نظم پڙهڻ شروع ڪيو. سندس لفظ لفظ ۾ جذبو هو، جوش هو، سلاست هئي، بلاغت هئي، سڄي هال تي سڪتي جي حالت طاري هئي، رکي رکي مڪرر مڪرر مرحبا مرحبا جا الفاظ هار هار گونججي رهيا هٿا. اڄ به آهو نظارو اکين اڳيان تري اچي ٿو، ته ساه کي سٽ اچي ٿي وڃي.

مرحوم مسافر گهٽائي ڪتاب لکيا آهن، جن مان ڪن جا نالا هي آهن:- سپاهي زادو، هدايت المسلمين، رموز القرآن، گلبدن، مهرور بانو، ممتاز دمساز، شهيد ڪربلا، حياتي جو دور، چونڊ نظم و نثر، جوهر اسلام، غلامي ۽ آزادي، ديوان فاضل، سڄاڻ زالون، ۽ ڪليات مسافر وغيره وغيره. سندس لکيل ڪتابن مان ڪجهه سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي ڇپايا هٿا. ڪجهه محمد يوسف حيدرآباد ۽ آر. ايڇ. احمد اڻڌ برادرس ڇپرايا آهن.

مرحوم مسافر پير پاڳاري جي خاندان مان، پيرعلي حيدر جو مريد هو، ننڍي هوندي ڪانئي صوم و صلواة جو پابند، صاف دل انسان ۽ صوفي منش بزرگ هو جوانيءَ جي وقت ۾ مجازيءَ جي مهميز به آيس، پر فاضل شاه جي فقيرانه فيض ان تڙ تان ترڪ ڪان بچائي ڪيس پار پهچائي ڇڏيو.

مرحوم مسافر هڪٻئي پڻيان ٽي شاديون ڪيون، انهن مان ڪيس گهٽو ٽي اولاد ٿيو، پر هنوقت فقط هڪ نياڻي ٽيس، جا ماسترياڻي آهي ۽ هڪ فرزند عطاءالله جنهن جي عمر ۲۱ - ۲۲ سال آهي حيات آهن.

آخر ۾ دعا آهي ته الله تعالي مرحوم مغفور محمدصديق مسافر کي جنت ۾ جاءِ ڏي. آمين

سنڌي ادب کي وڌائڻ هرهڪ اهل-زبان جو قومي فرض آهي

ولادت ۱۸۷۹ء ——————— وفات ۱۹۶۲ء

مرحوم محمد صدیق "مسافر"



ڪلهوڙا خاندان جي مشهور شاعر فرمانروا ميان محمد سرفراز شهيد جو مقبرو. (مضمون صفحي ۳۷ تي پڙهندا هنن ڀٽي صفحن جا فوٽا پڻ مضمون نگار صاحبه جو عطيو آهن)



↑ هڪ ڪلهوڙي فرمانروا جو مقبرو

حيدرآباد جي قلعي جي صدر دروازي جو اندريون نظارو

↓ ڪلهوڙن جو هڪ ٻيو مقبرو





کلهوڑن ←
جو هو پيو مقبرو



← کلهوڑن جي
قبن جو پري کان
نظارو

کلهوڑا خاندان اسان جي تاريخ ۾ نهايت اهم جڳهه والاري ٿو. روحاني اعتبار کان سنڌ جا مرشد هٿان، فن ـ تعمير جي لحاظ کان سندن اثار اڄ به وطن عزيز لاءِ فخر جو درجو رکن ٿا. حيدرآباد، خدا آباد نئون ۽ پراڻو ۽ انهيءَ کان سواءِ اسان جي قومي شاعر پٽائي رحمة الله جو روضو سندن فن ـ تعمير جي عظمت ياد ڏياري ٿو. بقول شاعر :

گاهے گاهے باز خوان اين دفتر ـ پارينه را
تازه خواهی داشتن گر داغهائے سينه را



حيدرآباد جي ق
جو اولهندو پاس

حيدرآباد جو ←
ڪچو قلعو

← حيدرآباد جي
قلعي جو صدر
دروازو



← حافظ محمد احسن چنا

محترم شرف الدين فقير ←

اسانجا چند ادیب ۽ شاعر



محترم گلزار احمد
سومرو ←



محترم پير اظهر ←
ريلائي

← محترم حامد علي
قريشي خانائي

ماهتاب منور عباسي

ميان محمد سرفراز شهيد کلهوڑو

ميان محمد سرفرازشهيد پنهنجي والدبزرگوار ميان غلام شاه جي وفات بعد ڏينهن ڪانپوءَ ١١٨٦ هجري ۾ تخت تي ويٺو. ان وقت سندس عمر بائيتاليهه (٤٢) سال هئي ۽ هالن جي ويجهو نئون شهر خداآباد اڏائي گادي جو هنڌ حيدرآباد کان ڦيرائي اتي مقرر ڪيائين. ميان سرفرازشهيد، ميان غلام شاه جو وڏو فرزند هو، تنهنڪري هو گادي ۽ جو حقدار هو ۽ پنهنجي والد مرحوم جي حڪومت جي زماني ۾ هڪ فرمانبردار فرزند جي حيثيت سان سندس ساڃو هٿ هو ۽ هر مشڪل ۾ پنهنجي پيءُ سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي سردانگيءَ سان تڪليفن کي منهن ڏيندو رهيو.

ميان محمد سرفراز هڪ وڏو عالم، مدبر ۽ خوش ذوق شخص هو. هو نهايت هردلعزيز حاڪم هو. سندس دربار جي شهرت ايران تائين وڃي پهتي هئي. هرطرف کان مشهور عالم ۽ شاعر سندس دربار ۾ ايندا هٿا. ميان صاحب هر هڪ عالم جي علم و فضل کي پرکي ڏسندو هو ۽ علمي حيثيت آهرڪين انعام و اڪرام ۾ ڏيندو هو.

سنڌ ان وقت افغانستان جي ماتحت هئي، ميان سرفراز جي تخت نشيني جي اٽڪل ڇهن مهينن بعد احمد شاه ابدالي قندار ۾ وفات ڪئي، سندس پٽ تيمور تخت نشين ٿيو. ميان محمد سرفراز ميرٻهرام خان ٽاپور کي تعزيت لاءِ قندار روانو ڪيو آتان ميان صاحب لاءِ خلعت ۽ حڪمراني جي سند سان گڏ "خدايارخان" جو خطاب به عطا ٿيس.

ميان سرفراز کي ديره جات يعني ديره اسماعيل خان ۽ ديره غازيخان جي حڪومت ۾ ملي. ميان سرفراز آتي چارمهينا رهي حڪومت جو انتظام درست ڪري ١١٨٧ هجري ۾ سنڌ موٽيو.

ڪلهوڙا زماني جا مرشد هٿا. بلوچ ڪلهوڙن جا عقيدتمند ۽ مريد هٿا. ميرٻهرام خان، ميان سرفراز جي دور ۾ حڪومت ۾ لشڪر جو سپه سالار ۽ معزز درباري هو، جنهن ميان سرفراز سان گڏ ڪڇ (١) ديره جات ۽ ڪجهي جي جنگين ۾ پنهنجي بهادري ۽ قابليت جو ثبوت ڏنو هو، محمد سرفراز خان عباسي جي حڪومت جو دور نهايت خوشگوار طريقي سان هلي رهيو هو. ميرٻهرام خان پنهنجي وفا ڪيشي ۽ بهادري جي باعث ميان غلام شاه جي وقت کان ڪاميابي سان وڏي عهدي تي هلندو آيو هو. ميان صاحب جو نهايت ئي مخلص صلاحڪار هو. هن جي جاه و جلال ۽ شان و شوڪت کي هڪ جهونو وزير راڇو ليکو، حسد وچان برداشت نه ڪري سگهيو ۽ ڪوڙيون تهمتون گهڙي ميرٻهرام جي برخلاف ميان سرفراز جي دل ۾ بدگماني پيدا ڪرڻ لڳو. جيتوڻيڪ ميان محمد سرفراز اهڙو بدگمان نه هو، جو هڪ فتنه انگيز ۽ جاهل جي چوڻ تي لڳي ها، پر قضا اهڙي طرح ڪم ڪندي رهي، جو هڪ دفعو نه، بلڪ ڪئي دفعا اهڙا واقعا پيش ايندا هيا.

ديوان گيدومل، جو حڪومت جو پراڻو صلاحڪار ۽ تجربيڪار وزير هو ۽ وڏي رسوخ وارو پڻ هو تنهن نوجوان حڪمران کي ميرن سان ٺهي هلڻ لاءِ گهٽوئي سمجهايو، مگر نوجوان بادشاه راڇي جي چورٽ ۾ اچي چڪو هو ۽ وزير گدومل جي صلاح تي ڪو ڌيان نه ڏنائين.

ميرٻهرام خان کي، سازش جي ڪڪ پئي ته ميان سرفراز کيس قتل ڪرائڻ جي وجهه ۾ آهي هن پنهنجو

(١) ميان سرفراز ڪڇ فتح ڪرڻ بعد "ڪنڊي ڪوٽ" جي ٺاڪر جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ ڪڇ جا علائقا واپس ڪڇ جي راجا کي ڏنائين.

موت اکين سان ڏاڍو ٿي ، ۽ چيو ته ڪجهو ڪين رکو ايترو چيائين نہ " ڪهوڙا اسانجا مرشد آهن، اسان سندن نمڪ کاڌو آهي، ان ڪري نمڪ حلالي ۽ مردانگي جو اهو شهوو ناهي جو اسين آڻي سائن سامهان ٿيون ."

آخر ڪار راڄي ليکي جي چورتن اثر ڏيکاريو، هڪ ڏينهن ڪليل دربار ۾ ميان سرفراز ، ميير بهرام کي خط پڙهي لاءِ ڏنو ۽ سندس اشاري سان حسين مرڙائي ميير صاحب تي تلوار جو وار ڪري شهيد ڪري وڌو ۽ هڪ بهادر ۽ مدبر انسان کي ختم ڪري چڏيائين ، جو ڪلهوڙن جي سلطنت جو سڀ کان وڏو ستون هو.

هڪدم دربار ۾ وڏو هل هڪاسو ڪڙو ٿيو، ميربهرام جو ٻٽ صوبدار ۽ وڙهندي وڙهندي شهيد ٿيو.

ميير بهرام جي قتل ڪري ٽالپرن ۽ بلوچن ۾ ڏاڍو گوڙ ٿيو. بالآخر ۱۷۷۵ع ۾ ميان سرفراز کي تخت تان لاهي حيدرآباد قلعي ۾ نظر بند ڪيو ويو. قيد ٿيڻ کان اڳ سندس سڀ سائي ڦري ويا ۽ هڪي اڪيلو چڏي ڏناڻن بلوچن کان سواءِ خود هن جا رفيق ۽ مخالف ٿي ويا اهڙي حالت ۾ سندس همت پست ٿي ۽ پاڻ ۾ مقابلو ڪرڻ جي طاقت ساري نہ سگهيو ۽ انهي وقت ميان سرفراز راڄي ليکي کي چيو ته " تون نهايت ٿي خراب قسم جو انسان آهين سونکي ڪهڙي صلاح ڏني ۽ پوءِ سونسان ڪهڙو سلوڪ ڪيءِ ! پنهي جهان جو خدا تو کي سزا ڏيندو، منهنجي عزت جو گوشءِ ڪلاه آسمان تي پهتل هو تنهنجي مڪر تنهن کي خاڪ ۾ ملائي چڏيو. مان تنهنجي مڪاري جو اندازو نہ لڳائي سگهيس ۽ ناحق پنهنجي وفادار امير کي قتل ڪرائي چڏيو."

ٽالپرن ، ميان سرفراز جي نظر بند ٿيڻ بعد سندس پاءِ محمدخان کي تخت نشين ڪيو، مگر هو ڪامياب حاڪم ثابت نہ ٿيو ،جنهن ڪري وري سندس چاچي ميان غلام نبي کي تخت تي و هارايون. ميان غلام نبي ۽ راڄي ليکي جي زير اثر ميرن سان چگو نہ هليو ،تنهن ڪري فساد ٿيو ۽ ميان غلام نبي شهيد ٿي ويو. ميير بهرام خان جي وڏي پٽ ميير بجار خان پکو ارادو ڪيو ته ميان غلام نبي کان پوءِ ميان سرفراز کي قيد مان ڪڍائي اڪيون ڪالهيون درگذر ڪري تخت نشين ڪجي . مگر ميان عبدالنبي ڪلهوڙو جو ميان غلام نبي ڪلهوڙي جي دور حڪومت ۾ حيدرآباد قلعي جو قبضيدار هو ، ۽ ڪلهوڙن جي حڪومت ۽ سنڌ ٻنهي جي برباديءَ جو وڏو ذميدار هو ،تنهن چالاڪي ڪري قيد ۾ ٻندڻيل ڪلهوڙا خاندان جا فرزند ميان محمد سرفراز، سندس پاءِ محمد خان، سندس پٽ ميان ميير محمد ۽ سندس چاچي ميان محمد عطرخان کي نهايت بي دردي سان شهيد ڪرائي چڏيو ا چو جو هن کي پڪ هئي ته ميير بجار خان حڪومت هٿ ڪرڻ لاءِ جنگ نہ ڪئي آهي، سو ضرور وري به ڪنهن ڪلهوڙي کي تخت تي ويهارينڊو ۽ انهن کي قتل ڪرائي بعد هنکي يقين هو ته ڪوبہ وڏي عمر وارو ڪلهوڙو هن کان سواءِ نہ بچندو جيڪو تخت نشين ٿي سگهي ، تنهن ڪري بجار خان پاڻهي هن کي تخت تي ويهارينڊو. ميير بجار کي جڏهن ميان سرفراز جي شهيد ٿيڻ جي خبر پئي تڏهن ڏاڍو ارمان ٿيس ۽ پي ڪا راه نہ ڏسي ميان عبدالنبي کي تخت نشين ڪرڻ جو فيصلو ڪيو.

ميان محمد سرفراز هڪ عالم ۽ فاضل هو، هن فرمانروائي جي دور ۾ حيدرآباد جي قلعي ۾ حضرت رسول ڪريم صلعم جي شان ۾ نهايت سچي سوز ۽ نيزاري سان مدح چئي. هن جي دعا مستجاب ٿي. مدح هيءَ آهي

"پلا جام ، هن غلام ، سندو سوال سڄ تون ـــ"

ميان سرفراز فارسي ڪلام ۾ تہ اهڙو قابل هو جو سيد ثابت علي شاه جي لکن موجب سندس همعصر شاعر سندس ڪلام چوندا هٿا.

ميان محمد سرفراز جو ناهيل "ديوان سرفراز عباسي فارسي" ميان محمد عالم ابن محمد پناه ۱۱۸۷ هجري ۾ گڏ ڪيو هي ديوان ٽالپرن جي ڪتب خاني ۾ هينئر به موجود آهي، جنهن مان هڪ غزل هيٺ ڏجي ٿي.

تو اے مرغ - چمن ! دل شاد می کن
بمرغان - قفس هم یاد می کن
تو چوں با گل نشینی هم نگاهے
بدام افتادهٔ صیاد می کن
تو چوں بر شاخ گل باشی نوا سنج
بیاد - ما دمے فریاد می کن
تو چوں پرواز گیری در گلستان
ز بال - بستهٔ من یاد می کن
تغافل چند اے سرو " سرافراز "
ز بندم پا ، بلطف آزاد می کن

ترجمو :—

"تون اي چمن جا پکي! جو باغ ۾ پنهنجو دل خوش کرين ٿو. انهن پکين کي ب ياد ڪرجيڪي قفس ۾ آهن. تون جڏهن گل وٽ ويهين ته هڪ نظر انهن پکين تي ب وجهه جيڪي صياد جي چار ۾ قاسي پيا آهن.

جڏهن تون گل جي شاخ تي ويهي نغمو گائين ، ته اسانجي ياد ۾ ب هڪ لمحو فرياد ڪر. جڏهن تون باغ ۾ آڏامين ته منهنجن پڌل بازئن کي ب ياد ڪر اي سرو " سرفراز " تون ڪيستائين غفلت اختيار ڪندين مهرباني ڪري منهنجي پيرن کي قيد و بند کان آزاد ڪر ــ."

سنڌي زبان ۾ سندس پهريون موزون ڪلام غالباً اها مدح ٿي آهي.

"آهيان ڏڏ غمن گڏ ، سچا سڏ سڄ تون ،
پسي پاڻ ڪرم سان ڏکين ڏان ڏئين تون
پلا چام هن غلام سندو سوال سڄ تون
جاهل ۽ ڪاهل آهيان ڪجو ڪمينون
نه مون حال نه مون قال پلا پال کرين تون
پلا چام .....
ٻڪ سبڙن ڪم زبون ڪثير خون خطاؤن
سيئي ڏوه پنان توه ڪري بخش عطاؤن
پلا چام .....
پرم ۽ شرم پني ڪرم ڪمينون
ميٽي وهم لاهي غم پورا ڪم ڪري تون
پلا چام .....
چارئي طرف تنهنجي شرف ڪئي روشن اي زمين
منجهان نور ٿئو معمور مڪو ملڪ مدين
پلا چام .....

مٿج قبر ڪج خبر حضرت پيغمبر سندي مٿن
پتين پيڙ ڪنان مير هن حقير رک تٿن
پلا چام .....
هدايت ، حمايت عنايت ڪري تٿن
امانت سلامت اچي لڪ لنگهائي
پلا چام .....
سر زمين ڪيم ڪيئن آهيان ناقص نماڻ
سڏي ديس تٿن امين آپيار يج اسان ڪوٽن
پلا چام .....
سرفراز کي آداس آهي آس آوان ڏون
راه راست بند خلاص خوبي خلاص ڏي
مٿن .
پلا چام .....

ميان سرفراز جي مڃين مدح جنهن نقط نظر جي ڪري خاص تعريف جي قابل آهي اها هي آهي ته مدح جي ڪاب مصرع صنعت تشطير کان خالي ناهي هن وقت سنڌي زبان ۾ جيڪي ب موزون ڪلام موجود آهن ، تن مان ڪنهن ب ڪلام ۾ ايتري قدر صنعت تشطير ڪر آيل ناهي جيتري قدر ميان محمد سرفراز جي مدح ۾ آهي. ڪن رواپتن ۾ ذڪر ٿيل آهي ته بهرام خان جي قتل سرفراز خان جي دل تي نهايت گهرو اثر ڪيو ۽ ايتري قدر جو سندس ننڍ حرام ٿي وئي رات جي وقت اڪيلائي ۾ جڏهن اڪ ڪلندي هيس ته درو ديوار تي مير بهرام جي شڪل نظر ايندي هيس ۽ بي اختيار ٿي رڙيون ڪرڻ لڳندو هو.

ميان محمد سرفراز ، صدق دل سان دربار خداوندي ۾ پنهنجن گناهن لاءِ مغفرت گهرندا رهيا ۽ خدا کين اهڙو بلند مقام ڏنو ، جنهن جي وسيلي دنيا کين بحيثيت هڪ ولي جي ، نهايت ئي احترام سان ياد ڪري ٿي.

ميان سرفراز سائين جو مقبرو حيدرآباد ۾ پوليس هيڊ ڪوارٽر جي نزديڪ سرفراز روڊ تي آهي ۽ وڏي زيارت گاه آهي. سرفراز جا شيدائي سندن روح کي فاتحه بخشڻ لاءِ روزانو ايندا آهن . شهرن توڙي ڳوٺن جا ماڻهو هر دفعي اچي سائين جي درتي شاد مانا ڪندا آهن. هر سال حج جو عاليشان ميڙو لڳندو آهي ، هر جمعرات تي قوالون ٽيندیون آهن ۽ ماڻهن جو هجوم هوندو آهي. مقبري جو شان اڄ ب اهڙي طرح قائم آهي جهڙي طرح ٺهڻ مهل هو.

جر ۾ ڦوڙو جيئن....

(هڪ ڇوڪريءَ جو هڪ ناڙو)

ڪردار:

زرينہ بيگم: گهر جي مالڪياڻي

هانو: نوڪرياڻي

اسلم: هڪ مسافر

.....

ڏيک پهريون

[وقت: سياري جو هڪ صبح.]

مقام: پريم پور ڪوٺڙي ۾ "زري محل" نالي بنگلو. سڪ دروازو اسٽيج جي ساڄي پاسي ڪان، اڳڻ ۾ ڪلي ٿو، اڳڻ مان هڪ ننڍڙو دروازو باغيچي ڏانهن ڪلي ٿو. پردي کڄڻ تي، سامهون بنگلي جو باغيچو نظر اچي ٿو. باغيچي جي چوگرد، ستڪلن جي ول جو لوڙ هوڏنل آهي، ۽ هر قسم جي خوشنما گلن جون الڳ الڳ هاريون ٽهيل آهن. پردي کڄڻ تي صبح جي پڪين جون مختلف هوليون ٻڌڻ ۾ اچن ٿيون. "زري محل" جي مالڪياڻي، زرينہ بيگم، ستر ڪن ورهين جي ٻوڙهي آهي. سندس چهري تي اطمينان سان گڏزنده دليءَ ۽ خوشمزاجيءَ جو رنگ آهي. هوءَ اسٽيج تي، پنهنجي نوجوان نوڪرياڻي هانوءَ جي هانهن جي سهاري سان، باغ ۾ داخل ٿي رهي آهي.]

بيگم: اڙي هانو، اڄ تو کي ٽيوڇا آهي، جو بنهہ مريضن وانگر پئي رڙهين؟

هانو: ڪجهہ ٻ ته نه آهي، سائڻ. اوهان جي سر جو سنهن، ڪجهہ ٻ ڪينهي.

بيگم: هون... ڪجهہ ٻ نه آهي! پوءَ هيءَ تنهنجي سست رفتار، موڪي طبيعت، بي ڏياني چال ائين ٿي بنا سبب جي آهي... اڙي پاڳل، مون ٻ دنيا ڏٺي آهي: تنهنجي عمر مان لٺڪهي آئي آهيان..... پلا چؤ ته تنهنجو "هو" شهر مان موٽي آيو يا نه؟

هانو: (ٿورو هڪي) جي... جي، نه سائڻ، اڄا ڪونہ موٽيو آهي. (ڏڏو ساهہ ڪٽي، روکڻ جي ڪوشش ٿي ڪري.)

بيگم: ته پوءَ ائين چؤ نه. آءٌ ٻ جوان ته مٽيءَ سان ڪا ته ويڙن آهي! ... چو پلا، اڄا چو ڪين آيو آهي؟ وٺي ٻ ته ڪافي ڏينهن ٿيا ائس؟

هانو: (شرمائجي) ها بيگم، ڏاڍا وڃي ڏينهن لاتا ائس. مونکي ته اچي اها جهوري لڳي آهي ته...

بيگم: ها ها، چؤ، روڪجي چو وئين؟

هانو: شايد ڪيس ترسائي ڇڏيو ائن.

بيگم: ترسائي ڇڏيو ائن؟ ڪنهن ترسايو هوندس؟

هانو: جي، اتي ٿي ته سندس مڱڻو ٿيل آهي!

بيگم: هون، سمجهيم. نياڻي، تو ٻ ڪٽي وڃي اڪيون اٽڪايون آهن... جنهن جي دل ۾ اڪي ڪو ديرو دماڳو ويٺو آهي، جو اڪي ٿي پرائو ٿي چڪو آهي!

هانو: ائين نه چئو سائڻ، هو پرائو ٻين لاءِ هوندو. منهنجي لاءِ ته... ته... (شرمائجي وڃي ٿي.)

بيگم: ها ها، تنهنجيءَ عمر ۾ سڀ چوڪريون ائين ٿي چوندیون آهن. ها، سڀ چوڪريون... آءٌ ٻ... (هلڪو ڪلندي) آءٌ ٻ ائين چوندي هيس. پر جڏهن وقت آيو، تڏهن... تڏهن...! پڌ ته، هانو، اڄ سيءَ هونئن ٿيوڏيڪ آهي، يا مون کي ٿو محسوس ٿئي. هيءَ هوا جو سوسائ ته ڏس... ائين ٿو پائنجي

جي تہ هوا کي ۽ پنهنجي جواڻي ياد اچي ويئي آهي، جنهن ۾ سکون گهٽ هوندو آهي، ۽ طوفان گهڻا هوندا آهن. (ٿورو جذبات کان گهٽيل آواز ۾) زندگي ۽ عجيب آهي! جڏهن طوفانن جي تمنا هوندي آهي، تڏهن زندگي جو وهکرو بيهي رهندو آهي، مالائي جسم جي سوراخن مان روح اندر پيهي ايندي آهي!

بانو: (ٿورو شوخيءَ سان) بيگم، اڄ اوهان تي وري اهو دورو ٿيو آهي، جنهن کي نئين و ميان صاحب "فلسو" سڏيندو آهي.

بيگم: (کلي) چري، "فلسو" نہ، پر فلسفو.

بانو: سائين، اهو مٿو نالو مون کي تہ ڏاڍو ايندو ٿي ڪونہ. (ٿوري وقفي کان پوءِ) پلا او هين هت بينچ تي وهو تہ آءٌ ڪبوترن لاءِ چوڙي ڪٽي اچان.

(وڃي ٿي)

بيگم: (بينچ تي وهندي پنهنجي منهن) عجيب چوڪري آهي، ڪيڏي نہ دل اٿس پنهنجي پيارل سان! سندس ڀرسي دل اهو تہ مڃي ٿي نہ ٿي تہ ڪو هو، جو هن جو پنهنجو آهي، سو ڪو ڀرائو ۽ ٿي سگهي ٿو. ڇري، تجربو ڀاڻهي سيکارينداس تہ زندگيءَ جو نئون پٺو ڇا آهي...! هون، اڄ تہ زندگي سيءَ ۾ گهلندي ٿي رهي. هي چنبيلي ۽ سورج مکي، جيڪي امن ۽ سکون جا پياسي هوندا آهن، سي به اڄ مرده مرده ٿا لڳن. عجيب آهي زندگيءَ جو فلسفو. وقت به شايد سيءَ ۾ جمي غير متحرڪ ٿي پيو آهي: نہ اڳتي ٿو وڌي، نہ پوئتي ٿو موٽي... پر فرض ڪريو تہ وقت پوئتي ٿو موليو وڃي — اڄ کان پنجاهه سال پوئتي... هان، هي منهنجي دل جي ڌڪ ڌڪ تيز ٿو ٿي ويئي؟ هي منهنجي جسم ۾ ڪڙي نہ عجيب گرم گرم لهر، لوٽن کان پيرن تائين سر سر ڪري لنگهي ويئي، اهو ڪهڙو احساس هو...؟ شايد گمشدگيءَ جو، شايد خودفراموشيءَ جو! نہ نہ، منهنجو اٿين اڪيلو رهڻ ٺيڪ نہ آهي، ذهن هروپرو گمنام وادين ۾ ڀٽڪڻ ٿو لڳي — ۽ دل... ڊاڪٽر به انهيءَ مٿيءَ دل جي ڪري، اڪيلي رهڻ کان منع ڪري ويو آهي. ٺيڪ آهي، مون کي اڪيلو نہ هجڻ ڪيو. بانو... او بانو!

بانو: (پريان ايندي) اچان پئي، سائين.

بيگم: چوري ايتري دير ڪٽي وڃي غرق ٿيءَ؟

بانو: سائين، ٻاهر ڪو ماڻهو آيو آهي — چوي ٿو تہ "مسافر آهيان، سڄي رات سفر ڪيو اٿم، ۽ وسڻ ڏسي لڙي آيو آهيان." چوي ٿو تہ گهڙي ڪن آرام ڪري، وري پنهنجي مسافري تي ويندو. ڇو تہ هت ولي اچانس.

بيگم: (ڇڙڪ طبيعت جو مظاهرو ڪندي) ماڻهو؟ ڪهڙو ماڻهو؟ سڄي رات سفر ڪيو اٿس، ڇو پلا؟ هت ڪيئن آيو آهي؟

بانو: (هيسجي) اهو تہ مون ڪون پڇيو مانس، سائين.

بيگم: (ٿورو تکي ٿي) چو نہ پڇئي؟ — ڀڄڻ گهربو هو تو ڪي. (وري نرمائيءَ سان) پر تو کي ڪهڙي خبر تہ رات جا مسافر چا هوندا آهن... چگو، اها چوڙي مون کي ڏي، ۽ تون وڃي هن کي ولي اچ.

(بانو چوڙيءَ جي ٽيلهي بيگم کي ڏيئي ٻاهر وڃي ٿي. پردو ڪري ٿو).

ڏيک ٻيو

[ساڳيو باغيچي جو منظر. پردي کڻڻ تي بيگم، بينچ تي ويٺي ڪبوترن کي ڇڪاري رهي آهي. ڪيترائي ڪبوتر سندس اڳيان اچي ڪڏ ٿيا آهن، ۽ بيگم سندن اڳيان چوريءَ جون ڪڻيون پريندي اڇليندي ٿي وڃي.]

بيگم: (ڪبوترن کي ڇڪاريندي) اچو، اچو، منهنجا پيارو... هان هان ٽڪڙ نہ ڪريو، سڀني لاءِ ڇڇوڪي آهي — ۽ تون نيلا شهزادا، تون ٻويان ڇو ٻيٺو آهين؟ ڏٺو آهين؟ (ٿورو ڪلي) شيطان، توکي پٽ تان ڪٽي ڪائڻ نٿو وڻي. هان اڄ، منهنجي هٿ

مان کاءَ ... اٿين نہ ... اٿين تہ عمر ۾ ڏونگا ٿا لڳن ۽ آهستي آهستي کاءَ، انسانن وانگر هيڪ تہ نہ ڪر. الا، انسان پنهنجي صحبت ۾ ڪبوترن کي به هيڪ ۽ لالچ سيکاري ڇڏي آهي. انسان جو سنگ بـــ ڪيترو نہ عجيب آهي!

[ڪجهہ وقفي کان پوءِ ڪجهہ ڪبوتر اڏامي ٿا وڃن ۽ هڪ ٻيو ڏولو اچي ٽوچوري کائڻ لڳي.]

بيگم: (پچڪار ڏيندي) هي چا نيلا شهزادا، هي چا، تون چو هن ويچاريءَ سفيد ڪبوتريءَ کي نہ ٽوسهين. ڏس تہ ڪيتري نہ پياري آهي. جڏهن کـــان سندس سائيءَ کي بيدرد ٻارن کانپاٽيءَ جو شڪار بنايو آهي، تڏهن کان ويچاري ڪيتري نہ اداس ٿي لڳي. الا، انسان پکين کي به پريم ڪرڻ نہ ٿا سهن. هتي ۽ پنهنجي ڪاري ڪاريءَ واري لعنت کي ٿا استعمال ڪن. پوءِ پلي ٻار چو نہ هجن ... آخر انسان جا ٻـــار آهن ... ازل کان پريت جا دشمن. ڪيترو نہ تضاد آهي هنن ۾، ڪيتري نہ ڏنگائي. جنهن پريم ڪين جنم ڏنو، انهيءَ پريم کي پناهہ ڏيڻ جي بدران، نڙيءَ تي ننهن ڏيو چڏين.

(بانو ۽ مسافر داخل ٿين ٿا. سندن اچڻ تي ڪبوتر ٽهي، اڏامي ٿا وڃن. مسافر اسي ڪن ورهين جـــو جهور ٻوڙهو پيرمرد آهي. جسم ۾ البت هڪ عجيب ڏڙتي اٿس. اکين تي ڪاري فريم سان هڪ ڏاهو چشمو چڙهيل اٿس، جو سندس ٻنهہ اچن وارن جي ڪري، سندس چهري ۾ عجيب سوڀيا ۽ گنبيرتا جـــو اهڃاڻ ٻنيل آهي. آواز ۾ سياڻاڀ ۽ غم جي آميزش اٿس)

بيگم: هان هان، هي چا ٿا ڪريو. منهنجي نيلي شهزادي کي اڏائي چڏيو... هاڻ هو سون وٽ ڪڏهن به نہ ايندو. ڪڏهن به نہ. هو به انسانن واريون خصلتون سکي ٻيو آهي.

مسافر: اوهہ معاف ڪجو، منهنجي اچڻ سان اوهان جي وندر ۾ رندڪ پئجي ويئي. وهڻ جي اجازت آهي؟ (ويهي رهي ٿو)

بيگم: ويهي تہ اڳي ٿي چڪا آهيو، پوءِ اجازت چا جي؟ بانو، تون اٿين بت وانگر چو بيٺي آهين؟ وڃ، وڃي مهمان لاءِ نيرن پاڻيءَ جو بندوبست ڪر.

بانو: جي، وڃان ٿي. (وڃي ٿي)

[ٻئي ڇڻا ڪجهہ وقت خاموش ويٺا رهن ٿا. اٿين ٿا محسوس ٿيڻ ڏينهن تہ گفتگو شروع ڪرڻ لاءِ ڪنهن موضوع جي تلاش اٿن]

مسافر: اوهين هت اڪيلیون ٿيون رهو؟

بيگم: جي نہ، ڪبوتر ۽ طوطا سان اٿم.

مسافر: منهنجو مقصد انسانن سان هو.

بيگم: طوطا ۽ ڪبوتر انسانن کان ڪهڙي ڳالهہ ۾ گهٽ آهن؟ طوطا چشم انسانن کـــان تہ طوطا ۽ ڪبوتر وڌيڪ بهتر سائي آهن.

مسافر: (پنهنجي منهن آهستي) عجيب قنوطي عورت سان واسطو پيو آهي! (ڏيان) انسان سمورا تہ طوطا چشم نہ آهن. ڪي انسان تہ ويچارا پنهنجي سڄي عمر طوطا چشميءَ خلاف وڙهندا ٿا رهن.

(هڪ وڻ مان طوطي جي ٻولیءَ جو آواز ٿو اچي.)

بيگم: ٻڌو، اوهان کي پنهنجي نظر ۾ جو رد اتي ٿو ملي ويو. طوطي ڪي اوهان جي ڳالهہ شايد نہ وٺي، تہ منهن تي چئي ڏنائين.

مسافر: اهو تہ سمجهہ سمجهہ تي منحصر آهي. طوطي تہ شايد منهنجي ڳالهہ جو رد نہ ڪر تائيد ڪئي. پکين جي طوطا چشم تہ محض ظاهري آهي. انسانن جـــي طوطا چشمي تہ سندن روح جي ڪنڊرن مان جاڳندي آهي.

بيگم: تڏهن تہ چيم تہ انسانن کان پکين جو ساڻ وڌيڪ برداشت جو گهو آهي. (ٿوري وقفي کان پوءِ) پلا اهو تہ ٻڌايو تہ اوهان جو سفر ڪيستائين آهي؟

مسافر: پريم پور وڃڻ جو ارادو اٿم؟

بيگم : (اچرج مان) پريم پور؟ کهڙي پريم پور؟...
اهو ڳوٺ ته هڪ سئل کونهي... کهڙي طرف آهي اهو ڳوٺ ؟

مسافر: (ڏيرج سان) هونئن ته سنڌ جو هر ڳوٺ و پريم پور آهي: پر هيءَ پريم پور هنن ئي پٽن تي هئي.

بيگم : (پنهنجي منهن آهستي) هيءَ ڪير آهي، جو پريم پور پچائيندو وتي؟ سالن کان پريم پور جو نالو رکهن نه ورتو آهي. (ڏاڍيان) پوءِ کو پار پتو ملیو پريم پور جو؟

مسافر: (جذبات ۾ ڀريل آواز ۾) ڏوريان ڏوريان ڳولهان، شال ڪ ملان هوت !

بيگم : شاهه جو سهارو وٺي پنهنجي هڪدلي لکائن ۾ ته هڪ ڪمال آهي.

مسافر: منزل جي پرسان پهچي، منزل کي چاٽي واٽي نه رسڻ ۾ ته ڪمال آهي ! (پنهنجي منهن) هيءَ طنز، هي مزاح چاٽل سچاتل ٿو معلوم ٿئي. خبر نه آهي، دل جي ويرانن ۾ ڪي ستل پڙاڏا چو جاڳڻ لڳا آهن ! (ڏاڍو ساهه ٿو پري)

بيگم : سياري ۾ اهڙا ڏڏا ساهه پرڻ کيترو نه موزون آهي !

مسافر: پريم پور جي ياد جسم ۾ ڊسمبر جي ڏڏ اوتيو چڏي... (وري ڏڏو ساهه ٿو پري...) ... الا (شعر)

رات انڌيري، واءُ ڏڏيري، اپ تي تارا چايا،
ـــ هاءِ، پرين ياد آيا !

بيگم : (هلڪي سر ۾)
جهرمر وارا، پيارا پيارا، نيري گهرائيءَ ۾ تارا-
مون جيئن اک به نه لا تائون ٿي، پل پل جهاتيون پاتائون ٿي؛
آهي نينهن به ننڊ جو ويري، جاڳي مون جاڳايا-
هاءِ پرين ياد آيا !

مسافر: (درديلي آواز ۾)
جئن جئن پوءِ، تئن پياس گهٽيري، آتا هاءِ اچايا،
ـــ هاءِ پرين ياد آيا !

بيگم : (جذبات کان گهٽيل گلي سان)
دورڻي تئن هاڪ پليري، گرجا گهنڊ وڄايا،
ـــ هاءِ پرين ياد آيا !

مسافر: اوهان کي ته سڄو گيت ياد آهي. اوهان کٽان ٻڌو اهو گيت ؟

بيگم : (ٿورو هڪي) اهو گيت ؟ اهو گيت ته ازل کان پريمي ڳائيندا رهيا آهن. جڏهن پريم جي آڳ ۾ ڪويل سڙي ڪاري ٿي ويئي ۽ سندس روح مان هڪ آهه نڪتي، تڏهن شاعر انهيءَ آهه کي لفظن جو روپ ڏيئي چڏيو هو. پر اوهان کي اهو گيت ڪيئن ياد آيو؟

مسافر: پريم پور ۾ منهنجو هڪ دوست هوندو هو اسلم. اڪثر هو اهو گيت جهونگاريندو رهندو هو. ويچارو !

بيگم : چو "ويچارو" ڪيئن ٿيو؟

مسافر: (عينڪ مان بيگم ڏانهن گهوريندي) جڏهن انسان پنهنجي راهه وڃائي وهندو آهي، تڏهن منزل خود هن لاءِ پڪ لڳندي آهي... (ٿوري وقفي کان پوءِ) اسلم، پريم پور جي زميندار جي پارن کي پڙهائيندو. هو ننهن سندن گهر جو ماڻهو ئي ويو هو، ۽ سندن زميندارياءَ جو حساب ڪتاب به پاڻ رکندو هو. پر زمينداريءَ جو حساب رکندي، پنهنجي دل جو حساب ڪتاب پلائي ويهي رهيو. زميندار جي ڏيءُ "زرينه"...

بيگم : (چرڪ پري) زرينه ؟ اوهين نالي ۾ پليا ته نه آهيو؟

مسافر: (اچرج مان) اوهان ايڏو چرڪ چو پريو؟ اوهين زرينه کي سڃاڻو ٿا؟

بيگم : (پاڻ سنياليندي) زرينہ ... گلن کان وڌيڪ معصوم ، پنپوريءَ کان وڌيڪ چنچل زرينہ کي آءٌ پاڻ کان ٻ وڌيڪ سچائان !

مسافر: سو ڪيئن ؟

بيگم : اسين ٻئي ٻالڪپڻي کان گڏ رهيون هيونسين. ائين سمجهو تہ اسين ٻ جسم ، هڪ جان هيونسين ، يا ٻ جانيون ۽ هڪ ئي جسم ! الا... اهي ڏينهن. اهو گيت ٻ تہ مون زرينہ کان ئي ٻڌو هو. ويچاري زرينہ !

مسافر: (گهري خيال ۾ ٻڏجي وڃي ٿو ــ ٿوري وقفي کان پوءِ...) ڪيس ويچاري چو سڏيو؟

بيگم : (ڪلي) جهڙي طرح اوهان پنهنجي دوست اسلم کي ويچارو سڏيو، تيئن مون ٻ پنهنجي ساهيڙپ جو حق ادا ڪيو. خير، پوءِ اوهان جي ويچاري اسلم جو ڇا ٿيو؟

مسافر: ڇا ٿيو... سو هڪ دردناڪ قصو آهي. خير ، ويچارو زرينہ جي محبت ۾ ايترو تہ نڪمو ٿي ويو ، جو ہين جا گيت گائيندي گائيندي ، خود ٻ شاعري ڪرڻ لڳو. جنهن مهل زرينہ کي پنهنجي سامهون ڏسندو هو ، تڏهن سندس دل ، پنهنجي ڌڪ ڌڪ جو هڪ ڏڪ گهائي وهندي هئي. حساب ڪتاب جا انگ اکر واڪو ٿي ورندا هئس... ۽ (ٿورو جذبات سان) ۽ زرينہ ، گلن کان وڌيڪ معصوم ، پنپوريءَ کان وڌيڪ چنچل ، ستارن کان وڌيڪ روشن ، مڪڙين کان وڌيڪ نازڪ زرينہ ، سندس دل ۽ دماغ تي ائين چانڇجي ويندي هئي ، جو هر ساهہ ۾ ڪيس زرينہ جي خوشبوءَ ايندي هئي ، هر قدم تي زرينہ جي ساڻ جو گمان ٿيندو هوس... پلا اوهان جي ساهيڙي زرينہ جو ڪهڙو حال ٿيو؟

بيگم : اسلم شايد اوهان کي ٻ شاعريءَ جو چشکو ڏئي ڇڏيو آهي. ها ، زرينہ جيڪي مون کي ذاتي خط لکيا انهن مان تہ ائين ئي معلوم ٿيو تہ هوءَ ٻ اسلم کي همیشه لاءِ پنهنجو ڪري چڪي هئي. سندس روح جي تار تار ۾ اسلم پيهي چڪو هو...

مسافر: پلا زرينہ پنهنجي خطن ۾ ڪوهہ واري واقعي جو ڪو ذڪر ڪيو هو ڪي نہ؟

بيگم : (پنهنجي منهن) هيءٌ تہ ڇڻ منهنجي آڏي پيا ڪرڻ آيو آهي! (ٿورو سوچي ، ڏاڍيان) اوهہ ، ڪيترو نہ ڏکوئيندڙ واقعو هو... (هڪي) منهنجو مقصد آهي تہ جهڙي طرح زرينہ لکيو هو ، ان سان تہ ائين ئي پانيو تہ هن سماج ۾ پريم ڪرڻ وارن لاءِ سواءِ موت جي ٻي ڪا واهہ ئي ڪانهي ! الا ، دنيا جوان دلين کي گڏجي ڏڪ ڇو نٿي ڏئي !

مسافر: ۽ جڏهن اهي جا لاش گڏ کوهہ مسان کڻي ياڻون ، تڏهن ڇوڪريءَ جو ٻيءٌ ، ڇوڪري جي ٻيءٌ سان گهرائي پائي روئڻ لڳو ــ اوهہ ، منهنجو مطلب آهي تہ اسلم جڏهن پنهنجي خط ۾ اهو ذڪر ڪيو، تڏهن ائين ئي پانيو، ڇڻ تہ اهو واقعو ٻنهہ منهنجي اکين اڳيان ئي گذريو هو! ويچارو انسان صدين گذرڻ کان پوءِ ٻ پريم ڪرڻ جو وڃايل آدرش حاصل نہ ڪري سگهيو آهي !

بيگم : (پنهنجي منهن) "پريم ڪرڻ جو وڃايل آدرش"! اهي لفظ منهنجي ڪنن ۾ اڃا تائين ٻيا هرن ، ڪئي ڀڙا ٿر اهي لفظ ! (ڏاڍيان) وڃايل آدرش هٽ ڪرڻ لاءِ انسان کي اڃا ڪيئي محبتون ، ڪيئي پريم قربان ڪرڻ پوندا ! (ڏڪو ساهہ ڀري) پلا پوءِ اوهان جي ويچاري اسلم جو ڇا ٿيو؟

مسافر: (پنهنجي منهن) هن کي تہ نہ رڳو واقعو معلوم آهي ، پر هن کي تہ زرينہ جا هو ٻهو لفظ ٻ ياد آهن. متان هيءٌ پاڻ تہ زرينہ ڪانهي. (ڏاڍيان) پوءِ... پوءِ هن کي معلوم ٿيو تہ زميندار زرينہ جي شادي ڪنهن وڏ گهراڻي چوڪري سان ڪرائڻ ٿو گهري، هن زميندار اڳيان ڏاڍيون آزيون نيزاريون ڪيون،

پنهنجي دل جا پرزا ميڙي، لڙڪن جي مالا پوئي، زميندار جي ڪئور قدمن ۾ ڪري پيو، ۽ وريو ڪجهه نه ڪين !

بيگم : (پنهنجي منهن) هن کي ته سڀ ڪجهه ائين ياد آهي، جڏ ته پاڻ ئي اسلم آهي، ۽ مرتان ڪٿي هي اسلم ئي ته ڪونهي ؟ (ڏاڍيان) پوءِ نيٺ چا ٿيو؟

مسافر: پوءِ جڏهن هن جي دل جي دروازي کي زوريءَ تالو هنيو ويو، تڏهن جهنگ منهن ڪري هليو ويو. آخري اطلاع مون کي اهو ملیو هو ته ڪراچيءَ ۾ بحري فوج واري بغاوت ۾، ستياگرهين سان گڏ، پنهنجي وطن لاءِ وڙهندي وڙهندي، فرنگي گولين جو شڪار ٿي ويو. (پنهنجي منهن آهستي) واهه جو پاڻ کي وطن دوست ثابت ڪيو اٿم. هن کي ڪهڙي خبر ته زندگي ايتري ته سخت جان آهي، جو ان جي اڻلن پٽلن ۾ زرينه جو درد دل تان جلد ٿي ميسارجي ويو، ۽ آخر زرينه جهڙي ٿي محبت ڪندڙ، حوا جي ٿي هڪ ڏيءَ سان شادي ڪيم، جا پنهنجي ڪرائين ۽ محبتن سان گڏ ۾ گلڙا نذرانو ڏيئي، وڃي قبر ٻيڙي ٿي. (ڏاڍيان) ۽ پلا اوهان جي ساهيڙيءَ جو چا ٿيو ؟

بيگم : (پنهنجي منهن) ڪوڙو ڪنهن جاءِ جوا آڻي ۽ اهڙو ٿي ڪوڙ ٿاهي ٻڌايانس جو ياد ڪندو ته ڪائنس گهٽ آڻ ۽ ڪاڻ آهيان ! (ڏاڍيان) ويچاري زرينه، اسلم جي وڃ ڪان پوءِ ٻنهه پاڪل ٿي ٿي. عجيب عجيب حرڪتون ڪرڻ لڳي. ماڻهو چوڻ لڳا ته جن ٻيو ائس. ڪن چيو ته پوت پريت جو واسو ائس. پوءِ ۽ مولوين کان ٽوٽا ڦيٽا ڪرايائون، جن ٻڌايائونس، پر افسوس، جنهن جي دل پنهنجي وس نه هجي، ان کي ويچ طبيب چا ڪندا. ۽ نيٺ هڪ ڏينهن ڪوٽ جي انهي ساڪٽي ڪوٺ ۾ ٽپو ڏيئي، پنهنجي اسلم تان قربان ٿي ويئي !

(پنهنجي منهن آهستي) آڻ اهو چو ٻڌايانس ته پوءِ جلدئي منهنجي شادي ٿي ويئي. ڪجهه عرصو تي ڏک ۽ مايوسي کان جيئڻ جهنم ٿي پيو، پر پوءِ زندگيءَ جو وهڪرو پنهنجي تڪ ۾ لوڙهي ويو ۽ هاڻ جين بچنم، ستن ڏوهٽن پوٽن جي ڏاڏي ناني آهيان !

مسافر : (پنهنجي منهن) هيءَ ته ڪوڙ ڪان ٻيو ۽ قدم اڳتي لنگهي ويئي. ڪ سان هي زرينه آهي.

بيگم : (پنهنجي منهن) هن جي ماڻ مان ظاهر آهي ته هيءَ ٿي اسلم آهي. (ڏاڍيان) او چوري ٻانو ڪيڏانهن مري ويئينءَ ؟

بانو: سائين، آڻ ته بنهه اوهان جي پر ۾، ڪچ وقت کان ٻيٺي آهيان. نيرن تيار آهي.

بيگم : (مسافر کي) هلو، هلي نيرن ڪريو. (ڪجهه وقفي کان پوءِ — پنهنجي منهن) سندس هلڻيءَ ۾ اڃا تائين ڪو فرق نه آيو آهي. چا آڻ پاڻ ظاهر ڪريان ؟ نه نه، هرگز نه ! هاڻ مون ۾ رکيو چا آهي؟ ستر ورهين جي ٿوڙهي، جنهن ۾ جوان زرينه جا ڪنڌ رٻ هاڻ ڍهندا ٽا وڃن. نه نه، ائين ٿي ٽيڪ آهي. (وڃي ٿي)

مسافر: (پنهنجي منهن، آهستي) ها ها، هيءَ سڀ ڇڄ زرينه آهي. سندس چال اڃا تائين اهائي آهي. چا آڻ ٻڌايانس ته آڻ ٿي اسلم آهيان ؟ نه نه، هرگز نه. اسي ورهين جي هن اسلم ۾ ڪا به ڳالهه هاڻ نه رهي آهي، جنهن جو جوان اسلم سان ڪو دور جو به واسطو هجي : هي گهنجيل چهرو، هي ڍل شيشن جي عينڪ ڇهيءَ ڪهي چيلهه ! نه نه ائين رهڻ ٿي چگو آهي. پريم پور جي عشق جو داستان ائين ٿي اڻپورو رهي ته بهتر آهي ! (وڃي ٿو)

پردو ڪري ٿو.

"ائين به ٿيندو آ ...." (افسانو)

هاسٽل جي خاموش اونداهيءَ ۽ سيٽيءَ جي هڪ تيز ۽ ڊگهي چيت اپري ۽ وري اهڙي جو اهڙي چپ چاپ ... ٿوري ٿي دير کانپوءِ هڪ ٻئي ٻيان ننڍيون ۽ ٿي ساڻيون چيٽيون اپريون ۽ ساڻي پر اسرار خاموشيءَ ۽ ٿي گم ٿي ويون !! ... بولٽ لاهڻ جو آواز ٿيو ۽ ڪنهن زور سان ڏڪو ڏيئي دروازو کوليو. افروز، رضو، شمير ۽ نسيم چارئي جڻ ٻي جان بنجي ويون. سندن ڪمري جي ٻاهران ڊگهي ورانڊيءَ ۽ اوندهه ۽ روشنيءَ جي ليکن کي لتاڙيندو ڪوٽي هلندو ويو... رضو بند ٽيل مٽ کي وڏيڪ ڏيڪوڙي چڙيو... سندس اکين اڳيان رڙ جو سليپر ڦرندو رهيو...

ٻي صبح جو نيرن جي ڪهنڙي جي آواز تي ٿي رضوءَ جي اک کلي ... "اڙي گهوڙا !! ... افروز، شمير، نسيم نڪرو هنڊن مان ... اڄ وري خير ڪونهي" تڪڙ تڪڙ ۾ چادر ٻري اڇلائي واري واري سان ڪمري جي ڪنهي طرفن جي هنڊن تي سملهين مٽان ڪون هٽندي هوءَ غسل خاني ڏانهن ڇڪي وئي تنهن ڏينهن شام جو ٽيرس تي "گول زمين ڪانفرنس" ٿي

"مان ٿي چوان هي ڏاڍو اسانکي جيئڻ کونڏيندي"... افروز زور سان زمين تي مڪ وڇائي، پر يڪدم ٿي ٻي هٽ سان پنهنجو هٽ مهڙ لڳي "اسان به سندس جيئڻ حرام ڪنداسين"... نسيم ڪنڌ اڪٻتي ڪري رازداريءَ ۽ چيو... "رات ڪيئن سيٽيون وڄائي مغز ڦيرائي ڇڏيو سينس"... "ڇڏي ٽورو ٿي ڏيندي"... شمو غصي ۾ چيو... "ڪنهن ٻهاڻي سان اکيون ٻويون ڪسرون ڪيندي ..."

هاءِ گهوڙا !... اهڙو به ڪٽي کو هاسٽل هوندو. رضوءَ چيو... نسيم ڏڙو شوڪار و پريو... "في الحال تہ جيل خانو آهي، پر جاڻ پاڪل خانو ٿيو" نسيم سامهون ميٽرن جي "زلف پريشان" ڪي ڏسندي اڇڪٽي ڪئي. ۽ وري هن ميٽرن مردار ڪي تہ ڏس ... اها به هٽ ڏوٽي اسانجي ... "هاءِ گهوڙا چپ چپ ... رضو، شمير جي ڪالهه پوري ٿيڻ نہ ڏني... گهوڙو هوندين، پاڻ... شمير جوش ۾ ڀرجي پنهنجي ڪالهه پوري ڪرڻ لاءِ وات کوليو، پر پريان ميٽرن ڪي ايندو ڏسي زور زور سان کو "فارمولا" ياد ڪرڻ شروع ڪيو... ٻين به پنهنجا ڪتاب سنياليا ...

چوڪرين پاڻڪي ننهه آزار ۽ ٻئي سمجهيو. گهر جي راحت کي چڏي هاسٽل ۾ رهڻ جو هي تجربو سيني لاءِ نٽون هو... نهايت عجيب و غريب ... دلچسپ ۽ ڏکيو به ! ...

شروع ۾ جڏهن رضو آئي هئي تہ سندس حال ڏسي وٽان هٽا، لائٽ آف ٿيڻ کانپوءِ تہ هنڊ تان پير لاهڻ جو ڪو سوال ئي ڪونہ هئو. جيڪڏهن اک ڪلي اڌ رات جو تہ ٻوءِ نسورو ويل !

شمير ! ... شمن ! ... او شمو ! ... جاڳين ٿي چا ؟ ... ڏچين تہ نہ ٿي نہ ! ... ۽ اهڙي نموني ڇاڻي واڻي ڪنهن نہ ڪنهن کي جاڳائي پنهنجي حفاظت جو انتظام ڪندي هئي ... هڪ ٻي ڪالهه به ڪيس منجهايو هو. سنيو چي "هاءِ گهوڙا هت تہ سڄو وقت گهنٽيون ٿي گهنٽيون ٻيون وڄن ! گهنٽيءَ تي اٺ گهنٽيءَ تي ويهه... گهنٽي ٿي تہ ماني کاءِ ... گهنٽي ٿي تہ يڪدم سمهي ٻڏو !... بس رکو گهنٽين تي ٻيو نج !" افروز کي اڄ ڏينهن هاسٽل جي ماني چگيءَ طرح هضم نہ ٿي سگهي هئي، تنهن ڪري ان کي به پنهنجا ڪي Problems (پرابلمس) هٽا !...

شمير عرف شمن يا شمو جي هيءَ حالت هئي تہ روز هڪ خط گهر لکندي ۽ هڪ خط روز گهران ايندو هئس !

نسيم ويچاري البت ان معاملي ۾ گهٽي خوش قسمت نہ هئي ... ماءُ تہ وئي پنهنجي الله ڏي ... پيءُ هئس ضرور، پر مالڪيلو... جنهن سان سندس تعلق جـــو ثبوت مهيني درمهيني ايندڙ منيءَ آرڊر هو ۽ بس !! ... بهرحال تہ هن ڪنهن سان ڪا نہ ڪا ٽريجڊي هئـــي ۽ ان ڪاڻ ٻيڪڙ ڪمن هڪ ٻي جي گهٽو ويجهو آڻي ڇڏيو هو.

سندن هڪ ٻي ۾ ٻي تڪلف سائياڻي هئي جميله... جنهن جو هاسٽل ۾ اچڻ ڪنهن به مجبوري هيٺ نہ هو، بلڪ سندس چوڻ مطابق بحيثيت نفسيات جي شاگرد ياڻي جي هوءَ پنهنجو تجربو وسيع ڪرڻ ۽ humanBehavior کي اسٽڈي ڪرڻ آئي هئي ... هي سندس هاسٽل ۾ رهڻ هڪ تجرباتي ۽ تحقيقاتي مسئلو هو !

نئين تعليمي سال جي منڊ ۾ نيون نيون چوڪريون اچڻ شروع ٿيون هيون، پراڻين چوڪرين جي هڪ وڏي ٽولي جي جنرل هاڊي جي ميٽنگ ٿي. ٻڪراءُ ٿي لهراءُ پاس ڪيو ويو تہ هاسٽل جي روايتي دستور تي هن سال ۾ عمل ڪيو وڃي ۽ حسب دستور رضو، شمن، افروز، جميله، نسيم جن، جي گويا ورڪنگ ڪميٽي ۾ هيون ... هڪ اسڪيم ۾ تيار ڪئي ۽ عمل شروع ٿيو ان اسڪيم تي ٻئي ڏينهن شام جي چانهہ جي ميز تي رضو، بظاهر سيني نئين پراڻين چوڪرين کي مخاطب ٿي چيو "هميشه وانگر هن سال ۾ تعليمي سال جو آغاز ميلاد شريف سان ٿي رهيو آهي. وارڊن عرف "شريف ڏاڪو" چندي ڏيڻ جي هدايت ڪئي آهي" ... سڄو ڪمرو نون پراڻن ٻهڪڙن سان ڀرجي ويو ... "شريف ڏاڪو" جو ٽائيٽل لاجواب هو...

"خاموش !... خاموش !... رضو هوا ۾ هـــٿ لوڏيندي چيو... مون کي اعلان پورو ڪرڻ ڏيو ٻوءَ نويڪلا ٿي ٽهڪ ڏيو... مان، شمير ڏيئي چڪي آهيان ۽ باقي ٻين سڀني کي ۽ ثواب ۾ حصہ دار ٿيڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو.

افروز ميلاد شريف جي ذڪر ٻڌڻ شرط ٿي چٽيل رٿي کي چڪي تاڻي مٿي کي ڏکيو ۽ سوال ڪيو.

"هن سال هميشه کان شاندار ٿيڻ کپي"

"بلڪل ليڪ" ! ٻريان ويهاريل چيلن مان چٽن پنجن حمايت ڪئي.

"سڀاڻي صبح جو چندي جي پيتي هر هڪ ڪمري ۾ موڪلي ويندي ۽ هرڪو پنهنجي مرضي مطابق ثواب ۾ حصہ دار ٿي سگهي ٿو". رضو پنهنجي ڳالهہ ختم ڪري چانهہ پيڻ شروع ڪئي.

"ميلاد شريف تہ پلي ٿئي، پر هي چندو اسان کان چوٽا وٺن. يونين کي خرچ ڀرڻ کپي نـــ... نين چوڪرين مان هڪ جا ڪجهہ تيز طرار ٿي لڳي. اهو اعتراض اڀاريو... ڪجهہ ٻين به رضوءَ کي ٿي ڏسڻ شروع ڪيو.

افروز لاحول ولاقوة پڙهي توبه جي رسم ادا ڪرڻ لڳي...

"هي توهان چا چئي رهيا آهيو ؟ !" رضو، گويا حيرت ۾ اکيون ڦاڙي چيو، هي ثواب جو ڪم آهي... سڀ ڪنهن جي مرضي آهي، جيڪو حصہ دارٿئي... زور ڪنهن تي ٻه ڪونہ آهي...، پر منهنجي دل کي مسلمانن جي هي حالت ڏسي سخت صدمو رسيو آهي.

رضوءَ جي ان عالمانہ ۽ جذباتي نوع ۾ ڏنل جواب اعتراض ڪندڙ چوڪريءَ کي شرمندو ڪري ڇڏيو ۽ ٻين جي اکين ۾ ٻيدا ٿيل سوالیہ نشان ۾ هڪ لحظي ۾ گم ٿي ويا.

پروگرام مطابق آچر جي صبح جو پيتي ڦيرائٽي هئي شموءَ، صبح سان ٿي جلد پنهنجي هڪ ننڍڙي پيـــتي جيڪا بقول نسيم جي سندس "سينگار جي ســـامگري"

هئي ، خالي ڪري چندي گڏ ڪرڻ لاءِ پيش ڪئي... پنجن ڏهن جا نوٽ اڳ ۾ ئي پيتي ۾ رکيا ويا ته جيئن پين لاءِ (Inspiration) انسپريشن جو ڪم ڏين ... ڪلاڪ ڏيڍ کان پوءِ جڏهن پيتي واپس آئي ته ننڍن وڏن نوٽن جو اضافو ٿي چڪو هو ان ۾ پهرين ته سيني پنهنجا پنهنجا وڏل پٽسا ڪٽي سوگها ڪيا پوءِ هڪ محفوظ ڪنڊ ۾ ڪاڻاٽو شروع ٿيو. جملي ۳۷ روپيه چار آنا ٿيا (ڪنهن سوائي ثواب جي برڪت وڏيڪ پي حاصل ڪرڻ ٿي گهري) شام جو "آئوٽنگ ڊي" جو پورو فائدو ولندي نسيم ۽ رضو تيار ٿي هزار ويون، ۾ گيٽ ڪان نڪرڻ وقت پين سيني پنهنجي ذاتي فرمائش ۽ پسند جو اظهار ڪيو.

ڏهين بجي تائين سپ لائٽس آف ٿي چڪيون. چوڪريون اڄ رات ڪجهه وڏيڪ فرمانبرداري ۽ ڊسپلن جو مظاهرو ڪندي پوري ڏهين ڪلاڪ تي هنڊن ۾ هيون ٿوري دير بعد اهوئي ساڳيو ڏڪو ڏئي در کولڻ جو آواز ٿيو ۽ پوءِ ورانڊي ۾ روشنيءَ ۽ اوندهه جي اڇن ڪارن ليکن کي لتاڙيندا رهڙ جا سليپر راؤنڊ تي نڪتا.

رضوءَ خبرداريءَ سان هڪ هڪ ڪري ٽاور جي گهڙيال جا ٽڪا ڳڻڻ شروع ڪيا. جڏهن (۱۲) بارهن جي عدد تي پهچي چڪي ته آهستي ڪمبل کي پاسيرو ڪري اٿي ...

ساڳي ئي وقت مختلف ڪمرن جي اونداهيءَ ۾ "جنرل بادي" جا ميمبر اٿيا ۽ آهستي آهستي ٽيرس تي تعداد وڌندو ويو ... پوري سائي بارهين بجي مڊنائٽ پارٽي (Midnightparty) شروع ٿي ، جنهن کي جيڪا شيءَ هٽ ۾ آئي تنهن جي سچائپ سندس وات ۾ وڃڻ ڪانپوه ٿي ڪيس معلوم پئي ٿي ... ڊبل ڊبل ٽهڪن ۽ اوندهه ۾ ڦاڙيل اکين ۽ اوندهه ۾ هٿوراڙين پارٽيءَ کي عروج تي پهچائي ڇڏيو.

... اڙي گهوڙا ! ... رضوءَ گهرائجي ڊبل رڙ ڪئي "منهنجو مٺو..."

"اڙي چا ٿيءَ ... ! ! ... اوندهه ۾ پنج ڇهه هٽ رضوءَ جي مٺي جي تلاش ۾ مصروف ٿي ويا ... لولو جو هٽ هڪ مٺي سان ٽڪرايو ته سهي، ۾ سندس هٿن کي ڪا ٽڏي ۽ آلي آلي شيءَ محسوس ٿي ۽ هن گهرائجي هٽ چڪي ورتو نسيم جو هٽ وري رضوءَ جي منهن کي لڳو... "اڙي روئين چو ٿي هن وقت ؟...! نسيم ويچاري هڪ دم سنجيده ٿي وئي.

"اهو روڻان نه ٿي ... گلاب جمن جي پٽ ... ڙي... گهوڙ ! ... اهي لفظ ٻڌڻ کانپوءِ ته بس ... روا وات ۾ ڏاڍي سپ فرش تي اونڌا هٿا ... لولوءَ کل روڪڻ لاءِ زور سان مٺي کي ڏوٽيو ته ٽڪاءَ سندس مٺو وڃي جمنيءَ سان لڳو... سندس ساڃي ڪاپي ۾ ٿي مٿا هڪ پٽي سان ان وچ ۾ ٽڪرجي چڪا هٿا... رضوءَ جي حالت ڏسڻ وڻان هئي، ۾ اوندهه سندس حليه تي نقاب وجهي چڏيو هو... ويچاري جو قصور به ڪهڙو... رڳو اهو ته هن گلاب جمن جي مٺي ۽ ٽڏي پٽ جو هڪ ڏڪ ڏي پرڻ چاهيو... تنهن جي ايڏي سزا ... الاءِ ڪهڙي ساڙ سڙيءَ هٽ هنيو جو پريل ڏکي هٿن سان ڇڻ ترڪي وئي ... نه فقط ترڪي وئي، ۾ سندس مٺي ۾ اوتجي پئي ... ۽ هاڻي حالت اها هئي جو لڳ لڳ ڪندي پٽ سندس مٺي کان منهن تي وهي آئي هئي ... ۽ رستي تي اکين کي به ڏوڪندي آئي هئي ... ۽ ... "اڙي اهو روڻان نه ٿي" چوڻ کانسواءِ رضوءَ چا پئي ڏي چئي سگهي ... جيتوڻيڪ ذري گهٽ روڪڻهارڪي ته ٿي وئي هئي ...

اها پارٽي صبح جو چئين بجي تائين جاري رهي، جنهن ۾ طرح طرح جا پڙا، بندل ۽ ڏکيون ڪلنديون ۽ خالي ٽينديون رهيون ... آخر ۾ جڏهن سمورو مال امپورٽ ٿي چڪو ته "مقتولن" جي حق ۾ دعا گهري فاتحه‌خواني ڪئي وئي ... چهين بجي جڏهن گهنٽي وڳي ته اهي اکيون جن اونده ۾ ٿي ڏسڻ چاهيو، سي روشني ٿيڻ بعد

ٻ اونده ۽ خواب ڏسي رهيون هيون ...

وارڊن البت ... رضوءَ کي صبح سوير ئي ٽڏي پاليءَ سان ئي مٿو ڏوئندي ڏسي حيران پئي ٿي !! "ارڙي ... ڏڏ نہ لڳءِ" ... نون رنگروٽن مان ٻ هڪ نهايت همدرديءَ سان رضوءَ کي خبردار ڪيو !!

هفتي کن بعد رضوءَ هڪ ڏينهن لنچ ٽائيم ڪنٽين ۾ ڪڏهن نہ ڏٺل خبر ڏني ته هن سال، ڪن مجبورين سبب هاسٽل جو الڳ ميلاد نہ ٿي سگهندو، پر ڪڏ ٽيل چند و ٻوٽين جي نند ۽ شامل ڪري هڪ ميلاد ڪيو ويندو ... شموءَ کي اڃي ڏهڪن جو دورو پيو ... افروز ڦهر ٻريل نظرن سان ڪيس گهوريو ته ويچاريءَ جا ڏهڪ ڪنگهه ۽ بدلجي ويا ...

نيٽ امتحان جي "مند" اڃي وئي ... "مند" ان ڪري، جو اهو لفظ خاص افروز جو ايجاد ڪيل هو ... ڪنهن اخبار ۽ پڙهيو هئائين ته جڏهن شهر ۽ سئيون ڪچرا هلي رهيون هجن، هڪدم موسم نهايت خوشگوار ٿي وڃي ... مونڊ هروپرو ٻ رومانٽڪ ٿيو وڃي ... ته ... ته سمجهيو ته توهانجي امتحان جي "مند" اچي وئي، ... سو جيئن ته اهي نشانيون ظاهر ٿيڻ لڳيون ته واقعي ثابت ٿيو ته اهي اڪر سچا آهن ... امتحان جي زماني ۽ وارڊن وڃي اڃا ٻ چوڪس رهندي هئي ته ٻئي ڪوڏهين ڇوڪري ڪان ٻوءِ ٻتي پاري ... ۽ هيڏانهن مقابلي تي "طفل-مڪتب" ته هئا ۽ "طفل-ڪاليج" هئا ... سو سمورو انتظام مڪمل هو. هر ڪمري وانگر رضوءَ ۽ ڪمپني واري ڪمري کي ٻ در روازا هئا جڪي امتحان جي ڏينهن ۽ ٻ رکيو "تازي هوا" لاءِ کليل رهندا هئا، پر ڏهين ڇوڪريون رستي ڪان ايندڙ گوڙ گهمسان ڪان بچڻ ۽ بظاهر ۽ "آرام جي نند" ڪرڻ لاءِ بند ئي ويندا هئا ... انهن در روازن جي بند ٿيڻ جو اصل مقصد رات جو پارهين ڇوڪري ظاهر ٿيندو هو، رضوءَ ۽ شمن جا ٻ وڏا ڪمبل در روازي جي پردن جي لڪڻ تي پوڻ بعد اندر ۽ ڪمري جي باهر جي دنيا جي وچ ۽ اوندهه جي هڪ ڪهري ديوار ٺهي ويندي هئي ... وري ٻن ڪٽن کي گڏي انهن جي مٿان ٻ وهيل سهيل ڪمبل ۽ سوڙيون اهڙي طرح وڇيون ويندیون هيون جو ڪٽ جا چار ئي پاسا ڍڪجي هيٺان هڪ ننڍڙي روم ٺهي پوندو هو ۽ ... اهو ئي در اصل انهن جي "اسٽيڊي روم" هو ... نسيم جي "چيلهه ڇڪي" ليمپ ان جاءِ تان هاڻ ڪي پارهين ڇڪي ڪان چٽين ڇڪي تائين پئي منور ڪندو هو ... پارهين ڇڪي مهل سيٽي هڪ هڪ ڪري ڪمبل جي ڪنڊ مٿي ڪنديون اندر داخل ٿينديون ويندیون هيون ۽ چٽين ڇڪي ڏاري ساڳي ئي نمونی هڪ هڪ ئي برآمد ٿيندیون هيون ... ۽ صبح روشني ٻ ڪنهن ٻ هستي کي اهو گمان ٿيڻ ناممڪن هو ته رات ڪمري جي ڊيزائن ۽ ڪا ڦير ڦار ئي هئي ... "چيلهه ڇڪي" ليمپ جا ڪڻ ڪور وساري سگهندو ... ؟ سندس پٽي تي ٿورو ئي زور ڏيڻ سان سڏو سجدي ۽ ... ۽ سندس پر نور پيشانيءَ جو تجلو رکو ڪتابن تي ... اهڙي ڳ سندري اکيان "الہ دين جو چراغ" ٻ گهٽ هو ... ڪمري جي اندر اٽين ئي ڪمبلن پويان ... ڪمبلن جي هيٺان راتيون گذرنديون هيون ۽ باهران اونداهي ۽ خاموشي پهري تي هونديون هيون !

اهڙين راتين ۽ هڪ رات جو لولوءَ کي اوچتو ٻڪ ستايو ... ۽ لولوءَ جي ڪالهه ڏندي ئي افروز ٻ بلڪل ساڳي ڪيفيت محسوس ڪئي ... ۽ ڪالهه ايتري وڏي وئي جو اسٽڊي تي اڃ پوڻ لڳو ... ۽ ٻنهي جي ٻڏ ٻڏ وري رضوءَ کي پٽي ڏسڻ ڪيو، تنهن ڪري هن شڪايت ڪئي.

"ڪهوڙا ... مونکي ته هي فارمولا ياد ئي ڪونہ ٿئي" ... "ٿيندڙ ٻ نہ ... جيستائين اسانجو ڪو انتظام نہ ڪندينءَ !" افروز کيس مطلع ڪيو.

نيٽ فيصلو اهو ٿيو ته روم نمبر ٣ ۽ وڃي نهايت

هوشياريءَ سان دلشاد جي لاکر مان سندس آڇـار کڻڻ جي ... ساڳي وقت نسيم فراخدليءَ (Offer) ڪيو تہ مان صبح جيڪي ٽوسٽ ناشتي جي ميز تان "سمگل" ڪري آئي هيس اهي پليٽ تـوهان استعمال ڪيو ... ان فيصلي بعد پندرهن منـٽن ۾ سينڊوچن تيار هٿا ! ...

بلڪل عجيب ذائقو آهي آچار جو تہ !..." لولوءَ ڪمبل جي ڪنڊ سان آچار وارو هٿ اگهندي چيو...

شمو هن وقت تائين پاڻ سنڀاليو ويٺي هئي، پر هاڻي مشڪل هو.

"مصالحو ڪجهہ ٻئي نموني جو پيل هوندس!"...

وات ۾ آيل پاڻيءَ کي شموءَ گيت ڏئي ٻڌائي ڇڏيو...

"ها ... شايد ..." افروز منهن ڪُهنجائي چيو...

ٻي ڏينهن فري پيريڊ ۾ افروز مٿي آئي تہ دلشاد جمعدار جي ٽانوَ ۾ ڪجهہ وڌو ٻڌي.

"چاهي دلشاد؟". افروز اڻين لنگهندي پڇـيو

"ادي! هي آچار گهران آيو هو، پر الاءِ ڇو نہ هليو ... هفتہ ڪن کان ڏاڍو سينوارجي ويو هو ... سو ٽي اڄ جمعدار کان ڪٽايان"

افروز کي يڪدم رات وارن سينڊوچن جو ذائقو زبان تي محسوس ٿيو ۽ هوءَ اوکارا ڏيندي غسلخاني ڏي ڀڳي ...

واه ... نازڪ مزاج ... "دلشاد ويچاري ڪجهہ نہ سمجهندي افروز جي نازڪ مزاجي تي طنز ڪيو.

امتحان شروع ٿيا تہ سيني چوڪرين هڪ ٻئي کي ويش (WISH) ڪيو. هر ڪنهن جي ڊريسنگ ٽيبل تي تازا گل-ٻڌايون ۽ "وش ڪارڊ" ۽ ٻيا تحفا نظر اچڻ لڳا.

نيٺ امتحان ختم ٿي ويا... ڪنهن جو رڳو هڪ پيپر خراب ٿيو هو تہ ڪهن سيني جو ٻئي ساٿم ڪيو... ڪنهن وري TOP ڪرڻ جي پيشن گوئي ڪري ڇڏي.

موڪلون ٻئي شروع ٿيون ... هاسٽل بند ٻئي ٿيو خالي خالي ڪمرا عجيب ويراني ۽ اداسي پيدا ڪري رهيا هٿا. آخري ٽرم جو آخري ڏينهن هو ... ڪي چوڪريون وڃي چڪيون هيون ... ڪي وڃـڻ ۾ هيون... ماڻڻ سان ملڻ جي خوشي، پر دوستن سان جدا ٿيڻ جي رنج دلين جي عجيب حالت ڪري ڇڏي هئي. ڪي موڪلن بعد نئين سال لاءِ اچڻيون هيون، ۽ ڪي اهي به هيون، جن جي تعليمي زندگي جو دور ختم ٿـي رهيو هو.

نسيم جي شادي طئي ٿي چڪي هئي، تنهن ڪري سندس موٽڻ جو ڪو امڪان ڪونہ هو... افروز جي ٻيءَ جو تقرر وڃ اوپر جي ڪنهن ملڪ جي سفارت خاني ۾ ٿي ويو هو... هوڏانهن لولوءَ کي ميڊيڪل ڪاليج وڃي جوائن ڪرڻو هو... هنن سيني جي دلين ۾ عجيب جذبات هٿا... سيني ٻڌي (Packing) پيڪنگ ڪئي... ۽ پيڪنگ ڪندي سڀ هڪ عجيب جذباتي خلفشار ۾ مبتلا هيون... سيني کي بورڊنگ جي زندگي ڏاڍ ڏار طرح جو تجربو ڏنو هو ۽ هر ڪنهن تي جدا جدا نفسياتي رد عمل ٿيو هو، پر تنهن هوندي بہ هي ڪيترو نہ هڪ ٻئي جـي ويجهو هيون ... رحمت ۽ زحمت جي هي زندگي هنن گڏجي گذاري هئي !... ۽ اها رات سندن گڏ گذاريل زندگيءَ جي آخري رات هئي... اها زندگي، جنهن مختلف طرفن کان آيل هنن اجنبي هستين کي موتين وانگر هڪ لڙيءَ ۾ پوئي ڇڏيو هو ... ۽ هاڻي اها لڙي وقت جي ڏنگن هٿن ٽوڙي ڇڏي هئي ... ۽ موتي پکڙ جي رهيا هٿا.

سڀ مسافر ساڳي منزل تي سفر جي هڪ رات گذاري صبح سويل پنهنجن پيچرن تي هلڻ وارا هٿا ... هڪ ٻئي کي يادگيرين جون نشانيون ڏئـي ... ملهيون ۽ ڏکيون يادگيريون .....

نتيجو (افسانو)

"ادا! هڏ ۾ ٽواچي ته سياڻي امتحان جو نتيجو ظاهر ٿيندو!" جعفر، تنوير کان پڇيو. خدا معلوم هنن اکرن ۾ کڻڻو اٿر هو، جن تنوير جا هوش حواس ٿي گم ڪري ڇڏيا... منهن جو پنو ٿي لهي ويس. ڦڪي ڪل ڪاٿي لڳو، رت جسم ۾ جمي خشڪ ٿي ويس، هٿ ٻڌي ڏڪڻ لڳس، اکيون ڪليل ٿي رهجي ويس... همٿ ڪري ورائيائين، "ڇگو ادا! ڏسون چا ٿو ٿئي؟" جعفر خوشيءَ ۾ موڪلائڻ لاءِ تنوير سان هٿ ملايو، مگر هٿ ملائيندي ٿي جعفر جي ڪل ٿي اڏامي وئي. سلام ڪري ٻاهر هٿ بابت انهيءَ ٿي گٽيءَ کي سلجهائيندو اڳتي وڌي ويو.

تنوير جي دل ڏڙڪڻ لڳي... ڪنڌ زمين ۾ هٽي اڳتي وڌندو رهيو. هڪ ڏڪو ساهه سندس نڪ مان سوکاٽ ڪندو ٻاهر فضاءَ ۾ گم ٿي ويو. "يا الله! هن سال ته رحم ڪر!... مان نه ته دنيا کي کڻڻو منهن ڏيکاري سگهندس. يار دوست چا چوندا؟" سندس دل درد کان ڪراهيو. اٽين ٿي سوچ ۾ غلطان دنيا کان بيخبر. ٻنهنجا قدم اڳتي وڌائيندو رهيو. اهو باغ، جنهن جي رٽن جي ڏڏيءَ ڇانوَ ۾ هو اڪثر وڏي ڇاهه مان اڇي ويهندو ۽ ڪتاب پڙهندو هو، تن ڏانهن هو اک ڪٽي نهاريو جي، همٿ پاڻ ۾ ڪونه ساري رهيو هو.

هيءَ تنوير جو ٽيون سال هو جو ساڳي امتحان ۾ ويٺو هو. آخر ٻه سال ڇو امتحان ۾ ناڪام ٿيو. اڳتر ڪيترا امتحان ڏنائين انهن ۾ ڇو فيل ڪونه ٿيو هو...؟ مگر انهن سوالن جي جوابن کي ته تنوير ٿي چگيءَ طرح سمجهي پٽي سگهيو. دنيا ۽ دنيا وارن کي انهن ڳالهين مان کڻڻو مطلب. تنوير جو اهو زمانو ختم ٿي چڪو هو جڏهن سندس والد حيات هو، جڏهن سندس انگل برداشت ڪيا ويندا هئا، يارن دوستن جي ڪچهرين ۾ سير، سفرن ۾ ٿي سندس وقت گذرندو هو. ڪيڏي نه ڪيس بيفڪري ۽ بيپرواهي هٿي، مگر اهو زمانو اڄ نه معلوم ڪيڏانهن وڃي چڪو هو. اسڪول جي زندگيءَ جا چند سال موج ماڻڻ کان پوءِ جلد ئي سندس والد گذاري ويو. سندس دنيا ئي بدلجي وئي. هينئر تنوير جي زندگيءَ جو هڪ نئون دور شروع ٿي چڪو هو... زماني جي گردش کيس وکوڙي وئي. گهر جو وڏو هڻ سبب سڄي ڪٽنب جو بار سندس ٿي نازڪ ڪلهن تي اچي پيو ۽ کيس نوڪري ڪرڻ لازمي ٿي پئي... ڪيڏانهن ويا اهي لٽ لانگر، دوستن جون محفلون ۽ سير سپاٽا... ڪاڏي وئي سندس اها منهن جي رونق؟ اها ڪل ۽ خوشي... هردم خيالن ۾ ٿي غلطان... ڪٽنين ۾ ٿي ڦرندو رهيو. سندس مٿڙي امڙ چاهيو پئي ته هو دنيا جي مصيبتن کي هڪ پاسي ڌڪي ڇڏي، اڳي وانگر پاس ٿئي ۽ پنهنجي پيءُ وانگر ڪو وڏو آفيسر ٿئي... مگر هو انهن مصيبتن کي ڪيئن پاسي ڪري، جن سان سندس جيئڻ هو.

سندس گهر جا پاتي ۽ مٽس ڪاوڙجن ته چو نه ڪاوڙجن آخر انهن کي، ته هن کي جواب ڏيڻو پئي پيو. آخر امتحان کي ايتري اهميت ڇو ٿي ڏني وڃي؟ انهيءَ ٿي سوال جي گٽيءَ کي سلجهائڻ لاءِ فڪر ۾ پڌي ويو. اڃا کو حل سمجهه ۾ آيس ٿي ڪونه ته پنهنجيءَ هانهن ۾ ڪنهن جو مضبوط هٿ محسوس ڪندي ڇڙڪ نڪري ويس. گهبرايل اکيون مٿي کٽي نهاريائين ته، هڪ مشڪندڙ چهري کي پاڻ ڏانهن مخاطب ڏٺائين. "آهي

تہ خيرا کھڑن خيالن ۾ آهين؟ ... پي خبر پڌي ٿي ... پڌو آهي تہ سياڻي نتيجو نڪرندو ... پتو پوندو تہ تون کھڑا ڦاڙ ها ماريا آهن ..." سندس دوست ڪالهائيندو رهيو هيڏانهن هونڊانهن جا احوال وٺڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو، مگر تنوير کي سواءِ "ها" يا "نہ" جي ٻيو ڪجهہ سمجهہ پئي نہ پئي آيو جو ڪٽي ڪجهہ چوي.

باغ ۾ سندس ڪيترائي ٻيا دوست ۽ ويٺا هئا، جن کيس پري کان ڏسي ئي مشڪيو ۽ سلام ڪيو ...، مگر هنن جي مرڪ اڄ هن کي ڏاڍي محسوس ٿي رهي هئي ... ندامت کان ڪنڌ جهڪي پئي ويس ... بدن منجهان سڪ اڏامي ويس ... جنگهن منجهان طاقت چڏائيبي ويس، مگر تنهن هوندي ۽ قدمن کي تيز ڪيائين ۽ ماڻهن جي نظرن کان بچندو اڳتي وڌندو رهيو. باغ جي رونق سندس جيءَ جلائڻ لڳي، پنهنجي منهن کلندڙ ماڻهو، جن مٿس کلندا محسوس ٿيڻ لڳا. سنهي سنهي بوند ٻگهر جي سندس پيشانيءَ تي نمودار ٿي. کيس ماڻهن کان سخت نفرت اچڻ لڳي ... هو همٿ ڪري باغ کان ٻاهر تہ نڪري آيو، ليڪن ٻاهر ۽ مرڪندڙ چهرن ۽ کيس گهوريندڙ نظرن وارن جا انبوه لڳا ٻيا هئا، جن جون ٻي معنيٰ نظرون هن کي اڃ محسوس ٿيڻ لڳيون جن انهن هن جي گهراهٽ جو مطلب سمجهي ورتو هجي. پريشانيءَ جي عالم ۾ کيس سمجهہ ۾ ئي نہ پئي آيو تہ کيڏانهن وڃي! ڪٿي تنهائي گولي!! ڏينهن جي تيز روشنيءَ کان کيس ڊپ ٿيڻ لڳو ... ڪاريءَ رات جو ٻيچينيءَ سان انتظار ڪرڻ لڳو ۽ هٽ سان پيشانيءَ جو ٻگهر خشڪ ڪندي اڪيلائيءَ جي تلاش ۾ هلندو رهيو. هڪ اهڙي تنهائي، جتي کيس ڪو سڃاڻي نہ سگهي، جتي ڪو پريشان نہ ڪري سگهي ...، جتي امتحانن جي اڻ ٿيءَ نہ هجي ۽ جتي سندس ٽڪل دل ۽ دماغ کي آرام ميسر ٿي سگهي. هو انهيءَ ٿي سگهن خاطر ... وڃايل خوشيءَ جي تلاش ۾، جيڪا گهٽو عرصو اڳ کانئس جدائي ڪري وڃي هئي، هڪ نامعلوم ارادي سان اڳتي وڌندو رهيو.

سڄ ۾ پنهنجو فرض ادا ڪري دنيا مان رخصت ٿي چڪو هو. وڏين وڏين عمارتون ۽ ڪراچيءَ ۾ خوبصورت دڪان ۽ ماڻهن جا گوڙ هاڻي پٺتي رهجي ويا هئا ... سرد ۽ گهميل هوا لڳڻ شروع ٿي ... ان ۾ پنهنجي ڪاري چادر اوڙهي آهستي آهستي ظاهر ٿي رهي هئي ... ڪشادن رستن جون بتيون هڪ ٿي جهٽڪ سان ٻري پيون. سنسن ڪندڙ ڪن تي رکي رکي ڪنهن موٽر خاموشيءَ کي پٺي ڏوڙيو ... ننڍڙا ننڍڙا تارا ٽمڻ !! ڪندا ڪاري آسمان ۾ ٽمڪڻ لڳا ...، ليڪن تنوير اڃا ۾ اڳتي هلندو رهيو. سندس سارو جسم ٻگهر سان شل ٿي ويو. خيالي دنيا ۾ گم ... دنيا ۽ دنياوارن کان بيخبر ڪنهن نامعلوم منزل ڈانهن وڌندو رهيو. سندس نماڻا نيڻ ڪنهن مهل آسمان ۾ تہ ڪڏهن ڏکهيءَ ويران سڙڪ جي آخري ڇيڙي تي پري ٿي پري الڦ ۾ ڪجهہ تلاش ڪندا رهيا. هڪڙي وڏي هوا جي جهولي منهجان کيس ٻاڏيءَ جو هيبتناڪ آواز ٻڌڻ آيو، جنهن کي ٻڌڻ سان ئي سندس لونئن ڪانبارجي وئي. ان آواز ڪنهن ڀانڪ صورت کي آڻي هن جي اکيان ٻيهاريو. هڪ ڇڪيءَ طرح سڃاڻل صورت، جنهن جو زوردار آواز سندس ڪنن جا پردا ڦاڙڻ لڳو ... "چار مهينا گذري ويا ... اڃا ٻڌا ڪڏهن ڏينديں ... جي ڇڻڏينهن جي اندر نہ ڏنءَ تہ ماري ڦٽو ڪندو سانءَ ... ڪمينو ڪنهن جاءَ جو ..." آڏي نيزاريءَ جا اکر سندس دل جي گهرائيءَ مان اپريا، مگر نڙيءَ ۾ ئي اٽڪي ويس ... چپ ڦڙڪ لڳس ... وات ڪليل رهجي ويس ... چهرو زرد لاش مثل ٿي ويس ... سندس ڏکندڙ هٿ مٿي اڻيا ۽ اکيار ملي ٻيهي رهيا ... مگر هو هليو ويو ... ڪيڏانهن گم ٿي ويو ... سندس دل ۾ جي آڻي ۽ هڪ غم اندوهہ جو غبار سندس سيني مان اپري دماغ تي

چانجي آهستي آهستي اکين مان وسڻ لڳس. تنوير هن کي ٻڌائڻ ٿي گهريو... رڙيون ڪري ... جگر ڦاڙي ڇڏڻ ٿي گهريو ته... "لله! مونکي معاف ڪر... مان غريب آهيان ... تون اڃا ڪجهه ڏينهن صبر ڪري سگهين ٿو... تو وٽ خدا جو ڏنو سڀ ڪجهه آهي... تو ڏني وقت پيٽ پري ماني کائي سگهين ٿو، مگر منهنجيءَ مفلسيءَ ۽ غربت کي ڏسي ڪجهه رحم ڪر..." مگر هو وڃي چڪو هو ۽ هن جي ٻاڻ تي تنوير ڏاڍو تڙپ بجليءَ جيو هڪ ٽلهو ڪارو ٽنهو سندس آڏو بيٺو هو. پشمانيءَ کان سندس ڪنڌ جهڪي ويو. خيالن ۾ پريشان وانگر وري اڪيتي وڌڻ لڳو. "بابو صاحب! رکشو حاضر آهي." ڪنهن ڪيس ڀڃيان آواز ڏنو. "بابو صاحب... آنهه... بابو صاحب... ها! ها! ها!" تنوير ٿڪ ڏيڻ لڳو. ڀڃيان گاهڪائيندڙ کي خاموش ڏسي هڪدم وات کي هٿ ڏيئي ماڻ ڪري ٻيهي رهيو. "شايد هن ٻيو ڪجهه چيو... غريب ڇا چيو؟" مگر هو هن جي ڪجهه چوڻ کان اڳ ٽي پري وڃي چڪو هو. هن جو ڏکيل ڪنڌ ويران سڙڪ جي ٻنهي پاسن تي لڳل بتين ۾ ڪنهن مهل صاف ظاهر ٿيو ته ڪنهن مهل اونداهيءَ ۾ گم ٿي ٿيو ۽ اهڙيءَ طرح هلڪيءَ رفتار ۾ ويندي ويندي هن جي اکين کان غائب ٿي ويو. پنهنجي اهڙيءَ روش تي کيس ٿورو عجب لڳو، مگر جلد ٿي ڪلهن کي ڏوڻي وري ڪٽي پنهنجي راهه ورتائين، "مگر مان ڪليس چو؟" تنوير سوچڻ لڳو... "ها! بابو صاحب! مگر ٽيڪ ته چيائين نه... هيڏيءَ وڏيءَ آفيس جو ڪلارڪ، پگهار گهٽ ٿي ملي ته چا ٿيو. پورت نٿي ٿئي ته چا ٿيو. بابو صاحب ته آهيان نه... بابو صاحب! تنوير ڪجهه خوشي محسوس ڪرڻ لڳوءَ ٽانءَ ۾ پورجي سوٽ جي کيسن ۾ هٿ وجهي مستاني چال ۾ اڪيتي ٿيڻ لڳو، مگر خوشي سندس قسمت ۾ آڻي ڪٽان. خيالن جي هڪ ٻي لهر ۾ وري لڙهي ويو. سندس منهن کي روٽي ويو. موٽر جي ڦيٿي وانگر سوال سندس دماغ ۾ وري چڪر کائڻ لڳا، رڙيون... واڪا، ڏڪا ۽ تڙپون وري ڪٽان اڏامنديون اچي سندس ڪنن مان دماغ ۾ گونڙ لڳيون. هزارٽي مٿي کي ڏوٽي، ڪن کي هٿن سان ٻيکوڙي ٻيٽي جيٽي ٻل جي لوهي سيخن کي جهلي اتي ٽيڪي رهيو. بي انداز پاڻيءَ جا ڦڙا لهرن ۽ چولين جي صورت ۾ سندس هيٺان موجون ماري رهيا هئا. هو لهرن جي اسرڻ ۽ لهڻ ۾ پنهنجي جاءِ کولڻ لڳو. پنهنجي چوٽڪاري کي واجهائڻ لڳو. انهيءَ گندي نيري نيري پاڻيءَ کي تڪڻ لڳو، جهن کان کيس ڪڏهن نفرت هئي، مگر الائي چو اهو کيس اڄ سٺو لڳي رهيو هو. هو پاڻيءَ کي گهوري ٿي رهيو هو ته کيس ان ۾ ڪجهه نظر اچڻ لڳو... هڪ پيانڪ چهرو... ڏسندي ئي ڪٽي اکيون بند ڪائين، مگر هو ڇٽي رهيو هو... واڪا ڪري رهيو هو..." "جيڪڏهن اڪثين مهيني چنن مهنن جو پاڙو نه ڏنءِ ته ٻڙ گهر کان ٻاهر اڇلائيندو سانءِ..." "هاڻي ڪنهن کان قرض ولار... ڪوئي به ته نٿو ڏي... ڪير ڏيندو...؟ ڪوڙي آسري تي ڏيندو...؟" تنوير سوچيندو رهيو. جڏهن پنهنجا پنهنجا نه رهيا ته غير تي ڪهڙو ڏوهه. تنوير کي هڪ هڪ واقعو انهن ڏينهن جو ياد اچڻ لڳو جڏهن سندس بابو حيات هو. کيس پٽسي جي ڪمي کائي هئي. مٽ مائٽ کيس زوريءَ دعوتون ڏيئي گهرائيندا هئا، مگر اڄ... افسوس! آهي ته اهي ٽي ساکيا... ۽ ڇڪ به جن لاءِ گناهه آهي... جن جا ڏسڻ سان نيڻ ڦرندا هئا، اڄ انهن جي منهن ۾ گهنڇ ٿيٽي پيا. اٿين نه ٿئي ته ڀلا ٻيو ڇا ٿئي... سندس سر تان سايو جو هليو ويو. آمد نيءَ جو ذريعو جو جدائيءَ جو داغ ڏيئي ويو... سندس پيار و... بابو... جو... گذاري ويو. تنوير جي دل ۾ جي آئي ته ڪوڙها اکين مان ندين وانگر اڇي وهي

چئيس . روئندي روئندي سڏڪن ۽ پڇي ويو . سندس دل چاهيو تہ روئي ... رڙيون ڪري . ايڏيون رڙيون ڪري جو سندس رڙين سان آسمان ڏري پوي ... آسمان وارن جو جگر ڏري پوي ... ۽ سندس دانهن ۽ فرياد ان بي نياز بادشاه تائين پهچي وڃي، جنهن کائنس سڀ ڪجهہ ڦري ورتو هو ... هو روئندو رهيو ... سڏڪا پريندو رهيو تان جو روئندي روئندي ساٿو ٽي پيو . وري کيس پاڻي ۽ جي ڇڙڪا هٿ ۽ آڻي، جنهن جي لهرن ۾ل جي ٽڻڻ کي پٽي ٽڪر هنيا . شايد هي ۽ ہ هن وانگر ٽي بکايل هو . يا زبان نہ هٽ ڪري ائين کيس ٻڌائي رهيو هو تہ، "تنوير! تنهنجون مسرتون منهنجي ٽي سيني ۽ سمايل آهن، پاڻي آواز کندورهيو پنهنجو سٽو ٽنين سان ٽڪرائيندو رهيو، لهرون اپرنديون ۽ نڪرنديون رهيون . هوا ۽ وڏيڪ خنڪي پيدا ٿي وئي ... هر طرف خاموشي ٿي خاموشي هئي ... ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ آدم ذات هتي موجود ٿي ڪونہ هئي . هو ہ هن وانگر جڻ غمن، ڪٻتين، بکن ۽ مفلسيءَ کان تنگ اچي ان سمنڊ جي گهرائيءَ ۽ وڃي آباد ٿيا هٿا . تنوير پنهنجو ٽڪل مٽو پل جي لوهي سيخ تي رکي ڇڏيو . سمنڊ جي تيز هوا سندس منهن سان ٽڪرائي سندس وارن کي پريشان ڪرڻ لڳي ... هن هڪ ٽڏو ساهہ پريو ۽ خيالي گهوڙن وري پرواز شروع ڪري ڏنو . پنهنجي سال جي محنت هن کي ياد اچي وئي ... ڪيئن نہ هن محنت ڪئي هئي ... باهر دنيا سان مقابلو ڪندي ، گهر و معاملن کي سلجهائيندي ہ پڙهيو هو، مگر هو اڪ ہ تہ ائين ٽي پڙهيو هو ... پوءِ آخر چو ناپاس ٿيو ۽ هاڻي ہ جيڪڏهن هي ۽ ... "الائي ! پوءِ چا ٿيندو ...؟ پوءِ چا ٿيندو ...؟" وري سندس چپ ٽڙڪڻ لڳا . ٻڏي هوا جي خنڪي سندس سڄي ۽ جان ۽ گهڙي وئي ... هن جو دماغ وري ڪنهن بار کان ڪوڙو ٽي پيو ... ۽ هن ان سيخ تي ٿي مٽو رکي اکيون بند ڪري ڇڏيون .

چوڏهين ۽ جو چنڊ پنهنجي پوري رعب و تاب ۽ جاه و جلال سان آسمان ۽ چمڪي رهيو هو . پاڻي ۽ جو ا هواجي جهوٽن سان ڪنهن مهل تيز تہ ڪنهن مهل آهس پٽي نڪتو . هر طرف سونهري چانڊوڪي ڦهليل هئي جيڪا ويرن جي چهرن کي چمڪا ٿي ڪين وڌيڪ مست بنائي رهي هئي تہ وڏا وڏا ٽين ٻڌل ڪيل تنبو جي چهري کي ٻ ڦهڪائي رهي هئي ... اوچتو تنبو جو چرڪ نڪري ويو ... ڪيس پنهنجو ننڍڙو پاءُ ٻ اچي ويو ... جو هو رات جو ضد ڪري ٻ ڪائنس ڪهاڻ ٻڌندو هو . ٽڪل هجي يا ڪنهن ويچار ۽ هجي، مگ هن جي ننڍڙي سمجهہ ۾ معصوم جذبات کي ڪڏهن ٻ منهن ڏئي ڪونہ سگهيو هو ۽ آخر آڻ مجي ڪلي ويهندو هو . هن کي ائين محسوس ٿيو تہ جڻ هو ساه کي مڙڙي آواز ۽ چئي رهيو هجي ... ، "ابا ! هاڻي ايندو ... سونڪي ڪهاڻي ٻڌائيندو ۽ هوءِ چوندي هيس "نہ ... نہ ... ! اڄ ڪهاڻي ڪونہ ٻڌائيندو ۽ . ڪ ڪرينس" ، جنهن تي هن ضد ۽ روئڻ شروع ڪري ڏنو . هن کي روئندي محسوس ڪندي سندس اکيون مجي کان پرجي آيون . ڪمزور جسم ۽ نہ معلوم ڪٿان طاق اچي وئي . ٽپ ڏيئي اٿيو ۽ گهر ڏانهن تکو تکو ڊوڙ لڳو . ائين محسوس ٿي رهيو هو جڻ سندس زندگي خطري ۾ هئي ، جڻ سندس جان کان ٻ وڌيڪ پياري شيءِ تڙي رهي هئي . کيس مفاصلو جيئن ٻوءِ تيئن گهٽو نظر اچي لڳو . پگهر جون لاٽون سندس مٿي مان وهي وڃي ڪڍن تائين پهتيون ، مگر هو پچندو رهيو ، گهٽيون رستا ٽپندو ، ڪتن کان بچندو ، موڙ مڙندو اچي گهر ۾ هليان ٻيلو . تکو تکو ڏاڪڻ چڙهي ويو . گهر جو در کليل هو ... سندس ماءُ ٽوروڪنگهڪار ڪئي ، مگر ٽئي ساهہ پري وري سمهي پئي . تنوير چرين وانگر هيڏانهن هوڏانهن واجهائڻ لڳو . سڀ ننڍڙا ٻي خبر سمهيا پيا هٿا . مگر پيو ڪٿي هو؟ هو تہ هنن سان ٽي گڏ سمهندو

هو؟اوندهه ۽ هڪ هڪ ڪت تي ڪيس ڪوليندو رهيو آخر ڇڄي هڪ ڪت جي مٿان ٻيٺو. اڄ هو پنهنجي پاڻ سان سهيو پيو هو. پيار پريا نيڻ ڪٽي سندس ٽي پر ۽ هيٺ ويهي رهيو. رات جي خاموشيءَ ۽ سندس تڪڙو ساه ماڻ ٻڌجي رهيو هو. گهٽي ڊڪ ڪري سندس سارو جسم ٽڪجي ڏکي رهيو هو. هن نندڙي جي پيشاني چمي لاءِ پنهنجو ڪنڌ هيٺ جهڪايو تہ ڪيس نندڙي چهري تي وهيل ڪوڙ هن جون ۽ قطارون نظر آيون جي اڃان آليون هيون. هو اهو ڏسي پاڻ جهلي نہ سگهيو ۽ ڪوڙ هن جا آخري قطرا سندس سجيل اکين مان وهي وڃي نندڙي جي پيشانيءَ تي ڪريا. ڪوڙ هن ۾ نہ معلوم ڪهڙو اثر هو جو معصوم ڇهرو مڙي پئي ۽ تي ويو ۽ نندڙي کان ٻي خيالي ۽ ڏو ساهه ڪري ويو. تنوير جي وات مان نڪري ويو، "پيو...! مونکي معاف ڪر... اڄ... مان تو کي... کهاڻي ٻڌائي نہ سگهيس." ڀريل آواز ۾ اهي اکر ڇڻي مٽو سيراهنديءَ تي رکي آرام ڪرڻ لڳو. آف! ڪيڏو نہ ٽڪجي پيو هوا ڪيس ڏڪ محسوس ٿيڻ لڳي. ڪوڙا ٻير وڌائيندي وڃي پنهنجي هنڌ ۽ سمهيو. سندس سجو جسم ساهه جي ڪوري وانگر تپي رهيو هو. رکي رکي ڪيس سائي ظاهر ٿيندڙ نتيجو ستائڻ ۽ وڌيڪ بي آرام ڪرڻ لڳو. "جيڪڏهن خدا نخواسته... مان... نہ! نہ!! ائين نہ ٿيندو ضرور پاس ٿيندس، پر جيڪڏهن نہ ۽ نمبر تہ پوءَ... پوءَ... پوءَ چا ٿيندو... چا ٿيندو؟؟ الاهي! تون رحم ڪجانءَ... خداوندا تون..." هن کي خيال ستائيندا رهيا سندس دل زور زور سان ڌڙڪڻ لڳي... بي آراميءَ ۽ پاسا ستائيندو رهيو...

وقت وڌيءَ مصيبت سان رڙهي، رڙهي ٻوروٽيو. ٻاڪ ٽي... ڪڙڻ جون ٻانگون شروع ٿي ويون... وڃتو الله اڪبر! جي صدا بلند ٿي. هن جي دل چاهيو تہ اٿي نماز پڙهي... الله جي درگاه ۽ سجدو ڏي...

من! رحم پئجي وڃيس، مگر جلد ئي اهو خيال لهي ويس. اونداهيءَ کي تکو تکو پڇندو ڏسي سندس دل جو ڌڪو وڌيڪ تيز ٿي ويو. ڄاڻ اخبارن وارن جا واڪا شروع ٿيا... اخبار ايندي... سپ ڏسندا... پوءَ... پوءَ چا ٿيندو... الاهي! رات چو گذري وئي." اٽين ٽي سوداءَ پچائي رهيو تہ گهر ۽ گوڙ شروع ٿي ويو. سندس ماءُ رڙيون ڪري پاڻس کي اڌاريو ۽ اخبار آڻڻ جي لاءِ کيس هيٺ ڌوڙايو. پاڻس جا زور زور سان سڏ گهٽيءَ ۽ ٻڏڻ ۽ آيا. هن اخبار واري کان هڪ اخبار ورتي ۽ وري ڌوڙندو ٽئي ڇڙهي آيو. هو تارا ڦاڙي! ڦاڙي درڌانهن تڪڻ لڳو. سندس ماءُ اخبار ۽ نمبر ڪولڻ ۽ ڪجهه دير ڪئي... ڪيس وهم وکوڙي ويا... ايتري ۽ پاڻس پڇيو، "اما! چا ٿيو... ٻڌائين چو نٿي... روئين چو ٿي...؟" "غريبن جي قسمت ۾ غريب آهي پٽ!... چا ٻڌايانءَ" سندس ماءُ ڪوڙها اکهندي اخبار هن جي هٿ ۽ ڏئي بورچي خاني ڏانهن هلي وئي. پاڻس کي الائي چو ڪ ئي ڪونہ پئي آئي سو وري هن نمبر ڪولڻ شروع ڪري ڏنو... هنڌ مان ڪنجهڻ جو آواز آيو... "الائي! هي چا... ٽي ويو...؟ هي چا ٽي ويو...؟ بس ڪيل ٽي ختم ٽي ويو... ڪيل ٽي ختم ٽي..." سندس هيانءَ ڦاڙڻ لڳو... "هاڻي چا ٿيندو...؟ هاڻي چا...؟" وات مان هو اهي اکر وري درهرائي ڪونہ سگهيو... ايتري ۽ پاڻس جي رڙ ٽي. "اما! ... اما... آهي ڪونہ... هي چا هي... هي ڏس... ۲۱۱... صفا تہ لکيل آهي سيڪنڊ ڪلاس ۽." ڪيس ماءُ تي ڪاوڙ اچي لڳي. "آهي... آهي... ڪٿي آ... مگر پاڻين جو نمبر تہ ۳۱۱ هو نہ؟... نہ... نہ... برابر ۲۱۱ هو مونکان پل ٽي وئي." خوشيءَ وڃان ساري ڏڪ لڳي... ڪوڙها اکهندي اٽي ۽ تکي تکي تنوير ڏانهن وئي... پاڻس خوشيءَ ۽ ٽپاڏيڻ لڳو... "ابا... اٽي... اٽي تہ... تون پاس ٿيو آهين... سيڪنڊ ڪلاس ۽... منهنجا لعل تنوير... اٽي تہ پٽ..." سندس ماءُ ڪيس جهنجهوڙيندي رهي سڏڪندي رهي... مگر ويچاريءَ کي ڪوڙي خبر تہ سندس خوشيءَ جي ڪوڙهن جو خريدار... هن ڪان پري... بلڪل پري... اڇو ٽي وڃي رب کي پرتو هو.

هڪ قدم اڳڀي



"پڪارمڪس" "پڪار سنو"

"پڪار سنو" جمڙيءَ جي سونهن ۽ سوپا کي وڌائي ٿو. چهري جي حسن ۽ رنگ روپ کي قدرتي چمڪ ۽ نور بخشي ٿو. "پڪار سنو" ٽي اوهان جي حسن ۽ خوبصورتيءَ جو ضامن آهي. هن وقت جي سڀني "سنوز" کان بهترين سنو آهي.

ضرور استعمال ڪريو

تيار ڪيل :-

ايڇ. عثمان، پرفيومرس،

بولٽن مارڪيٽ ڪراچي ٢.

ان کانسواءَ

پڪارمڪس اسپيشل آملا هيئر آئل

عطر دربار مستانو وغيره.

جو خوشبو ۽ خوبين لاءِ پنهنجو مٿ ناهي.

همیشه استعمال ڪريو

تيار ڪيل :-

ايڇ. عثمان، پرفيومرس

بولٽن مارڪيٽ

ڪراچي. ٢.



آغا « سليم »

جمال جا كرداري افسانا

جمال ابڑي کي سنڌي ادب ۾ جيڪو مقام حاصل آهي، سو ٻئي ڪنهن ۾ سنڌي افسانه نويس کي نصيب ڪونه ٿيو آهي. مان سمجهان ٿو ته جمال جي ان ڪاميابي جو راز، هن جي الفاظ جي جادوگري، انسان جي جذبات ۽ احساسات جي پروڙ ۽ سندس جذبات جي سچائي ۾ پنهان آهي. جمال افساني لکڻ مهل سڀ کان پهرين پنهنجي الفاظ جي جادوگري کان ڪم وٺي پڙهندڙ جي جذبات کي پنهنجي وس ڪندو آهي ۽ پوءِ پنهنجو مقصد بيان ڪندو آهي. مان سمجهان ٿو ته جمال انسان جي نازڪ جذبن جي اهميت جو ايترو قائل ڪونهي. اهو ئي سبب آهي جو سندس افسانا پڙهڻ وقت اڪهاڙي بت تي ڪندڙ سنهڙن هٿن جي احساس جي بدران اٿين محسوس ٿيندو آهي، جڏ ته ڪڙو ۽ ٻيو وسي، سمند ٻيو گجگوڙ ڪري، ڏرتي ٻئي ڏڏي ۽ سڀ هيڻايون مٽاهيون هڪ ٿيندي يون ٻيون وڃن. هن جا افسانا پڙهڻ وقت اوهان کي هلڪڙن ۽ مترنم آوازن جي احساس بدران هميشه ڪاوڙ (ڪاوڪاٽ ۽ شرڙاٽ) جو احساس ٿيندو. جمال هميشه پڙهندڙ جي تيز، ڦٽڪندڙ ۽ ڦڙڪندڙ جذبن کي جاڳائڻ چاهيندو آهي. جمال هيل تائين جيڪي به افسانا لکيا آهن، تن کي اسين ٽن حصن ۾ ورهائي سگهون ٿا ۱- ڪرداري افسانا ۲- طنزيه افسانه ۽ بياني افسانا (هونئن ته جمال سڀئي افسانا بياني ٽيڪنيڪ ۾ لکيا آهن، پر جيڏن ته مون کي سندس ٽئين قسم جي افسانن لاءِ ڪو مناسب لفظ ڪونه ٿو سجهي ان ڪري مان سندس انهن افسانن کي بياني افسانا ٿو سڏيان).

جمال جو هرهڪ افسانو سندس فن جي نمائندگي ٿو ڪري، پر مان سمجهان ٿو ته هن جا ڪرداري افسانا سندس فن جي وڌيڪ نمائندگي ڪن ٿا انڪري في‌الحال مان سندس ڪرداري افسانن تي ئي اڪتفا ٿو ڪريان.

جمال ڪردار نگاري جي فن جو بادشاه آهي. هو ڪنهن به ڪردار کي جڏهن مهل ان ڪردار جي جڏبات جي سچائي ۾ گم ٿي وڃي تڏهن ئي بجاءِ پنهنجي فنڪارانه علحدگي قائم رکي، ان ڪردار جي معرفت ڪو پيغام ٻڌائي ويندو آهي. هن جا ڪردار زندگي سان سرشار هوندا آهن. منجهن هٿ ۽ نرڙائي هوندي آهي. ماحول سان سندن رد عمل جبلتي ٿيندو آهي، جنهن ۾ ارادي ۽ سوچ ويچار کي گهٽ دخل ٿيندو آهي. ڪڏهين ڪڏهين ته سندس ڪردار ڏرتيءَ جي سينه مان ڦاٽ کائي نڪتل جبلن جيان لڳندا آهن: سخت، اڻ گهڙيل ۽ اڻ‌ٽر! اوهين جمال جو شروعاتي ڪرداري افسانو خميسي جو ڪوٽ پڙهو. خميسي کي ڏسي اوهان کي اٿين معلوم ٿيندو ته خميسو مريم جي ابتدائي صورت آهي. سندس هٿ ته ڏسو- چماٽ ٿو کائي روئي ٿو ڏي ته به مڙي نٿو. ٻئي ڏينهن ساڻئي ڪار- "ها ملان ....."! هن افساني ۾ ته رکو جمال خميسي جي ڪردار جي ويهي جڏهن کي آهي ۽ مثل ماٺهوءَ جا ڪپڙا ملان کي ڏيڻ جي رسم جو مذاق اڏايو آهي، پر افساني جي دامن کي وقت جي وسعتن مٿان پکڙ وڃائي چڏيو آهي. خميسو سيءَ جي ست نه سهي مري ويو. ٻئي ڏينهن سندس ياءِ مهر اهو ساڻيو خميسي وارو پراڻو ڪوٽ پايو ٻيلو هو. افسانو پنهنجي قدرتي انجام وٺ اڃي ختم ٿي ٿو وڃي، پر افسانا نويس بس هڪڙي ٻئي افساني ڏانهن ۾ اشارو ڪري ٿو چڏي، جنهن افساني

جو هيرو خميسو نہ پر مهر آهي .

جمال جو پيو ڪرداري افسانو " شاه جو ڦر " آهي . منهنجي خيال ۾ جمال جو اهو افسانو سندس شاهڪار افسانو آهي . مان اها اڪ ڪڻي ڪڻ جي جرات تہ ڪري ڪو نہ ٿو سگهان تہ جمال ساري جمار هڻي و مڪمل افسانو لکي ڪو نہ سگهندو . باقي ايترو سو چوان ٿو تہ جمال هيل تائين هڻي و مڪمل افسانو لکي ڪو نہ سگهيو آهي . افساني جي هيترڙي ڪنواس تي جنهن تي مريم جي هيڏي وڏي ڪردار جو ماپ ٿي محال ٻيو پاسي ، ڪيئن جمال ساري ڪوٽ جو ويهي ڪردار چٽيو آهي . اوهين افسانو پڙهو اوهانکي افساني ۾ سارو ڪوٽ جيئرو جاڳندو نظر ايندو . ڪو ڪوٽاٿو ڪنڪهي ڪانگهارا ٿو اڇلائي، ڪو ڪٽنين ڪاريل آهي تہ ڪوري اڻ پوري خوراڪ ڪري ڪيهائيل . انهن سيني جي وچ مريم فوني وانگر ڪڙڪندي ٿي وتي . هيترڙي جيتامڙي مريم جو هٽ تہ ڪيڏو عظيم آهي ! " هار تہ اصل ڪونہ مڃيندي هٿي ....." هزار حيلا هلائي فتح حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي هٿي . ويچارا ڪيڙي خالي هٿن سان الرون ڪري ۽ آخر ۾ روئي ٻ پاڻ مڃرائيندي هٿي . هڪڙي ڏنهن " پيرل شاه " کي پاسو ڏنائين ۽ پانهن کان جهلي چيائين " ماما پٺسو ڏي ....." پيرل شاه پنهنجي عظمت جي عمارت کي هيترڙي جيتامڙي جي هٿان ڊهندو ڏسي هن کي ماريٽو ، پر مريم جي هٽ مڙڻ تہ سکيو ٿي ڪونہ هو . بيهوش ٿي وڃي ٿي تڏهن ٻ ساڪي وائي وات اڻس - " ماما ... شائين ... پٺشو " ڪردار نگاري جي ڪمال کان سواءِ جمال هن افساني ۾ فن - افسانا نگاري جي هرهڪ گهرج کي پورو ڪري اهو ڏيکاريو آهي تہ ڪيس پڙهندڙ جي جڏبن تي ڪيترو نہ ڪنٽرول آهي . افساني جي ابتدائي منزلن ۾ هو مريم جي معصوم چلولائي سان پڙهندڙ جي دل ۾ مريم لاءِ پيار پيدا ڪندو ٿو وڃي . جڏهن پڙهندڙ جو پيار وارو جذبو پرپور ٿي وڃي ٿو، تڏهين هو افساني ۾ اهڙو واقعاتي موڙ ٿو آڻي ڇڏي، جنهن لاءِ پڙهندڙ تيار ڪونهي ۽ افساني جو اهو موڙ هن جي پرپور محبت کي پيرل شاه لاءِ نفرت ۾ بدلا يو ڇڏي . نفرت ۽ هڻي تهڙي تہ پر مرڻ ماڻ واري نفرت !

ان افساني کان پوءِ جمال " بدمعاش " افسانو لکيو . هونئن تہ بدمعاش افسانو تمام سٺو افسانو آهي، پر افساني جي هيرو جو ڪردار گورڪي جي ڪردار " پاشا " سان تمام گهڻي مشابهت ٿو رکي . (سندس پيءُ تي لٽ اولاڻ وارو عمل وغيره) شايد ان مشابهت جي ڪري ئي " زندگي پبليڪيشن " جي منتظمين لکيو هو تہ جمال سنڌ جو گورڪي آهي، هڪڙي فنڪار کي ٻئي فنڪار جهڙو چوڻ ممڪن آهي تہ ڪن دوستن آڏو ان فنڪار جي وڏائي بيان ڪرڻ برابر هجي، پر منهنجي آڏو ان ڪالهہ جو اعتراف ڪرڻ آهي تہ ان فنڪار ۾ انفراديت ڪانهي ۽ هو ڪنهن ٻئي فنڪار جو محض پاڇو آهي ..... بدمعاش افسانو پنهنجي جاءِ تي ڪٽي ڪيترو ٻ مڪمل افسانو چونہ هجي، پر ايترو ضرور چئبو تہ افساني جي هيرو جو ڪردار ليکڪ جي روح مان ڦاٽ ڪائي ڪونہ نڪتو آهي . باقي محترم ثميره جي اها ڪالهہ تہ گورڪي پاشا جو نفسياتي پس منظر ڪونہ ڏيکاريو آهي ۽ پڙهندڙ تي چڏيو آهي تہ هو پاڻ تصور ڪن ۽ جمال بدمعاش جو نفسياتي پس - منظر ڏيکاريو آهي (ان ڪالهہ کي جمال جي هر تري سمجهبي يا " پاشا " ۽ " بدمعاش " جي ڪردار جي مشابهت جو جواز ؟) ان لاءِ اسان کي اها ڪالهہ نہ وسارڻ گهرجي تہ پاشا ماءُ ناول جو MINOR ڪردار آهي، جنهن جي نفسياتي پس-منظر ڏيکارڻ جي ضرورت محسوس ڪانہ ٿي ٿئي . (پاڻ پاشا جو ڪردار هيرو جي ڪردار جو نفسياتي پس-منظر ڏيکاري ٿو).

ٻان ذاتي طور "بدمعاش" جي "پاشا" سان مشابهت کي برداشت کريان ٿو ان جو جمال ان افساني ۾ هڪڙو تمام وڏو پيغام پڙهندڙن تائين پهچايو آهي. ساڻ سمجهاڻو ته برائي (VIL) پيار جي عدم موجودگي جو نالو آهي. پيار پاڻ ازلي چگائي آهي ۽ ان ازلي چگائي جي غير موجودگي برائي آهي. جمال ان ساڪٽي ڪالهه کي افساني ۾ بيان ڪيو آهي "بدمعاش" ساري جمار ايترون ته برايون ڪندو ٿو رهي جو سندس وجود برائي جي جيئري جاڳندي علامت بنجي رهجي ويو آهي ۽ هنجو نفسياتي پس- منظر ڏيکاري جمال اهو ثابت ڪيو آهي ته سندس ان ساري برائي جو ڪارڻ هنجو اهو ماحول آهي جنهن ۾ هنجو روح سڪ جي سرڪ لاءِ سڪندو ٿو رهي. افساني ۾ جمال رڳو ايڪ ها ڪالهه چوڻ ٿو گهري، هر هو انسان جي ازلي چگائي ۾ پنهنجو غير متزلزل اعتماد ۽ ڏيکارڻ ٿو گهري. افساني جي آخري موڙ وٽ هو اهڙو واقعو ٿو آڻي جنهن سان بدمعاش جي ازلي چگائي اپري سندس براين کي ڏکي ٿي ڇڏي ..... منهنجي خيال ۾ افساني کي اتي ختم ٿيڻ گهربو هو جتي بدمعاش جي روح مان چگائي ڦاٽ ڪائي نڪري ٿي اچي. باقي ان کان اڳ وارو سارو ٽڪرو (لولي جمعدار جي جيلر بنجي وڃڻ وارو اتفاقي واقعو ۽ بدمعاش سان سندس بهيمانه ورتاءَ) نه رڳو اجايو ٿو لڳي ۽ افساني جي روح کي ۽ مجروح ٿو ڪري ڇڏي. افساني جو آغاز ۽ انجام هميشه ليڪ لاءِ اهڙ مرحلا ٿيندا آهن. ليڪ کي افساني جو آغاز اهڙي نموني ڪرڻو پوندو آهي جو ايندڙ منزلون هڪ ٻئي سان رشتو ڳنڍيندي ويندي پار پوندي ويندي آهن تانجو افسانو پنهنجي منطقي انجام تي اچي ختم ٿي ويندو آهي. جمال پنهنجي افساني جي انجام جي باري ۾ لکيو هو. "سون جڻ ته، هڪ وڏو سوال پيش ڪيو آهي ته بدمعاش ڪير؟ اهو جو ٽوڪرون ٿو کائي يا اهو جو ٽوڪرون ٿو هڻي؟"

مونکي ساري افساني ۾ ان سوال جي گنجائش ئي نظر ڪانه ٿي اچي. افساني جو (VILLIAN) ماحول آهي ۽ نه لولي جمعدار. ساري افساني ۾ ويچاري لولي جمعدار جو ڪردار ان ڪري جي ڪردار کان وڌيڪ ڪابه اهميت ڪونه ٿو رکي جنهن کي بدمعاش گلر ڪري پاليو هو. افساني جي آخر ۾ ليڪ هروپرو ان غير اهم ڪردار کي گهلي وچ ۾ آڻي ڪيس اجائي اهميت ڏيئي افساني جو رخ پنهنجي قدرتي انجام کان ڦيري چڏيو آهي.

جمال جو آخري ۽ بدنام ڪرداري افسانو "پشو پاشا" آهي. سون افساني کي بدنام افسانو انڪري سڏيو آهي جو جڏهن افسانو "مهران" رسالي ۾ شايع ٿيو ته دوستن کان دانهون نڪري ويون ۽ سڀني گڏجي "پشوءَ" کي قبول ڪرڻ کان انڪار ڪري چڏيو. مان هتي "پشوءَ" جي افاديت ڏيکاري ڪيس قابل قبول ثابت ڪرڻ نٿو چاهيان مان رڳو ايترو ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته جمال کي ڪردار نگاري ۾ ڪيترو نه ڪمال حاصل آهي. اوهين "پشو پاشا" افسانو پڙهو. اوهانکي سارو افسانو پشوءَ جي داخلي ۽ خارجي ڊرامائي عمل جي چوڌاري ڦرندو نظر ايندو. ڪنهن به ڪردار جو ڊرامائي عمل ٻن قسمن جو ٿيندو آهي. خارجي ۽ داخلي. خارجي ڊرامائي عمل ان وقت شروع ٿي ويندو آهي جڏهين هيرو ۽ مخالف خارجي قوتن جي وچ ۾ ٽڪراءُ شروع ٿي ويندي آهي ۽ ٻئي هڪ ٻئي سان ٽڪرائيا، جدوجهد ڪندا پنهنجي قدرتي انجام تي وڃي پهچندا آهن. داخلي ڊرامائي عمل ان وقت جنم وٺندو آهي، جڏهين هيرو جي داخلي مخالفن جبلتن جي وچ ۾ ٽڪراءُ شروع ٿي ويندي آهي.

پشوءَ جي ڪهاڻي پڙهندي مونکي هميشه يوناني ديومالا جي ڪردار نرگس جي ڪهاڻي ياد اچي ويندي آهي جيڪو پنهنجي سونهن تي عاشق ٿي گل بنجي ويو هو "پشو" به نرگس جيان سهڻو آهي..."سچ پچ به شينهن

جهڙو مڙس هو. ڏکهوقدآور. لڳ مروڙ. رڪ جهڙو چڙ هالو..." هو ۽ پنهنجي سونهن تي عاشق آهي. هو ۽ نرگس جيان گل (پاشا ۽ جاهلو شينهن) بڻجڻ ٿو چاهي. نرگس جيئن ته ڏيو مالا جو ڪردار هــو تنهن ڪري ڪيس گل بڻجڻ لاءِ ڪنهن به ڊرامائي عمل جي ضرورت پيش ڪانه آئي هئي. پر پشو ته اسانجي هــن جيئري جاڳندي جهان جو جيئرو جاڳندو ڪردار آهي. انڪري پاشا بڻجڻ ڪيس خارجي طاقتن سان ٽڪرٽو ٿو ٿيو. ڪڏهين ڪيس شڪرگنج جي چوڻيءَ تي ريڙهيون ڀائي چڙهڻو ٿو ٿيو. ته ڪڏهين جو ڪجهه چنڊيس ٿو سو منهن تي ڦهڪائي ڏيڻو ٿو ٿيو. ڪوٺ ۾ رئيس به رهندو هو. پشوءَ کي رئيس جي وڏائي جو احساس آهي ۽ جنهن احساس کي پشو رئيس جي اڪيان پنهنجون پوريون .ڇون وٺي دور ڪندو ٿو رهي. ان احساس کي ملائڻ لاءِ ٿي هڪڙي ڏينهن رئيس جي ڪلاس ۾ پاڻي ٿو پيئي ۽ نوڪر جهلنس ٿا ته چويٽو "ادا رئيس جو ڪو چهڙو آهي چا ...؟" (عام ماڻهو جيڪر چوي ته "ادا! مان ڪو چهڙو آهيان چا ...؟") ائين پشوءَ جو ڪردار ارتقا جون منزلون پار ڪندو ٿو وڃي تانجو سندس خود پرستي وارو جذبو مرتفع صــورت اختيار انسان پرستي وارو جذبو بڻجي ٿو پوي. بلڪل ائين جيئن انساني گوشت جي وڍ کٽ ڪرڻ وارو جذبو خوني ۽ ڏاڙيل بڻجڻ جي جذبي جي بــدران ، مرتفع صورت اختيار ڪري سرجن بڻجڻ جو جذبو بڻجي ٿــو پوي. ائين پشو خارجي طاقتن سان ٽڪرائيندو پنهنجي قدرتي انجام کي ٿو وڃي پهچي. مان هت "پشو پاشا" افساني جي انجام جي باري ۾ ٻه ڪجهه چوڻ ٿو گهران اوهين افساني جا آخري جملا پڙهو. "واسي گهاٽ سان هزارين پشو اڏامندا نظر آيا. سندس سر تريءَ تي هوا..."

ائين پيو معلوم ٿيئي جڻ ڪو فنڪار نڪو ڪالهائي ، پر ڪو مبلغ پنهنجي ڪالهه سڀائڻ لاءِ پڙهندڙن جي جذبات سان کيڏي رهيو آهي.

بينظير ناول "لاوارث"

چا! توهان اڃا تائين ايم. اسلم. "مسافر"
جي بينظير ناول "لاوارث"!
جو مطالعو نه ڪيو آهي؟
جي نه ته اڄ ئي گهرائي پڙهو.

"لاوارث" سمــاج جي انهن پنڌڻن جي خلاف چٿانج آهي ، جي زندگيءَ جي هرڪنهن موڙ تي انسان کي بي دست وپا بنائي چڏين ٿا. "لاوارث" کيترين ئي معصوم دلين جو آواز آهي ، جنهن ۾ سندن ڪسمپرسي ۽ بيچارگيءَ جي تصوير چٽيل آهي، جنهن ۾ دلجي مڪڙيءَ جي شگفتگيءَ کي خزان جو جهوٽو ڪيئي پيرا برباد ڪري چڏيٽو. مطلب ته هن مسلسل ناول "لاوارث" جي ڪهاڻي اميرانه الفت جي اندازڪان غريب جي بي بها محبت تائين ٻئي تصويرون ڊيڪارڻ ۾ انوکي حيثيت رکيئي. پڪو جلدڪور مٽان ٽي رنگي بلاڪن سان آرٽ پيپر جو نهايت سهڻو ۽ دلفريب گردپوش ، قيمت صرف ٻه روپيه هارهن آنه. انڪانسواءِ "نسرين" سوا روپيه ۽ "نسيمه" هڪ روپيه. ٽيئي ڪتاب ڪڏ گهرائڻ سان پوسٽ خرچ معاف. ايجنٽن کي ٣٣ سيڪڙو ڪميشن ۽ پوسٽ خرچ معاف ڪيو ويندو.

نوٽ:

هن ڪانپوءَ اسانجوناول "تلاش ۽ موت"! عنقريب شايع ٿيڻ وارو آهي

لکڻهه لاءِ ايڊريس:

ايم . اسلم . "مسافر" (نندائي)
پوسٽ آفيس بدين (ضلع حيدر آباد)

سنڌيڪار احمد علي

عام پلائيءَ لاءِ سرڪار جون ڪوششون

۱- ڪراچي ۾ نوان گھر

"قومي گھر ۽ آبادڪاري" جي اداري (National Housing and Settlement Agency) نومبر ۱۹۵۹ع ۾ ڪراچي شھر جي آتر ۾ ڏھ هزار ايڪڙ زمين ھٿ ڪري ان تي ٻي گھر ۽ جھوپڙين ۾ رھندڙن کي ٻيھر وسائڻ لاءِ گھر اڏائڻ شروع ڪيا ھئا. اھو ڪم جنوري ۱۹۶۱ع ۾ شروع ٿيو. ڪورنگيءَ ۾ وڌيڪ گنجائش نہ ھئڻ ڪري، ٻيو ھي نئون نندو شھر تعمير ٿي رھيو آھي، جنھن ۾ ست هزار گھر تيار ٻ ٿي چڪا آھن، جن ۾ گھٽ ۾ گھٽ ۳۵ هزار ماڻھو آباد ٿي ويندا. تنھن کان سواءِ چار هزار گھر لڳ ڀڳ تيار ٿي چڪا آھن ۽ باقي چار هزار گھر ۽ ٻ هزار پلاٽ جون ۱۹۶۳ع ڏاري الاٽ ڪيا ويندا.

"آتر ڪراچي شھر" ۾ ٻ پرائمري اسڪول تيار ٿي چڪا آھن، جن ۾ ڀارن جون داخلائون ٻ شروع ٿي ويون آھن. ٻيا اسڪول ٻ تيار ٿي رھيا آھن ۽ جون ۱۹۶۲ع تائين جملي ست وڌيڪ اسڪول کوليا ويندا. ماڻھن جي روزاني ضرورتن لاءِ ويھ دڪان کلي چڪا آھن ۽ جون ۱۹۶۳ع تائين ڇھ مارڪيٽ ٿ کليوينداء.

جون۱۹۶۳ع تائين پنجاھٽي گھر ۽ ھڪ صحت گھر ٻ کليو ويندا. ۲۵ ميل ۾ رستا ٺھي ويا آھن ۽ ۳۵ ميل ۾ وڌيڪ رستا ھن سال جي جون تائين ٺھي ويندا پاڻيءَ لاءِ ھر ھنڌ عوام جي استعمال لاءِ نلڪا ٻ لڳي ويا آھن.

ڪورنگي ۾ ۲۶۰۰۰ گھرن کان سواءِ ايندڙ پنجن مھينن ۾ "آتر ڪراچي شھر" ۾ اٺ هزار گھر تعمير ٿي ويندا ۽ انھيءَ حساب سان کل ٻ لک ٻي گھر ماڻھن کي اجھو ملي ويندو.

۲- مھاجرن جا ڪليم

رنن زالن، يتيمن ۽ ضعيفن کي اولھ پاڪستان ۾ ڪليمن جي عيوض پوٽا ٿي ڪروڙ روپيا نقد ادا ڪيا ويا آھن ۽ اوپر پاڪستان ۾ ھڪ ڪروڙ ستر لک روپيا. اھي انگ اکر تازو لاھور ۾ سڏايل ڪانفرنس ۾ ظاھر ڪيا ويا، جنھن ۾ ڪليمن جي باري ۾ باقي رھيل ڪم جي جلد آڪلاءِ لاءِ ٽن قدم سوچيا ويا.

تازو ڪراچي ۾ ٽن ھڪ اعليٰ سطح تي ڪانفرنس سڏائي ويئي ھئي، جنھن ۾ مھاجرن کي ٻيھر وسائڻ لاءِ چوڏھن ڇڻن جي ڪاميٽي مقرر ڪئي ويئي. انھي ڪميٽي جو صدر ڪراچيءَ جو ڪمشنر چونڊيو ويو ۽ ڪميٽيءَ تي ڪراچيءَ مان چونڊيل ٿي قومي اسيمبليءَ جا ۽ صوبائي اسيمبليءَ جا ميمبر ۽ ڪراچيءَ جي ترقيءَ جي اداره (K.D.A) جو صدر ٽن ميمبر ھوندو.

۳- ٻوڏن ۾ امداد

اوپر پاڪستان سرڪار ھڪ پريس نوٽ ۾ ڄاڻايو آھي تہ ويجھڑائيءَ ۾ جيڪي ٻوڏون ٿيون ھيون، تن جي اثر ھيٺ آيل ماڻھن جي امداد لاءِ گورنمينٽ کھڙا قدم کنيا آھن.

پريس نوٽ ۾ ڄاڻايو ويو آھي تہ ٻوڏن جي خبر اچڻ شرط پاڪستان جو صدر خود اوپر پاڪستان آيو ۽ اختياري وارن کي بچاءَ ۽ وري وسائڻ متعلق ھدايتون ڏنائين. مرڪزي ۽ صوبائي وزيرن ٻوڏ ھيٺ آيل علائقن جا دورا ڪيا ۽ امدادي ڪم جي نگراني ڪئي. نئين گورنر، ڪم سنياليندي ئي، پنھنجو پھريون فرض ٻوڏن وارين ايراضين جو دورو ۽ امدادي ڪم جي نگراني سمجھيو. پريس نوٽ ۾ اھو ٻ ڄاڻايو ويو آھي تہ صدر پاڪستان کي امدادي ڪم سان ايتري تہ دلچسپي ھئي جو ھو ھر وقت گورنر صاحب سان لھ وچڑ ۾ رھيو

۽ کيس يقين ڏيارياٿين تہ انهيءَ ڏس ۾ هر قسم جي پٺسي سميت مدد ڏني ويندي.

پريس نوٽ ۾ وڌيڪ چاڻايو ويو آهي تہ ٻوڏن واري علاقي ۾ بروقت زمين تان ڊل ۽ قرضن جي وصولي وقتي طور بند ڪئي وئي ۽ رهاڪن جي امداد ۽ آبادڪاري لاءِ ۲۱ ڪروڙ رپيا بحال ڪيا ويا. اها رقم مفت اناج، گهرن اڏڻ لاءِ مدد ۽ قرض، آبادڪاريءَ ۽ ڏورن خريد ڪرڻ لاءِ قرض، طبي امداد ۽ پهرڻ لاءِ ڪپڙو، شاگردن ۽ تعليمي ادارن لاءِ وظيفي ۽ گرانٽ جي صورت ۾ صرف ڪئي آهي. حڪومت جي ترت قدمن ڪٹ ڪري عام ماٹهو ٻوڏن سبب پکڙجڻ وارين بيمارين کان بہ بچي پيا.

پريس نوٽ ۾ چاڻايو ويو آهي تہ ۱۹۵۴ع ۽ ۱۹۵۵ع ۾ ٻوڏن کان پوءِ مرڪزي سرڪار، گڏيل قومن کان ماهرن جون خدمتون حاصل ڪيون، جي اوپر پاڪستان ۾ ٻوڏن، پاڻي ۽ بجليءَ جي ترقيءَ لاءِ رٿون رٿين. ماهرن سر زمين تي ڪوجنا ۽ چنڊچاڻ کان پوءِ رايو ڏنو تہ اوپر پاڪستان ۾ ٻوڏن جو مسئلو ڏاڍو پيچيدو آهي ۽ دنيا ۾ پنهنجي قسم جو واحد آهي. ماهرن پنهنجي رپورٽ ۾ چاڻايو آهي تہ درياءِ بين الاقوامي هٿ ڪري اهو لازمي آهي تہ هندستان ۽ پاڪستان گڏجي ٻوڏن کي روڪڻ جا قدم کڻن.

انهيءَ سفارش موجب، پاڪستان سرڪار هندستان حڪومت سان گالهيون ٻولهيون شروع ڪيون آهن. پنهنجي حڪومتن فيصلو ڪيو آهي تہ هڪ پئي سان ٻوڏ جي باري ۾ انگ اکر ۽ مٽا سٽا ڪن ۽ جو ماڻهو ٻوڏن کان هڪ پئي کي اڳواٽ ٻڌي آگاهہ ڪن. انهي انگ اکر جي مٽا سٽا کان وڌيڪ هندستان حڪومت ٻوڏ جي باري ۾ سهڪار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. بهرحال ماهرن جي سفارش موجب اوپر پاڪستان ۾ پاڻي ۽ بجليءَ جي ترقيءَ وارو ادارو واپدا (WAPDA) ۱۹۵۹ع ۾ برپا ڪيو ويو ۽ پاڻي متعلق انگ اکر گڏ ڪرڻ جو ادارو پڻ ڪيو ويو. انهيءَ ڪم ۾ گڏيل قومن جي ماهرن جو تعاون رهيو. ڪجهہ بند بہ ٻڌايا ويا ۽ ٻوڏن جي پاڻيءَ کي نيڪال لاءِ ڪسيون ۽ ڪوٽيون ويون تہ جئن آبادي لائق زمين کي بچائي سگهجي.



پاڪستان جو هڪ دل
عوامي رقص

پاڪستان
جو
عوامي رقص

اولهه پاڪستان جو لڏي ڊانس

اوپر پاڪستان جو "منيپور ڊانس"

اولهه پاڪستان هڪ ٻيو عوامي رقص



اوپر پاڪستان ۾ سڀ کان جي هڪ ڪارخاني جو مشين روم .



فينچو گنج (اوپر پاڪستان) ۾ مصنوعي ڀاڻ جو هڪ ڪارخ
جو پاڪستان جي فصلن کي زرخيز بنائي ٿو .



→
اوپر پاڪستان جو هڪ
حسين نظارو

اوپر پاڪستان
شاهراه ترقي
تي

ڪرناڦلي جي ڪپ تي ڪاغذ جو ڪارخانو



چانهه جي باغ جو هڪ نظارو

حافظ محمد احسن جنا

قلندر شهباز مروندي!

(سيو هڻ جي ادبي ڪانفرنس ۾ پڙهيو ويو)

گروه- اصفيا جا شاه ۽ سردار مروندي
تون آهين طالب- حق، صاحب- اسرار مروندي
تون اقليم- ولايت جو تہ آهين رڪن اعظم ٿ
۽ آهين عشق جي مي جو سدا مي خار مروندي
تون عالم، فاضل و فائق، فقيهه و قاري- قرآن
تون عابد، متقي ۽ دين جو دلدار مروندي
طريقت ۾ ٿيو تنهنجو لقب اعليٰ قلندر آهه
شريعت جو ٿئين پابند، تابعدار مروندي
تون بحر- عشق جو غواص، ڏين در- يگانہ ٿو
مئي عشق- حقيقي سان ٿئين سرشار مروندي
ڪڏهن تون محويت ۾ وجد ۾ جوش و جلالت ۾
ڪڏهن مستي ۽ هستي ۾ ڪڏهن هشيار مروندي
ڪڏهن تون صوفي وسالڪ، ڪڏهن مست- الست آهين
ڪڏهن تون رند، تارڪ، صاحب- افڪار مروندي
ڪڏهن مخفي ڪرين پيو راز سڀ آگاه ۽ اظهر
ٿي ٻي خود هٿي پيو دم، ڪڏهن خود دار مروندي
ڪڏهن مصلح ٿي پيو ذات- انسان جي ڪرين اصلاح
ڪڏهن گوشه نشين ٿيڻين ٿو خلوتدار مروندي
ڪڏهن زنار پيو پائين، ڪڏهن تسبيح پيو سورين
ڪرين منصور جا تون رقص پيو بردار- مروندي
تو خم خالي ڪيا مي خانه- عشق- الاهي جا
پيالا پُر پياريا تو ٻڌي خمار مروندي
لقب تنهنجا ٿيا سيف- لسان، مهدي ۽ شمس- دين
محي الدين، شهباز ۽ قلندر وار مروندي
ڏيئي تعليم قرآني، مٽائي ڪوٽ ڪفراني
هنيو تو نينهن جو نعرو نسنگ نروار مروندي
هزارين تنهنجي فيض- عام سان فياض بنجي پيا
ڪيو تو بدعتن کي "احسن"- اطوار مروندي

"عاصي"

"ستاسا هيڙيون" (ٽجنيس خطي)

(۱) سسئي:-
ڪيڪندي ڪيهان، ڪير ڪوڙين ڪشالا ڪوهه ۾.
رايتون ريتي رلايون روح رليو روهه ۾.
جاڙ جبلن جي جڪايو جسم، جلدايون جڙي،
ڏر ڏڪايو ڏيل ڏيرن جي ڏمر ڏک ڏوهه ۾.

(۲) سهڻي:-
پل پري پيلو، پچان پيرو پلارن چو پلا،
پار پر پاتار کان هن پار پوچان پوهه ۾.
ساس منهنجي سان سئو سوراکيون منهڙو مکن،
تيز ٽکڙي تک تکي ترهي تران تيڙ توهه ۾.

(۳) مارئي:-
لاکيل ليڙون، لهر، لاريب لائق لوٽي آ،
لڄ مران لاهيندي، لاکيڻن لکائي لوح ۾،
پر پٽن پون پورڙن پوکن پلايون پاڪ جون،
لوهيون لگڙن لهن لوچيندي لکيل لوهه ۾.

(۴) ليلا:-
لڄ لٽائي لوڪ ۾ ليلا لڄائي لعل تي،
ماريون من موڪي ممتا مندڻين موهه ۾.
ور وڃايو ويسلي، ويتر ونگو واپار وک،
روڄ راڙو روز شب راغب رهي نت روح ۾،

(۵) موهل:-
موڪ موريسر مهورت موٽ مونڊي مينڊرا،
چم چمر چاڻن چهل چڏيو چني چڪ چوهه ۾،
سمجهه سوڍل سرس سومل سان سهڙي سوج تي،
ڏاهيو ڏپ ڏؤل ڏانوا نڊول ڏونڊو ڏوهه ۾،

(۶) سورٺ:-
مال مڏيون ميڙ مگٽا! من مطابق، ميڙ من،
ماريون ٻارڻ ٻهون ٻيجل ٻوسائي ٻوهه ۾،
هوليون ٻاڏائي ٻيهر ٻول ٻيجل ٻاهران،
ڪوئيون ڪوڏن ڪيان ڪاڏي ڪجاڙي ڪوهه ۾،

(۷) نوري:-
مال مڪڙامڙ مهاڻن مون، ميان مهراڻ تي،
ماريون مڇيون مداميءِ ميره من مڪروهه ۾،
ڪاڄ ڪڪيون ڪوڙ ڪک ڪائن ڪپائن ڪاڻيون،
اڄ اهي "عاصي" اجهي آهن اوگها انبوهه ۾،

"حليم" ڪوٽ ميرمحمد

اسان جي دل ۾ قومي درد آهي.

اسين هر دل عزيز آهيون ، عجب اُلفت شعار آهيون
اسين سڀ ڪنهن جا يار آهيون ۽ ڏاڍا قربدار آهيون.

اگر دشمن وڙهڻ جي چاهي تہ پوءِ بلڪل تيار آهيون
وڙهڻ جي لاءِ ميدان ۾ جوان آهيون، نہ ہار آهيون.

اسانجي دل ۾ قومي درد آهي، سچ ڪري سمجهو
اسان لاءِ ديس باغ آهي ، اسين ان جي بهار آهيون.

اسين آهيون محبت سان هميشه منهن ڏيڻ وارا
اسين لاريب مردن جي قطارن ۾ شمار آهيون.

اسانکي "ساقي - روز - ازل" آهي پياري مئي
اسين ڪيڏا نہ اي يارو ! قديمي ميگسار آهيون.

اسان جو مرتبو آهي فرشتن کان گهٽو بالا
اسين "انسان" عاليجاه ۽ عالي وقار آهيون.

اسان وٽ عيب آهي، ڪنهن بشر جي دل کي ايذائڻ
اسين هر ڪاڏي امن و امان جا خواستگار آهيون.

اسان کي ڪين سمجهي ڪو بہ ذڪر - يار کان غافل
ڪندا هر وقت پنهنجي دل ۾ پرين جي پچار آهيون.

اسان جو عزم - ڪامل ٿو پهاڙن کي ڪري پارا
اسين هر دم عمل جي اسپ جا ٿي شهسوار آهيون.

اسين ميدان - الفت ۾ سدائين سرفروش آهيون
انهيءَ جي ٿي ڪري مشهور آهيون، نامدار آهيون.

اسين آهيون هميشه حق جي ڪشتيءَ جا ڪشتيبان
اسين جي سير ۾ آهيون ، تہ پي سمجهو تہ پار آهيون.

اسانکي حال - غربت جو نہ آهي فڪر ۽ ارمان
اسين ايمان جي سرمائي سان سرمائدار آهيون.

ڏسون ٿا گرچ ڪنهن کي خوش، اسين پي پڙيون ٿا خوش
اگر ڪو اشڪبار آهي ، اسين پڻ اشڪبار آهيون.

اسانکي "تاج - اسڪندر" نڙ ڪهرجي ، نڙ ڪهرجي
اسين "خيرالامم جي تاج" سان ٿي تاجدار آهيون.

محبت جا قمر آهيون ، ادب جا آفتاب آهيون
صداقت جا ستارا ضو فشان ۽ جلوه بار آهيون.

عقائد ۾ اسان جي ، ڪين ايندي ڪا بہ تبديلي
خدا جي فضل سان ثابت قدم ۽ پائدار آهيون.

اسان جي واسطي دارالقرار آهي در - جانان
اسين ان کان سوا الله جاڻي ، بيقرار آهيون.

اسان کي باهم دوزخ جي ڪڏهن پي ڪين ساڙيندي
اسين خيرالوريٰ جا امتي ۽ جان نثار آهيون.

"پرائي پوڙ تي ماني پڏڻ" ناهي اسان جو ڪم
اسين پنهنجي ٿي همت سان رهيا با اختيار آهيون.

غريب آهيون، فقير آهيون، خليق آهيون، فهيم آهيون ،
طبيعت جا "حليم" آهيون ، بلاشڪ برد بار آهيون .

ڊ رحيم بخش "قمر"

"سدا موج مستيءَ ۾ "مهراڻ" آهي."

۱- وسايا وري مينهن واحد وطن تي
ڏٺا ڏوڪ ساوا پلارا پٽن تي
زمين سبز پوشاڪ پاتي بدن تي
آڻي ڪن ولوڙا ٻنهوريون پٽن تي
آڻا مينهن قادر ڪئي قربداري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۲- آڻي بوند باران ڪرم سان ڪڪر مان
اڇي بوءِ ۾ مان ڏڻي هير ٿر مان
رسي روح راحت ڇني ۽ ڇير مان
"ڪنيون" ڪيت آڻن پٽي تان پڏر مان
ڪتوريءَ کان خوشتر وڻي دل کي واري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۳- رهاڻيون رلي خوب ريڍار ڪن ٿا
ترڻ تي تنوارون سي ڪرار ڪن ٿا
مزيدار گفتار ميهار ڪن ٿا
جڙا، صبح ۽ شام جونگار ڪن ٿا
ٽرن ۾ ٽي ٽاڏل ٻرن ۾ بهاري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۴- ٿر ورڇن ڪڍهن ڪير، ڏورن، لسين مان
وڻون ٿا وڻن خوب پيرن، پسين مان
ٿر ڇاڻن ٿا چاندي جي پيالن، بسين، مان
ڪن سان پين پاڪ پاڻي ڪسين مان
هميشه هتي ٽي عجب آبياري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۵- پن "پيج" ڪرن ۾ ڪاري ٽرياڻيون
ڇڻن پينرون سي "ڪلا" ڪڙ جون ڏاڻيون
ڏهاري سي چاڙهين سجر ساڻ آڻيون
ڪا، پيرون، چونڊين نياڻيون نماڻيون
لڻن سنگ، سهٽا ڪٽي خوب ڪاري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۶- ڪٽي "ڪوه" تي سي گهڙا، گهاگهريون اڄ
ڀرڻ آيون پاڻي ولا، سرڏريون اڄ
ستارن، سان سونهن سندن سر سريون اڄ
ڀري ترت پاڻي وري سپ وريون اڄ
نهارن ٿ ڪنهن ڏي ڪٽي اک اجاري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۷- ڪا، پيرون، چونڊ پنهوريون هلن ٽيون
حيا شرم لڄ ليهه واريون هلن ٽيون
ڪري پاڻ ۾ قرب واريون هلن ٽيون
ستيون، سيل، واريون سهڪاريون هلن ٽيون
وڙي ماه هاريون ٿ ڪاڻي ۾ ڪاري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۸- "سدا موج مستيءَ ۾ "مهراڻ" آهي"
۽ "منجر" ۾ ٽي پنهنجو مٽ پاڻ آهي
ڪيو واه "ڪينجهر" ۾ ڪلياڻ آهي
برن ۾ ٽي ساوڪ جي سرهاڻ آهي
جوئر، باجهري، تير، ٽئي سرهه، ساري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۹- رکي رمز برهان، ٻاغات ۾ آهه
گهٽو ٽي مزو ميٺ ميوات ۾ آهه
ڏوتو ماڪ مکڙ ين جو منهن وات ۾ آهه
پکين کي وڏو لطف نغمات ۾ آهه
وڙهي حمد هاديءَ جو بلبل پلاري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

۱۰- سونڪي آهي اهنجو پيارو وطن هي
سدا سرس ساڻو سونهارو وطن هي
سلامت رهي شال سارو وطن هي
"قمر" شال قائم قرارو وطن هي
لطيفي ٻڌي لات جهر جهنگ جاري
هي گلزار فردوس آ سنڌ! ساري

عبدالڪريم "ڦلي"

منهنجا وطـــن !

غمزدن جا آسرا ، منهنجا وطن !
بي سهارن جا آجها ، منهنجا وطن !
خوبرو ۽ خوشنما، منهنجا وطن !
دلنشين ۽ دلربا، منهنجا وطن !
چڪ ۾ ڏڙ-بي بها، منهنجا وطن!
ساه سر تو تان فدا، منهنجا وطن !
صبح تنهنجو روح پرور بي گمان ،
شام تنهنجي جانفزا، منهنجا وطن !
ڪهڪشان ڪان سرس آهن سونهن ۾،
تنهنجا گس ۽ پيچرا منهنجا وطن !
شادمانيءَ جي ڏئي ٿو شاهـــدي ،
سبز پرچم ، ٻرملا، منهنجا وطن !
تنهنجي هر هڪ ڪوٽ ۽ هر شهر ۾،
من ملن ٿا پيـــار جا، منهنجا وطن !
قرب ۽ الفت جا منظر بي مثـــال ،
تو سندا مارو مٿا، منهنجا وطن!
جا بجا تو ۾ ڏسي گلـــزاريون ،
ڪن ستارا رشڪ ٿا، منهنجا وطن !
توتون تنهنجون ڏسيو ٽٽيو پون ،
دشمنن جا حوصلا ، منهنجا وطن !
تنهنجي قسمت ۾ لکيل ٿو مان ڏسان،
ارتقائي ، ارتقا، منهنجـــا وطن !
ڏار توکان شل نہ هڪڙي پل ٿيان،
جيءَ جڏي جا پر جهلا، منهنجا وطن!
هر ٿنا تنهنجي اکيان ڏسجي ٿي هيچ ،
چا؟ ڪريان تنهنجي ٿنا، منهنجا وطن!
تت گهري ٿو هيءَ دعا تنهنجو "ڪريم"
شل هجين سائو سدا، منهنجا وطن !

"مشتاق" سنجاروي

"وطن منهنجو آ دين ايمان منهنجو"

۱- وڃان ڏيس تان، ڏيس وارن تان صـــدقي
زبان تان زبان جي سهـــارن تان صدقي
۲- وطن جي پيـــارن قرارن تان صدقـــي
وطن جي غمن گوشوارن تان صدقـــي
۳- وطن جـــي گلن خواه خارن تان صـــدقي
وطن جي خـــزان ۽ بهارن تان صـــدقي
۴- "وطن منهنجو آ دين ايمان منهنجـــو"
وطن جـي اڇن خواه ڪارن تان صدقي
۵- وطن سـاڻ وابستہ آ مـان منهنجو
وطن جي ٻرن ۽ پـــلارن تان صدقـــي
۶- ڏيان ڪين مـــوتي تي واريءَ جا ذرا
پٽن ۽ پٽـــن ڪوهسارن تـــان صدقي
۷- مٿا پول پولـــيءَ ۾ پولـــي ٿو جيڪو
انهيءَ جي ادائن اشارن تان صدقـــي
۸- پکن ۾ ٿا پهريون لڄ پت جي لوڻي
پيڙن ، نوجوانـــن ۽ پارن تان صدقي
۹- سدا جـــن جـــي آڏو ستارا سلامـــي
انهن سورمن شه سوارن تـــان صدقـــي
۱۰- ڦلي ٻڪ ٻرم جـــي هجي شـــال شـــان
انهيءَ حال جي حال زارن تان صدقـــي
۱۱- جنيـــن سان گـــذاري الم عمر ساري
ٽيان تن جـــي مهڻن ميارن تان صدقـــي
۱۲- وطن لاءِ جـــن سر جي بازي لڳائـــي
انهن نوجوان جان نثارن تان صدقـــي
۱۳- ٻڌائي ڦلا ڦال "مشتـــاق" ڪهڙا
سندم ساه سر آه ســـارن تان صدقي

ڪافي

محمد خان غني

نہ ساعت سري تن جي سھڻي سنيارين
نہ پر ڪنھن ۽ پرچن جي دلبر ڏتارين

وھن ۾ وھم انھن کي سمھڻ سور سختي
ھليون ھوت ڏانھن سڀ چڏي ھوڏ ھستي
پرين ڏيئي پارانيا جي پريان پڪارين

سنجھي سور چرندي ستيون جي سيواري
پرين کي پڪاري ھنجون جام ھاري
تہ آڏ اڇي عشق سيئي اڌارين

وساري وھن جون نہ ڪر جاڙ جالون
ولي جي ورين ور اھي تنھنجون واڻون
نماڻي ڪٽي نيڻ نئين سج نھارين

مدايون ھٽين عيب جن ۾ اپارا
سوا تنھنجي سر تان لڳا سڀ سھارا
اچي عشق تنھنجي آھيئي اڌارين

مرڻ ناھي مشڪل جڏ ناھي آسان
وڃن سيئي ويلون پيارا پريشان
"غنيءَ" تو سوا جي گھڙين يار گھارين

ڏڻون سال آيو

ٺھر ڪيڏوي

نئون رنگ ڏاري نئون سال آيو
۱- نئين آئيني جو نئون حال آيو
نئون رنگ ڏاري نئون سال آيو
۲- نوان جوش جذبا، نئون سازو ساسان
نيون روح رڻائون نئون خيال آيو
۳ نوان ڪارخانا وطن ۾ ڪلي ويا
وطن جي اضافي ۾ زر و مال آيو
۴ نئين زندگي ڏيھ وارن ۾ ڏسندي
نظر چھرو ھر ڪنھن جو خوشحال آيو
۵- اسان جو وطن شال آباد ھوندو
ٿيا سھنج رعيت جو رکپال آيو
۶ جڏھن "لھر" ڪائڻ لڳس قومي نغما
تڏھن ياد مونکي نہ خط خال آيو

قطعہ ساز

محمد حسن ساز

(۱)
خوف ۾ خطرات کان جيڪو وڙھڻ چاھي نڪو
زندگي جي راہ تي جڏ سڀ ھلڻ چاھي نڪو
زندگي جو راز بس آھي انھي ۾ ڏسي لکل
جو مرڻ چاھي نڪو جڏ سو جيئڻ چاھي نڪو

(۲)
دربدر ۾ سڪون کان محروم
اڄ جو آدم نہ آھي ٻيو چاھي
جت ۾ انسانيت ۽ لچي تڙڦي
سو جھنم نہ آھي ٻيو چاھي

(۳)
عقل تنھن سان نہ ڪڏھلي ٿو سگھي
ڪنھن جي ٻوڌان ھلي ٿو، جو اکثر
ڪير ھن ڪاڻھ کان ڪندو انکار
ختم تقليد ٿي ڪري جو ھر

(۴)
تون ٻري ڪر کي ٿو چگو سمجھين
ھي ۾ آھي عذاب جي صورت
جو عمل ڏل چگو نڪو آڻي
سا نہ آھي ثواب جي صورت

(۵)
ھر ضرورت کان آھي جو محروم
جنھن کي ھر روز ٿو ثواب ملي
تو کان اي شيخ ! ٿو ڄاڻان تو کان
مونکي آخر تہ کو جواب ملي

(۶)
زندگي تنھنجي آھي ۾ مقصد
جو فقط پنھنجي ٿي خبر ٿو رکي
سوڀي انسان ٿو رھي زنده
غم- انسان تي جو نظر ٿو رکي

(۷)
مون ھلڻ کان ڪئي نہ آھي ھس
مونکي کو ھمسفر ملي تہ ھلان
وقت سان گڏ ھلڻ نڪو چاھيان
وقت مونسان جي ھلي تہ ھلان

(۸)
جن بنائي زندگي منھنجي اھي شل خوش رھن
بار ھا احسان تنھنجا ياد مونکي ٿا اچن
جن ڪرم مونتي ڪيو، ياجنھن دغا مونسان ڪئي
وقت گذري ٿو وڃي ۾ ڪاڻھيون رھجيو وڃن

اولهه پاڪستان ۾ بجليءَ جي پيداوار

ڪنهن ملڪ جي ترقي، واڌاري ۽ خوشحاليءَ لاءِ بجلي نهايت ضروري ۽ اهم وسيلو آهي. اڄڪلهه ڪنهن ملڪ جي ترقيءَ جو اندازو بجليءَ جي پيداوار ۽ ان جي استعمال سان لڳايو ويندو آهي. آزاديءَ کانپوءِ اولهه پاڪستان ۾ بجليءَ جي پيداوار گهٽ هئي. ان کميءَ کي دور ڪرڻ لاءِ حڪومت پاڪستان "واپڊا" نالي هڪ ادارو ڪوليو آهي، جو نهايت سرگرميءَ سان ڪم ڪري رهيو آهي.

سڄو ڀرتو بجلي جي "الهدين جي ڏيئي" وانگر آهي. هيڏانهن بجليءَ جو بٽڻ دٻايو، هوڏانهن روشني موجود. ٻڪا هاڻ لڳندا ۽ ڦيرڻ وڏيون مشينون حرڪت ۾ اچي ويندڙ ۽ چڪر ڪائڻ لڳنديون. ڪٿين معلوم ٿيندو آهي تہ جڻ جن يا ديو ڪم ڪري رهيا آهن.

بجلي ٻن طريقن سان پيدا ٿيندي آهي. (۱) ٿرمل بجلي، يعني ڀاڦ جي ذريعي (جنريٽر) بجلي پيدا ڪندڙ مشين هلندي آهي ۽ (۲) پاڻيءَ جي زور سان (جنريٽر) ڪم ڪندو آهي. جنهن جو نالو ان بجلي آهي.

هتي اسان اولهه پاڪستان جي بجليءَ جو ڪجهه تفصيل ڏيون ٿا ۽ بجلي گهرن ماڻ بجليءَ پيدا ٿين جو مقدار ڏيو. هن وقت اولهه پاڪستان ۾ ننڍا وڏا ڪيترائي بجلي گهر ملڪ کي روشن بٽڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيا آهن. جيڻ تہ مالا ڪنڊ بجلي گهر اڻويهه هزار ڪلوواٽ، درگئي بجلي گهر ويهه هزار ڪلوواٽ، راولپنڊي بجلي گهر چار هزار ڪلوواٽ، رسول بجلي گهر ٻاويهه هزار ڪلوواٽ، چيچوڪي ملياڻي بجلي گهر تيرهن هزار ڪلوواٽ، ملتان بجلي گهر هڪ لک پنجٽيه هزار ڪلوواٽ، ورسڪ بجلي گهر هڪ لک ست هزار ڪلوواٽ، شاديوال بجلي گهر سڌا تيرهن هزار ڪلوواٽ ۽ حيدرآباد بجلي گهر ويهه هزار ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪري سگهي ٿو.

انهن بجلي گهرن ماڻ ورسڪ، ملتان، سڪر ۽ حيدرآباد جو احوال ڪنهن قدر تفصيل سان هيٺ ڏجي ٿو.

(۱) ورسڪ پراجيڪٽ گهڻن مقصدن وارو آهي. يعني ان پراجيڪٽ جا گهڻا مقصد ۽ فائدا آهن. بند ٻڌائي ڪابل درياءَ جو پاڻي قبضي ۾ آندو ويو آهي. هيءَ بند اوچن جبلن ڪان گهريل آهي. هڪ پاسي ڍنڍ ٻڌائي وئي آهي. ٻئي پاسي بجلي گهر ٻڌايو ويو آهي. ورسڪ بند ۽ بجلي گهر پشاور ڪان ويهن ميل جي مفاصلي تي واقع آهي.

۱۹۵۲ع ۾ ڪينيڊا جي سرڪار بند جي اڏاوت ۽ بجلي گهر جي تعمير جي پيشڪش ڪئي هئي، جنهن ڪي پاڪستان سرڪار قبول ڪيو. پوءِ ورسڪ جي هنڌ جو جائزو ورتو ويو. ۱۹۵۶ع ۾ تعمير جو ڪم شروع ٿيو. پاڪستاني انجنيئر به هن ڪم ۾ شريڪ ٿيا. ۱۹۵۷ع ۾ درياءَ جو رخ موڙيو ويو. ۱۹۶۰ع ۾ بند بنجي تيار ٿي ويو ۽ بجلي گهر جا چار جنريٽر ڪم ڪرڻ لڳا، جنهن ماڻ هر هڪ جنريٽر چاليهه هزار ڪلوواٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت رکي ٿو.

۲. ملتان جو ٿرمل بجلي گهر.

هيءُ بجلي گهر ملتان شهر کان چار ميل پري "پيران غائب" جي هنڌ تي واقع آهي. هيءُ سوئي گيس

ڪ هلي ٿو. هيءَ بجلي گهر يارهن ڪروڙ سٽ لک
ڀين جي خرچ سان تيار ٿيو آهي. هن بجلي گهر جي
ربي اولهه پاڪستان ۾ بجليءَ جي پيداوار پٽي ٿي
يندي. هن بجلي گهر ۾ هڪ لک چاليهه هزار ڪلووات
لي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي. هي بجلي
ر وڏايو ويو وڃي. ايندڙ سال هن ۾ ٻه لک پنجهٽ
زار ڪلووات بجلي پيدا ٿيڻ لڳندي.

۲. سکر جو بجلي گهر:-

اولهه پاڪستان جي ڏاکڻي علائقي ۾ بجليءَ جي
پاوار وڌائڻ لاءِ سکر ۾ حيدرآباد ۾ بجلي گهر بنايا
ويو جن انهن ٻنهي بجلي گهرن ۾ جنريٽر (پيدا ڪندڙ)
ٽربائين گيس جي ذريعي هلندو سکر جي بجلي گهر ۾ پنجويهه
زار ڪلووات بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت هوندي. اپرسنڊ جي
ٻ علائقي کي روشن ڪيو ويندو، جتي هن وقت
هن ننڍن ننڍن شهرن ۾ ڊيزل جي بجلي گهرن جي
ربي بجلي مهيا ڪئي پئي وڃي. ان کانسواءِ هيءَ
رن بجلي گهر ستر ميلن جي گهيري ۾ اٽاويهن شهرن
ي روشن ڪندو.

۳. حيدرآباد جو بجلي گهر:-

بجلي جي اٽاڪ کي دور ڪرڻ لاءِ حيدرآباد ۾
لي گهر بنايو ويو آهي. هيءَ بجلي گهر ويهه هزار
ڪلووات بجلي پيدا ڪري ٿو. ستر ميلن جي گهيري
ر بجليءَ جون تارون ۽ پول لڳايا پيا وڃن. انهن
ورن بجلي گهرن تيار ڪرڻ جو سڀ کان وڏو
ٻدو هيءَ آهي ته هن علائقي جون صنعتي گهرجون
ربون ڪيون وڃن ۽ زرعي ترقي ۾ ڀڻ مدد
ي سگهي.

نور سوئيٽ ميٽ مارٽ

شوال جي مبارڪ مهيني بابت حضرت علي السلام، جن فرمايو آهي ته هن مهيني ۾ شاديون برڪت جو باعث ٿيندڙيون آهن. اسان جي دعا آهي ته ڏٺي سڀورو اوهان کي اهڙا هزارين موقعا عطا فرمائي (آمين).

اهڙن خوشي ۽ مسرت جي موقعن کي "نور سوئيٽ ميٽ مارٽ" جون مٺايون يادگار حيثيت رکن ٿيون. اسانجون نج گهيءَ سان تيار ڪيل لذيذ مٺايون صفائي ۽ سٺائي ۾ پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

اوهان هڪ دفعو اسانجي دڪان تي تشريف فرمائي، اسان کي پنهنجي خدمت جو موقعو ڏيو.

اوهانجا خدمت گذار

مالڪان - نور سوئيٽ ميٽ مارٽ

لي مارڪيٽ، جهونو ڪنپارواڙو

ڪراچي

شهري ۽ ڳوڻاٽين جڏيل زمينن جي

يونين

جو جيڪڏهن توهين نقد معاوضو حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته هيٺين ايڊريس تي روبرو ملو يا لکپڙهه ڪريو.

آفيس:- استار پراپرٽي ڊيلرس

۲۳، انارڪلي — لاهور

نوٽ:— قسطن تي ڪليم ۽ يونٽ فروخت ڪري معقول معاوضو حاصل ڪري سگهو ٿا.

شائسته سيد

اولهه پاڪستان ۾ پاڻيءَ جي ذخيرن جي ترقي

پاڻي زندگيءَ جو بنياد آهي. پاڻيءَ بنا جيئڻ ناممڪن آهي. انسان، حيوان ۽ ڏرتيءَ جي جان پاڻي آهي. زمين کي پاڻي نه ملي تہ سر سبزي شادابيءَ کان محروم رهجي وڃي. اولهه پاڪستان ۾ اهڙي زمين جي ڪمي ڪانہ آهي، جو پاڻي نہ ملڻ سببان بيڪار پئي آهي. زمين ۽ پاڻيءَ جو ڀاڪ ۾ نهايت گهاڻو تعلق آهي، ۽ زمين ۽ پاڻيءَ جي هڪ ٻئي کان دوري گهٽي آهي. ائين نہ آهي تہ جتي ٻني هجي تہ اتي پاڻي ٻ هجي. ڪٿي ڪٿي تہ ڪوهن ۾ پاڻيءَ جو پتو ٻ نہ آهي. فصل تہ ٻنهنجي جاءَ تي رهيا، پر انسانن ۽ جاندارن لاءِ ٻ پاڻي نٿو ملي.

اسان وٽ ندين ۽ نالا تہ گهٽائي آهن، پر انهن جي پاڻيءَ کي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ هيل تائين گهٽ ڪوششون ڪيون ويون هيون. انهن ندين ۽ نالن جو پاڻي بنا روڪ ٽوڪ جي وڃيو سمنڊ ۾ ملي ٿو. اسان جون ٻنيون پاڻيءَ لاءِ آڇيون رهجيو وڃن ٿيون.

موجوده پاڪستان سرڪار "واپدا" جو ڪا توقائم ڪيو. جو هڪ پاسي اهو پاڻيءَ جي ذخيرن کي قبضي ۾ آڻڻ لاءِ جابلو علاقن ۾ بند ۽ ميداني حصن ۾ بٿراجون هڏرائي رهيو آهي تہ جيئن ان پاڻيءَ کي قبضي ۾ رکي گهرج پٽاندڙ پاڻيءَ ۾ آڻي سگهجي. ۽ اهو ڪاتو پئي پاسي بجلي گهر قائم ڪري ملڪ کي روشن ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل آهي. هينئر اسان پاڻيءَ جا آهي وڏا وڏا پراجيڪٽ ٻڌائڻ گهرون ٿا، جن تي هينئر ڪم ٿي رهيو آهي.

۱- منگلا ڊيم -

هيءَ هڪ وڏو منصوبو آهي، جنهن جي ذريعي جهلم دريا جو پاڻي، منگلا ڪوٽ جي ويجهو روڪيو ۽ ڪڍ ڪيو ويندو. ٿيءَ جو اهو بند دريا جي وهڪري کان ۳۸۰ فيٽ اوچو ۽ ۱۱۰۰۰ فيٽ ڊگهو هوندو. ان وڏي بند کان سواءَ ۾ ٻيا ننڍا بند ٻڌ بنايا ويندا. ان تہ سان هڪ سو مهلن کان وڌيڪ علاقي ۾ منگ پاڻيءَ کي پنهنجي پيٽ ۾ محفوظ رکي سگهندي

منگلا بند جي اڏاوت تي اڪل ۾ اڑب چاليهہ روپيا خرچ ايندو. منگلا ڊنڊ تيار ٿيڻ کانپوءِ ن پٽاندڙ واهن کي پاڻي ڏنو ويندو. انهيءَ کان سواءِ بجلي گهر ٻڌ بنايو ويندو. منڊ ۾ اهو فقط ل ڪلو واٽ بجلي پيدا ڪندو ۽ پوءِ رفته رفته اهو ٻ ۽ لک ڪلوواٽ بجلي بنائڻ لڳندو. اهو پورو پراج ۱۹۶۷ع ۾ پورو ٿيندو.

۲- تربيلا بند-

منگلا بند وانگر هيءَ بند ٻ هڪ وڏو اهم بند اڪ جي هنڌ کان ٽيهه ميل مٿي سنڌ دريا جي ڪپ تي تعمير ٿيندو. هن ڊنڊ ۾ پاڻيءَ جو هڪ وڏو ذخير ڪيو ويندو. ان کانسواءِ هتي هڪ وڏو بجلي تعمير ٿيندو، جو ڇهہ لک ڪلو واٽ بجليءَ کان لک ڪلو واٽ بجلي تيار ڪندو. هيءَ بند ڏهن ن جي عرصي ۾ تيار ٿيندو ۽ مٿس اڪل ۾ اڑب ڪروڙ روپيا خرچ ايندو.

۳- گدو بٿراج-

دريائن جي پاڻيءَ کي روڪڻ ۽ ذخيره ڪ فقط جابلو بند ڪافي نہ آهن، بلڪ ميداني علا دريائن تي بٿراجون تعمير ڪرڻ نهايت ضروري

انهيءَ سلسلي ۾ سنڌو دريا تي، سکر، غلام ۽ تونسه بيراج کان پوءِ هينئر گدو بٿراج ڪشم هنڌ تي تعمير ٿي رهي آهي. انهيءَ بٿراج جي ڇهويه لک ايڪڙ علاقو آباد ٿيندو. هن بٿراج اڏاوت تي ستيتاليه ڪروڙ پنج لک روپيا خرچ ا تازو پهرين مارچ ۱۹۶۳ع تي هن بٿراج جو صدر پاڪ فيلڊ مارشل محمد ايوب خان افتتاح ڪيو آهي.

منهنجو کڙو قصور ؟

ن :- تون ڪٿي آهين ؟

ق :- تنهنجي اکيان موجود، جنهن کي سماج ڪفن چور بنايو

ن :- نه نه ! تون ڪڏهين به ڪفن چور نٿو سگهين

ق :- تون سماج جي ليڪيدارن سان ٽڪر نه لڳائي

ن :- اهي سماج جا ليڪيدار نه ڪفن چور آهن،
جي بيگناهه انسانن جو خون چوسي پنهنجون
ٽجوريون پري رهيا آهن ..... !

ق :- مگر منهنجو انهي ۾ کڙو قصور ...؟
ڪفن چور ڪير آهي؟ قصور ڪنهن جو آهي؟
اهو معلوم ڪرڻ لاءِ سماجي ناول پڙهو

”ڪفن چور“

قيمت :- ۽ روپيا پنجاهه پئسا

پڪو جلد خوبصورت ٽ رنگو ڪور

ملڻجو پوسات پبليڪيشن ڏلهار (ويست پاڪ)

مفاصلو

ڪاب اهميت نٿو رکي،

جڏهن اوهان وٽ بهترين ڪار لٽي ۽ ڏي

رستم

سائيڪل آهي

اوهان کي باهرين سائيڪلن جو انتظار نه ڪرڻ گهرجي،
مشهور ۽ معروف، پائدار ۽ تيز رفتار رستم سائيڪل
هر نڊي وڏي شهر ۽ ڳهٽايل اکهن موجب عام ملڻ
واري شيءِ اچي رهي آهي !

شعراء ڪرام کي گذارش

مڪتبهء فروغ ادب جو هڪ نهايت اهم ۽ يادگار ڪتاب

”جديد شعراء سنڌي“

زير ترتيب آهي ، جنهن ۾ ڪراچي ، سنڌ ۽ پارت
ي وڏن توڙي ننڍن اڻڪل ٻن سون شاعرن جو ڪلام ،
صل تعارف ۽ فوٽو نهايت اهتمام سان پيش ڪيا ويندا .
درحقيقت پنهنجي نوعيت جو هي پهريون ڪتاب
ڏندو ، جنهن مان ايندڙ دور جا نقاد ۽ تاريخ لکندڙ
وڪي دور جي شاعري جي معيار ۽ علمي شعور جو صحيح
ازو لڳائي سگهندا . اڄوڪي دور جي تاريخي ۽ تحقيقي
ا ۽ تحفة الڪرام کي جوسرتبو حاصل آهي . هن ڪتاب کي
ڪ بي مثال ادبي دستاويز بنائڻ لاءِ زبردست ڪوششون
ي آهن . انڪري جملي سنڌي شعراء ڪرام کي
دعا ڪجي ٿي ته هو مهرباني ڪري پنهنجو تازه ڪلام
صل تعارف ۽ فوٽو جلد از جلد ڏياري موڪلين .

وڌيڪ معلومات لاءِ لکپڙهه ڪريو :

مڪتبهء فروغ ادب

پوسٽ باڪس ۳۰۲۳ ڪراچي -۲

مقصد الاسلام
هن مشهور ۽ مقبول ڪتاب ۾ منڌي سنڌي نظر
ه، دُنيا جي شرعات، شيطان لعين جي پيدائش ۽ حضرت
آدم عليه السلام ڪان وٺي رحمة للعالمين سرور ڪونين صلي الله عليه وآله وسلم
جي زمانه بابرڪت تائين مرسلين عظام، انبياءِ ڪرام
۽ سندن قومن جا حالات؛ نافرمانن ڪافرن ۽ مشرڪن
ي عبرت انگيز عذاب الٰهي، سندن مڪمل هلاڪت ۽
بربادي ۽ انبياءُ ڪرام ۽ ايمان آڻيندڙن جي فتح ۽ نجات
۽ انهن جي پاڪيزه زندگيءَ جا حالات تفصيلوار ۽ دلچسپ
طريقي سان بيان ڪيا ويا آهن. ڪتابت، ڇپائي ۽ جلد تمام عمدہ
شاندار ۽ نفيس ڪائي وئي آهي. هديه في جلد ۸ روپيا.
ملڻ جو مند
عباسي ڪتبخانه، جوناماركيٽ ڪراچي

سنڌي ادبي بورڊ

"ادب قوم جو سرمايو آهي"

ادب مان فائدو حاصل ڪرڻ ۽ ان کي وڌائڻ هر هڪ اهل زبان جو قومي فرض آهي

"سنڌي ادبي بورڊ" طرفان مستند ۽ معياري ڪتاب پاڻ پڙهو ۽ ٻين کي پڙهڻ جي ترغيب ڏيو. چونڊ ڪتابن جا نالا ۽ قيمتون هيٺ ڏنل آهن، جي بورڊ جي ڪ اسٽالن تان دستياب ٿي سگهندا. مڪمل تفصيلوار فهرست، گهر ڪرڻ تي، مفت مهيا ڪئي ويندي.

١- آفتاب ادب حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ٢٥-٢
٢- حيات النبي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي ٥٠-٣
٣- سنڌي هوليءَ جي تاريخ پيرو مل مهر چند آڏواڻي ٠٠-٤
٤- قديم سنڌ پيرو مل مهر چند آڏواڻي ٥٠-٥
٥- ٽئلسمن :- عرف غازي صلاح الدين :- ساڏو هيرانند ۽ پيرو مل مهرچند آڏواڻي ٢٥-٢
٦- گل شڪر :- ديوان ڪيولرام آڏواڻي ٠٠-٣
٧- گل :- ديوان ڪيولرام آڏواڻي ٢٥-١
٨- هدايت الانشاء هدايت الله "مشتاق" ٠٠-٥
٩- ديوان قليچ. ميرزا قليچ بيگ ٠٠-٧
١٠- چندن هار. ميرزا قليچ بيگ ٠٠-٩
١١- دلارام- ميرزا قليچ بيگ ٠٠-١
١٢- زينت- ميرزا قليچ بيگ ٠٥-٢
١٣- گلن جي ٽوڪري - ميرزا قليچ بيگ ٢٥-٢
١٤- ٽي گهر- ميرزا قليچ بيگ ٥٠-٣
١٥- سچي محبت - ميرزا قليچ بيگ ٥٠-٢
١٦- نيڪي ۽ بدي ميرزا قليچ بيگ ٥٠-١
١٧- شاهه ايليا ميرزا قليچ بيگ ٠٠-٢
١٨- فيروزدل افروز. ميرزا قليچ بيگ ٥٠-١
١٩- گليور جو سير. ميرزا قليچ بيگ ٥٠-١
٢٠- تحفة النسوان ميرزا قليچ بيگ ٠٠-٢
٢١- مقالات الحڪمت. ميرزا قليچ بيگ ٥٠-٢
٢٢- خودياوري. ميرزا قليچ بيگ ٥٠-٣
٢٣- دلپسند قصا. ميرزا قليچ بيگ ٠٠-٣
٢٤- باغ ۽ باغباني. ميرزا قليچ بيگ ٠٠-٥
٢٥- شيطان جي ناني. ميرزا قليچ بيگ ٥٠-٠
٢٦ ٽي ديو يا راڪاس. ميرزا قليچ بيگ ٣٧-٠
٢٧- واڪو وعذرا. ميرزا قليچ بيگ ٣٧-٠
٢٨- حسنا دلدار. ميرزا قليچ بيگ ٥٠-١
٢٩- سنڌي گرامر (پاگو ١) ميرزا قليچ بيگ ٢٥-١
٣٠- سنڌي گرامر (پاگو ٢) ميرزا قليچ بيگ ٧٥-١
٣١- سنڌي گرامر (پاگو ٣) ميرزا قليچ بيگ ٢٥-٢
٣٢- سنڌي گرامر (پا ميرزا قليچ بيگ
٣٣- غلامي ءَ مان مڻ ميرزا قليچ بيگ
٣٤- شهزادو بهرام ميرزا قليچ بيگ
٣٥- عجيب ڪالهيون ميرزا قليچ بيگ
٣٦- ايرڪ- ميرزا قلي
٣٧- جولئس هوم ميرزا قليچ بيگ
٣٨- سائين ءَ سنوار يا ماريا- ميرزا قليچ بيگ
٣٩- حاجي بابا اصفها ميرزا قليچ بيگ
٤٠- عجيب طلسم. ميرزا قليچ بيگ
٤١- نيلو پڪي. ميرزا قليچ بيگ

پنجويهن رپين يا وڌيڪ قيمت جي ڪتابن جي خريدارن کي ٢٥٪ ڪميشن ڏني ويندي.
وڌيڪ معلومات لاءِ خط و ڪتابت ڪريو :—

سنڌي ادبي بورڊ جو بڪ اسٽال،

(١) ٣، سول لائينس، حيدرآباد (سنڌ) (٢) ڪوئينس روڊ، سکر (٣) اولڊ سنڌ اسيمبلي بلڊنگ، بندر روڊ، ڪراچي











اوپر پاکستان

نرمل ندين ۽ بهادر مانجهين جو ديس، جن کي ڏينهن رات
طوفانن ۽ موجن سان مقابلو ڪرڻو پوندو آهي.

★ "اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچيءَ پاران" ★

برصغير پاڪ و هند جي

مسلمانن جي مڪمل تاريخ

چا تو هان کي معلوم آهي ؟

تہ برصغير پاڪ و هند ۾ مسلمان ڪڏهن آيا ؟ ڪهڙن رستن کان آيا؟ برصغير پاڪ و هند ۾ انهن ڪهڙا ڪهڙا عظيم الشان ڪارناما سر انجام ڏنا. مسلمانن برصغير پاڪ و هند ۾ سياست، ادب، فن تعمير موسيقي، ملکي سڌارن ۽ عوام جي ڀلائي لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ڪوششون ڪيون. انهن حقيقتن کي معلوم ڪرڻ لاءِ توهانکي سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون دفعو

"برصغير پاڪ و هند جي اسلامي تاريخ"

مڪمل هڪ ئي جلد ۾ ملندي. انهيءَ ڪتاب ۾ توهان کي ۷۱۱ع ۾ محمد بن قاسم جي آمد کان موجوده دور حڪومت تائين، برصغير پاڪ و هند جي مسلمانن جي سادين ۽ رهن سهڻين جو مڪمل احوال هڪ هنڌ ملندو : هيءَ ڪتاب پنجن سون صفحن کان وڌيڪ ضخامت جو آهي. چپائي عمده اعليٰ درجي جي، ڪيٽ اپ لاجواب، ٽائيٽل ڪور ٽرنگو.

قيمت فقط نو روپيا ڏيڍسا.

ملڻ جو هنڌ :—

۱- اردو اڪيڊمي سنڌ، ڪراچي يا "ڪتاب ايجنسي"، ٽنڊو جاڙهي، حيدرآباد

چاپيندڙ :— سيد ايم. اي. صديقي "انٽرنيشنل پريس"، ميڪلوڊ روڊ، ڪراچي،
شايع ڪندڙ : پاڪستان پبليڪيشنس، پوسٽ باڪس ۱۸۳ ڪراچي، (ايڊيٽر: عبدالواحد سندي)